ضيا

انڪ ٥-٦ ٽماهي ادبي رسالو جولاءِ-ڊسمبر ١٩٩٩

سنڌي ادب جي جوت سدائين روشن تجليدار رهي



شري پرسرام ضيا صاحب

تون ٻل ڏي، ٻڌي ڏي، اکٽ گيان ڏي،
سمت، شانتي، آيوءَ سندو دان ڏي،
تون مڪتي ڏي، سک ڏي ۽ سنمان ڏي،
پنهنجي ڌرم جي لاءِ سوَمان ڏي،
مهاداني آهين، ٻکاري اسين
نہ پڳوان ڏيندي ڪڏهن تو ٿڪين.

پرسرام ضيا

رگويد-رِچا

-: پرڪاشڪ :-

ضيا ساهتيہ مالها، اُلهاسنگر - 421003 Tel. : 549027

حال حقيقت

پرڪاشڪ طرفان

ضيا رسالي جو هيءُ انڪ شايع ڪندي اسانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي. هيءُ نماڻي نسوارت ساهتيڪ شيوا ڪندي اسانکي ڪيترائي قربدارن جا قرب پريا همٿائيندڙ-شڀ ڪامنائن جا خط پهتل آهن، ڪيترن مترن پنهنجي نيڪ ويچارن جي نوازش ڪئي آهي انهن سيني جا اسين تهدل شڪرگذار آهيون. ڪيترن ساهتيڪارن اسان کي پنهنجون رچنائون موڪليون آهن. انهن مان ڪجهه اسان هن انڪ ۾ شايع ڪري رهيا آهيون. باقي رهيل رسالي جي ايندڙ انڪ ۾ اسين ڪين جوڳي جاءِ ڏيندا سين. ضيا صاحب جي پرلوڪ پڌارجڻ جو ڏينهن ۲۱ ورسي ۲۸ آڪٽوبر ۱۹۹۹ تي آهي اُن شڀ موقعي جو ڌيان رکندي اسان هيءُ انڪ ڊبل سائيز ۾ ۵ ۽ ٦ انڪ جي مد نظر رکيل پروگرام سندن ياد ۾ پيڪيدار روپ ملهائيندا سين. اُن شڀ ڏينهن تي مهورت ڪرائيندا سين. اُميد تہ پاٺڪ اسان جي هن ڀاونا جو دلي سواڳت ڪندا. اسان جي هيءُ شيوا قبولي هيءُ پنهنجو ڪاريہ سمجهي هر طرح جو سهڪار ڏيندا.

ڪيترن شيچنتڪن اسان کي ڪجهہ مالي سهڪار ڏنو آهي. ساليانو ۽ حياتي پر جو چندو موڪلي اسان جو اُتساه وڌايو آهي هيءُ ڪاريہ اڄان وڌيڪ دلچسپ رهي اُن لاءِ سندن پورن سهڪار ملندو رهندو اهڙي خاطري ڏني آهي. ڪن مترن اشتهار موڪلي اسان جو ڪجهہ مالي بوجهو هلڪو ڪيو آهي. انهن سيني جا اسين آڀاري آهيون.

صلاحڪار ڪاميٽيءُ جي ميمبرن ۽ اسانجي هن رسالي جي سمپادڪ شري منوهر بيدي صاحب جن جا پڻ شڪر گذار آهيون جن جي پورن نسوارت سهڪار ملڻ سان اڳتي قدم وڌائڻ جا اسين اڌڪاري بڻيا آهيون. ڌنيواد.

نارائڻ پرسرام ضيا
(پرڪاشڪ)

ضيا پريوار طرفان

سمرپڻ

ضيا (ٽماهي) جو گڏيل انڪ ۵-٦ سڪ
۾ سنيهه سان سمرپڻ ڪجي ٿو. آمريڪا ۾ رهندڙ
سنڌي ساهتيه جي پريمي، ادب-نواز، ساهتيه
۽ ساهتيڪارن ڪي دلوجان سان پيار ڪندڙ،
همت افزائيءَ جي زنده تصوير ۽ هر ڪنهن
ڏانهن مدد جا هٿ وڌائيندڙ.

شري موتيلال ٻٽاڻي

کي ڀڳوان شل ڪيس تمام تمام لنبي عمر
بخشي ۽ سدائين صحتمند رکي.

پيومڪا

هڪ پراڻي چوڻي آهي تہ 'سکڻ' جو بهترين طريقو 'ڪرڻ' آهي. لکڻ سکڻ چاهيو ٿا تہ لکو. اسڪرپٽس لکڻ جو ڏانءُ سکڻ چاهيو ٿا تہ اسڪرپٽس لکو. ڪافي وقت، ڪافي صبر، ڪافي اڀياس هڪ اڻڄاڻ ۽ نول کي بہ اڳتي وڌڻ ۾ ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اڀياس جي برابر نہ ڪوئي پاشڻ آهي، نہ سڏانتن جي ڄاڻ آهي ۽ نہ وري ڪي پستڪ ئي آهي.

ڪائي ڪلا سکڻ ۾ لياقت جو بہ وڏو هٿ رهي ٿو. اسان مان ڪن وٽ ڄائي ڄم کان ڪي قدرتي اندريون لياقتون هونديون آهن. انهن اندرين لياقتن جي سهاري ماڻهون ڪنهن بہ ڪاريہ ۾ سولائي سان دسترس حاصل ڪري سگهي ٿو.

گهڻو سوچڻ ۽ منووئگيانڪ اسٽتين تي مغزماري ڪرڻ کان بهتر آهي پاڻ کي مڪمل طور سيڪرات ۽ نول سمجهي ڪلا يا هنر کي سکڻ ۾ دت چت ٿي لڳي وڃجي.

ڪائي بہ ڪلا سکڻ لاءِ ان ڪلا جي اوزارن (ٽولس) جي ڄاڻ هئڻ تمام ضروري آهي. ان کان پوءِ وارو ٿو اچي انهن اوزارن کي استعمال ڪرڻ جو. اهو استعمال ئي اڀياس آهي. اهو استعمال اهو آڀياس ئي لکندڙ کي سيڪرات مان استاد بڻائي ٿو. بهترين سکڻ جي چڪر ۾ ڪنهن کي بہ اصل نہ اچڻ گهرجي ڇو تہ بهترين لفظ هڪ چالباز ۽ حرفتباز اِستتي/ حالت جو نالو آهي.

اسڪرپٽ لکندڙ کي 'نہ' ڪڏهن بہ نہ چوڻي آهي. هن کي هر وقت پنهنجيءَ لکيل اسڪرپٽ ۾ ردوبدل ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. آخر بہ اسڪرپٽ ڇپجڻ لاءِ نہ ئي لکي وڃي بلڪ ان مقصد لاءِ لکي ٿي وڃي تہ اُن جي آڌار تي ڪائي ويڊيو فلم / فيچر فلم تيار ڪئي ويندي.

ست اهم شيون

هڪ اسڪرپٽ رائيٽر کي ڇا گهرجي ؟ مختصر ۾ جواب ڏجي تہ ست شيون گهرجن. انهن ستن شين ۾ عادتون بہ شامل آهن تہ مشڪلاتون بہ شامل آهن.

’اِسڪرپٽ رائيٽنگ ڪلا‘ جي ڀومِڪا

هڪ سمپادڪ لاءِ سمپادڪيہ لکڻ ڪو ضروري فرض ڪونہ آهي جيڪڏهن هن وٽ چوڻ لاءِ ڪا خاص ڳالهہ، ڪو خاص سنيهو يا ڪي خاص سبب نہ آهن تہ. جيتوڻيڪ مون وٽ چوڻ لاءِ، ٻڌائڻ لاءِ، سمجهائڻ لاءِ ڪافي ڪجهہ آهي پر ان هوندي بہ منهنجي دلي خواهش آهي تہ هي صفحا مان ڪنهن تخليقي فرض ادائيءَ ۾ صرف ڪريان.

پيش آهي ’اِسڪرپٽ رائيٽنگ - ڪلا‘ جي ڀومِڪا.

مونکي ڪي بار-بار ياد ايندي آهي ستيجيت ري سان وابستہ هڪ گهٽنا. فلم اِسڪرپٽ رائيٽر لکي آيو - ’ان وقت هو ڪرتي جي کيسي مان ڪجهہ روپيا ڪڍي سامهون بيٺل شخص جي طرف وڌائي ٿو.‘ ستجيت ري ليکڪ کان پڇيو - ”ڪرتي جي ڪهڙي طرف واري کيسي مان ؟ ڪابي پاسي واري يا ساڄي پاسي واري ؟ کيسي مان فقط نوٽ ڪڍيائين يا فقط سِڪا ڪڍيائين يا ٻنهي قسمن جي ڪرينسي ؟“

اِسڪرپٽ رائيٽنگ - ڪلا جي ڄاڻ ليکڪ جي پروجيڪشن پاور کي بيحد وڌائي ڇڏي ٿي ۽ هوُ هرڪا گهٽنا پنهنجي اکين جي سامهون ٿيندي ڏسي ٿو ۽ پوءِ ڪاغذ تي اُتاريندو وڃي ٿو.

در اصل يوگ-ساڌنا طرف اهو ڀهريون ۽ اهم قدم پڻ آهي ۽ در اصل سچو رچناڪار هڪ يوگي آهي جنهن جي ڪلپنا-سنسار ۾ ڪيترن ئي وشين، ڪيترين ئي گهٽنائن ۽ ڪيترين ئي ڪلائن جا يوگ (ميل ميلاپ) ٿيندا رهن ٿا. پر، ان منزل تائين، پهچڻ لاءِ رچناڪار کي سنسار جي انيڪ لوڀن ۽ لالچن کان ڪافي مٿي اُٿڻو پوندو يا اُنهن ڏانهن نرلپت ڀاوَ سان نهاري پنهنجي ڪاريہ ۾ لڳي وڃڻو پوندو.

دوستو، ڪوئي ائين ڪري سگهي تہ ڪري، ورنا هرڪا شيءِ هر ڪنهن لاءِ ڪونہ هوندي آهي ۽ وري ضروري آهي ڇا تہ سڀ منزلون هڪ جنم ۾ ئي طئہ ٿي وڃن ؟ آخر ڪوئي تہ بنياد، ڪوئي تہ آڌار آهي جنهنجي سهاري اسان هندن پنر جنم جي ڪلپنا ڪئي آهي .... اوڪي، ناؤ ريڊ اَئن اِنٽروڊڪشن ٽو دي آرٽ آف اِسڪرپٽ رائيٽنگ.

اسڪرپٽ رائيٽر دماغ ۾ هڪدم سوال پئدا ٿيندو : نيڪ آهي پر پئسا رکندو ڪٿي هو؟ دبلي ۾ ؟ ڪبٽ ۾ ؟ خاني ۾ ؟ ڪنهن خاص لڪيل جڳهه تي ؟ اهو سڀ صاف صاف لکٽو آهي.

هڪ اسڪرپٽ رائيٽر ڪي نه فقط ائڪشن لکٽي آهي بلڪ موومينٽ به لکٽي آهي ۽ بلڪل تز پوزيشن پڻ لکٽي آهي.

اسڪرپٽ رائٽنگ جي ڄاڻ رکندڙ ليڪڪ هميشهه هيئن لکندو : هو ٿوڙا ٿوڙا پئسا بچائي ويندو هو دبلي ۾ رکندو ۽ دبلو سدائين لوهه جي پيٽي ۾ سوگهو ڪري رکندو هو.

ان جانڪاريءَ کي اسڪرپٽ فارم ۾ سؤلائيءَ سان آٿي سگهجي ٿو.

(هو ڪجهه سڪا ڳٽيندو اڳتي وڌيتو. اوڪڙون ويهي ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل هڪ لوهه جي پيٽيءَ مان ڦلڪي جي گولائيءَ جيترو گول اسٽيل جو دبلو ڪڍيتو ۽ ان جو ڍڪڻ کولي ان ۾ پئسا وجهي، ڍڪڻ بند ڪري، دبلو واپس لوهه جي پيٽيءَ ۾ رکي ڇڏيو. ڪجهه دير خالي خالي نظرن سان پيٽيءَ طرف نهاري ٿو ۽ پوءِ ٻنهي هٿن سان پيٽيءَ کي ڀت سان لڳائي اُٿي ٿو ۽ ڪمري جي کابي پاسي پيل کٽ تي ليٽي پويٿو)

اسڪرپٽ لکندي، پاتر جي چرپر جو بيان ڪندي ڪندي ڪڏهن ڪڏهن پاتر جي منهن مان چوائڻ جهڙا برجستا ڊائلاگ به ليکڪ کي اُتي جو اُتي ملي ويندا آهن. ان حالت ۾ ليکڪ اُهي سنواد به اُتي لکندو ويندو آهي ته هن درشيه ۾ سنواد ڪجهه هن قسم جا هئڻ گهرجن.

ويڊيو يا فيچر فلم ۾ ڪڏهن ڪهاڻي هڪ جي هوندي آهي ته ان جي اسڪرين پلي ٻيو تيار ڪندو آهي ۽ ڊائلاگ وري ڪنهن ٽئين شخص جي حوالي ڪيا ويندا آهن.

ان ڪري هر ڪو شخص پنهنجو ڪاريه ڪندي ٻئي شخص لاءِ ڪي اِشارا ڇڏيندو ويندو آهي. پر جيڪڏهن هڪ ليکڪ جي حوالي اهي ٻئي ڪم يعني اسڪرين پلي (پٽ ڪٿا) ۽ سنواد لکڻ هجن ته به هو پنهنجيءَ يادگيري لاءِ ڪاغذ جي هڪ طرف ڪي اِشارا، ڪي سجهاوَ، ڪي نقطا نوٽ ڪندو ويندو آهي. ڪڙوڙن جي لاڳت واري ڪم جو جنهن شيءَ تي بنياد رکجٽو هجي، اُتي بيحد خبرداري اَزحد لازمي آهي.

اُهي ست شيون هي آهن.

١- فؤلادي پني جيڪا نہ ٽڪجي ۽ فؤلادي دل جيڪا ڪڏهن بہ شڪست قبول نہ ڪري.

٢- ڪنهن بہ وشيہ ۾ دلچسپي وٺي سگهڻ جي شڪتي يا عادت ۽ دلچسپي بہ وڏ ۾ وڏ ڏهن منٽن جي عرصي ۾ وٺڻي آهي ۽ ان وشيہ تي ايمانداري سان سوچڻ شروع ڪري ڇڏڻو آهي.

٣- بيحد آتم وشواس ۽ آتم سنتوش، ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ هنڌ ۽ ڪٿي بہ خودداري کي ضربيندڙ دڪ سهڻ جي شڪتي ۽ پوءِ بہ کلندو رهڻ ۽ سخت ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ واري روحاني طاقت.

٤. بهترين ڪچي مال مان، بهترين چيز طعام تيار ڪرڻ جي طاقت ۽ لياقت پوءِ چاهي قدم قدم تي ئي دل ۾ اعتراض اُٿن ۽ سامهون رڪاوٽون اچن.

٥. پنهنجيءَ لياقت کي بهترين نموني استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ هئڻ تمام ضروري آهي. بهترين ڪچي مال مان بهترين چيز بڻائڻ جو جادو هڪ اسڪرپٽ لکندڙ ۾ هئڻ لازمي آهي.

٦. محڪم ارادو - پڪو نشچيہ !

٧. اسڪرپٽ رائٽنگ جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ ۽ ٽڪنيڪي ڳالهين ۽ اوزارن جي مڪمل ڄاڻڪاري.

پر ائين نہ سمجهيو وڃي تہ انهن ڳالهين جي ڄاڻ يعني مڪمل ڄاڻ. سدائين ياد رکڻ گهرجي تہ اسڪرپٽ رائيٽر هئڻ هڪ ڳالهہ آهي پر ڪامياب اسڪرپٽ رائيٽر هئڻ بلڪل الڳ استٿي آهي.

ڇا اسڪرپٽ رائيٽنگ جي ڄاڻ هڪ ليکڪ جي رچنائن ۾ ڪوئي فرق آڻي ٿي ؟ ضرور آڻي ٿي. ان ڪلا جي ڄاڻ ڪهاڻيءَ ۾ روچڪتا آڻي، لفظن ۾ جان وجهي بيان کي جاندار بڻائي ٿي. پاڻڪ خود بہ درشيہ کي پنهنجي اکين جي سامهون پروجيڪيٽ ٿيندو، نمودار ٿيندو، اُيرندو ۽ هلندو چلندو محسوس ڪريٿو. اُهي ننڍڙين ننڍڙيون ڳالهيون جيڪي هونئن معمولي حالت ۾ جيڪر ليکڪ جي ڪلپنا ۾ بہ نہ اچن يا ڌيان مان ترڪي وڃن، اُهي ڳالهيون، اُهي حالتون، اُهي حرڪتون اِسڪرپٽ رائيٽر جي نظر کان بچي ڪونہ سگهنديون.

ليکڪ لکندو : هوُ ٿوڙا ٿوڙا پئسا ويندو هو جمع ڪندو.

ڪائي سٺي صلاح ملي ٿي تہ ڦير گهير ڪرڻ ۾ ڪوئي حرج ڪونہ آهي.

اسڪرپٽس رائيٽر هڪ ليکڪ يا شاعر وانگر فقط ڪلپنا وهاري نہ ٿو ٿي سگهي. اِسڪرپٽس فلمن لاءِ لکيون ٿيون وڃن. فلمون عام جنتا لاءِ آهن. ان ڪري اِسڪرپٽ جيترو عام جنتا جي سمجهہ جي دائري جي ويجهو هونديون، اوتروئي ڪامياب رهنديون.

هڪ اسڪرپٽ رائيٽر کي سدا سجاڳ رهڻو آهي. هو گهمي ۽ جاچي ڏسي تہ عام ماڻهون ڪوئي ڪم ڪئين ٿا ڪن ۽ ڪيئن ٿا جذبات جو اظهار ڪن. هڪ ڪامياب اسڪرپٽ رائيٽر اکثر پاترن جي چرپر ۽ گفتگو (موومينٽس ائنڊ ڊائلاگس) عام ماڻهن وٽان ئي پراپت ڪندو آهي.

هڪ سؤلو طريقو

منتر ڪنهن شڪتيءَ جو نچوڙ هوندو آهي. ٺيڪ ان طرح اسڪرپٽ رائيٽنگ جو ڪم سؤلو ڪرڻ لاءِ هڪ منتر جي رچنا ڪري سگهجي ٿي. پر هي منتر ڪجهہ الهدي صورت وارو هوندو ۽ چڱيڙو لنبو بہ ٿي ويندو.

- سوچيو
- سوچ کي ڪلپنا ۾ پنهنجي سامهون اسٿول روپ ۾ ٿيندو ڏسو.
- ڪلپنا ۾ جيڪو ڏسو، اُهو لکو (اها ٿي ائڪشن)
- ۽ ڪن حالتن ۾ ڪلپنا ۾ جيڪو ٻڌو، اُهو لکو (اُهو ٿيو ڊائلاگ)

اهو آهي اسڪرپٽ رائيٽنگ جو مول منتر.

(۱۲/۱۲ سيپٽمبر ۱۹۹۹)

(ايندڙ انڪ ۾ فلم جي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ ڪجهہ جانڪاري ڏني ويندي. آخر ۾ ڪهاڻي هڪ خيالي دستاويز آهي تہ ڪي ڪالپنڪ پاتر زندگيءَ سان، پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿا نهڪائن. ڪائي بہ ڪهاڻي ڪنهن بہ انسان جي حقيقي ۽ سوجهو ڪهاڻي نٿي ٿي سگهي. هر ڪهاڻيءَ ۾، هر پاتر جي جيون ۾ ڪجهہ جوڙيو ڪجهہ ڪٽيو ضرور وڃيٿو. مان جيڪڏهن پنهنجي پٽ تي بہ ڪهاڻي لکان تہ اُن ۾ بہ ڪجهہ جوڙيل ڪجهہ ڪٽيل ضرور هوندو ڇو تہ آخر بہ منهنجو پٽ 'مان' کان الڳ هستي رکي ٿو.)

عام ماڻهو جيڪا ويڊيو يا ٽي.وي. يا فيچر فلم ڏسيٿو ان جي ڪها
ڪن دؤرن مان گذري پوءِ ئي فلم جو روپ اختيار ڪري ٿي.

سڀ ڪان اول چونڊيل ڪهاڻيءَ جي اسڪرين پلي (پٽ ڪٿا) تيار ڪر
پوندي آهي. اسڪرين پلي يعني ڪهاڻي کي درشين ۾ ورهائڻ. فيچر فلم
عام طور ۷۵ کان ۱۰۰ جي درميان درشيه هوندا آهن. هڪ درشيه کي ٻئي س
ملائڻ لاءِ ڪئميرا جو اپيوگه ڪيئن ٿو ڪجي اهو به درشيه جي انت ۾ ل
آهي. مثال طرو، ڪٽ ٽو، ڊسولو ٽو، مڪس انٽو، وغيره وغيره. فلم جو ه
واقعو (سيڪينس) ڪن درشين ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ واقعي جي شروعات
لکبو آهي. فيڊ ان ۽ خاتمي تي لکبو آهي. فيڊ آئوٽ، باقي ڪٽ ٽو، وغيره
جي وچ جون اسٽتيون آهن. اڄ ڪلهه سڀي فلم ڪٽ ٽو ڪٽ به ٺهائي وي
ٿي.

اِسڪرين پلي لکڻ وقت ليکڪ کي اهو به ڏيکارڻو آهي ته ڪوئي درش
شروع ڪيئن ٿو ٿئي. مڃيل ۽ واپريل طريقو اهو آهي ته ڪئميرا ڪنهن شي
تي ڪلوز ڪري پوءِ پوئتي هٽائجي جئين سڄو درشيه اکين جي سامهون اچ
وڃي. ڪٽي ڪٽي وائڊ شاٽ سان سڄي درشيه کي ڪٽي پوءِ خاص شيءِ ت
ڪئميرا ڪلوز آڻي سگهجي ٿي. مطلب ته اسڪرين پلي لکڻ وقت ڪئمي
جي ڪنڊن جو ڪجهه ڌيان ليکڪ کي رکڻو پوي ٿو. جيتوڻيڪ شاٽس جا ڊيٽيل
وري شوٽنگه اسڪرپٽ ۾ مارڪ ڪيا ويندا آهن. اسڪرپٽ لکڻ وقت ڊائلا
جي طور طريقي چاهي لکجي جو به ڪجهه ذڪر ڪبو آهي.

آخرين دؤر اهي ڊائلاگه لکڻ جڏهن ڊائلاگه (سنواد) لکجي پورا ٿي وڃ
ته چئبو هاڻي اسڪرپٽ مڪمل آهي.

پوءِ ڊائريڪٽر آف فوٽوگرافي اسڪرپٽ جي حاشئي تي شاٽس ج
مارڪنگه ڪندو آهي.

منهنجو پنهنجو شخصي رايو اِهو آهي ته اسڪرپٽ ۾ ڦير گهير ڪرڻ
ڪائي برائي ڪونه آهي. دراصل اسڪرپٽ رائٽنگه هڪ لچيلو ڪم آهي. ان
ڪڏهن به، ڪٽي به، ڪهڙي به قسم جي رد بدل ڪري سگهجي ٿي. ۽ ا
ضروري به آهي. ڇو ته هڪ ڪوتا يا ڪهاڻي لکڻ وانگر فلم ناهڻ ۾ فقط ه
شخصي جو دماغي پورهيو ڪونه ٿو رهي. اڪيچار ماڻهون دل ۽ دماغ لڳائڻ ت
ڪم ڪن ٿا. تڏهن هڪ فلم مڪمل ٿئي ٿي. ان حالت ۾ نرماڻ جي دؤران ج

بيوسيءَ وچان گهٽيءَ ۾ اچ وڃ ڪرڻ لڳو، هڪ عجيب پيڙا جي احساس هيٺ ڳڻي ٿي رهيو هو. سندس بيحد انتظاريءَ جو احساس ڪندي هڪ پاڙيسريءَ کلي کيس آٿت ڏيندي چيو، ”هيءُ بنا پئسي ’ناٽڪ‘ هر روز ٿيندو آهي. تون اڄ نئون آيو آهين، هري ويندين.“ ۽ پوءِ ڏند ٽيڙي کلڻ لڳو. سڌير ائين محسوس ڪيو ڄڻ هو سندس دل جو راز ڄاڻي هن تي ٺٺ مذاق ڪري رهيو هو.

انهيءَ رات هن هڪ خواب ڏٺو:

هڪ ويران ۽ سنسان رڻ پٽ ۾ هڪ استري وار کولي برپٽ ۾ ڊوڙيندي ٿي وڃي. جر - ٿر، جهنگ جبل جي ڏاڍاين جو فڪر ڪونه هوس. هڪ ئي واڻي وات هئس:

”پهرين تون پاريج - پارڻ پوءِ پنهنءَ تي.“

هڪ ڪنڌ مان اوچتو وچ جو چمڪاٽ ٿيو ۽ اونداهيءَ مان هڪ شخص نڪري نروار ٿيو. هيءُ اجنبي ۽ اديت شخص استريءَ ڏانهن وڌيو. استريءَ هراسجي خوفناڪ چيخ ڪئي، جنهن تي ڌرتي ڌڏي ويئي... خوفناڪ زلزلي جو درشيہ سڌير جي اکين اڳيان اُڀري آيو... هن ڏڪٽيءَ ۾ اکيون کوليون. ٻاٽ اونداهي جو راڄ ۽ ڪتن جو منحوس اونائڻ جو آواز ٻڌي اکيون پوري ڇڏيائين...

....

صبح جو اکيون مهٽي اُٿيو ۽ جئن ئي پهرين نظر دريءَ مان ٻاهر اُڇليائين تہ سامهون در وٽ بينل مرڪندڙ پاڙيسرڻ کي وار سنواريندو ڏسي، دل تي هٿ رکي زور سان ڀچندڙ - هن احساس ”مشڪ جي نڪري“ جي رفتار تي روڪ وڌائين. هيءُ ڏوپ - ڇانوَ جو سلسلو ڪجهہ عجيب اهڃاڻ ڏيڻ لڳس. پنهنجي بينڪ جو دروازو کوليائين تہ سامهون گهر جو سمورو نظارو ڏسڻ ۾ ٿي آيس. گهرن جو نمونو هڪ سريکو هو. اگر آمهون سامهون گهرن جا دروازا کليل هجن تہ آرپار گهر جي هر وستوءَ تي ۽ رهواسيءَ جي چرپر تي نظر پئجي سگهي ٿي: پاڙيسرياڻي پنتي هئي، سامهون پٽ تي لڳل آدم قد آئيني اڳيان بيهي وارن ۾ ڦڻي گهمائڻ لڳي. آرسيءَ ۾ پيل سندس عڪس سڌير کي اٽڪيو ئي، نظر تي آيو. سندس اهڙي هلت تي پاڙيسرڻ کي ڪو سنڪوچ يا اعتراض اُٿيو يا نہ. ان جو ايتري دوريءَ تان، ڌنڌلي عڪس مان اندازو لڳائڻ ممڪن ڪونہ هو، پر سڌير کي سندس اهڙي بيباڪي، ڪجهہ للڪار، ڪجهہ اسياويڪ ۽ ڪجهہ وٺندڙ ضرور لڳي.

صبح جو هڪ تصوير، رات جو ٻي تصوير.. هيءُ سلسلو ائين قائم رهيو

”راڌا، اڃا موهن پرچائي نہ سگهي“ — ڪيرت ٻاٻاڻي

سڌير کي شانتي نگر ۾ آئي کي ڪاڪ مس ٿيا هئا. نئين جڳهہ ۾ ٿي
سهيڙي رکڻ لاءِ جفاڪشي ڪري رهيو هو، جو ڪجهہ ٿڪاوٽ، ڪجهہ عادت
انوسار چانهہ جو خيال ٿيس. پنهنجي ڇوڪري کي چانهہ ٺاهڻ جو حڪم ڏنائين
پر ڪير جو سوال اڃي آڏو بيٺس. ٻاهر نڪري سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ ٻہ چار چڪ
ڏنائين، جئن ڪنهن پاڙيسريءَ کي عرض ڪري. سندس چهري جون ريکائون
پڙهندڙ، سامهون گهر واري پاڙيسرڻ، دروازي وٽ بيهي چيو، ”اوهان کي ڪجهہ
کپي؟“ سڌير سياويڪ هچڪ سان، لڄ لاهيندي چيو، ”چانهہ لاءِ ڪير چڪ
کپندو هو.“ هوءَ بنا ڪڇڻ اندر هلي ويئي ۽ سڌير بنا ترسڻ جي گهر اندر گهڙي
پنهنجي ڇوڪر کي ڪير وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪري، سگريٽ دکائي، پنهنجي
پاڙيسرڻ جي درياه دليءَ تي سچو آنند ماڻڻ لڳو. ڇڙوڇانڊ رهندي، شهر جي
ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڀٽڪيو هو. ٻگڙيءَ جي ڏپ ۽ سياءَ جي آوارگيءَ سبب ڪنهن ٻ
هڪ جڳهہ تي ٻن سالن کان مٿي ٽڪاڻو نہ ڪري سگهيو هو. انيڪ پاڙيسري
ڏنا هئائين ۽ انهن جي سڪ ۽ اُداردليءَ جو مزو ماڻي چڪو هو، پر هر
پاڙيسرياڻيءَ، هن نموني آب حيات لاءِ ڪير چڪي ڏيئي، هڪ اعليٰ رڪارڊ قائم
ڪيو هو، اهڙي خيال کان هو پاڻ کي روڪي نہ سگهيو. دل ۾ چيائين، ”ڪيئن
بہ هجي، اگر هن نگر ۾ ڪي تڪليفون بہ سهٽيون پيئون، تہ بہ هڪ سٺي
پاڙيسرياڻي هئڻ جو احساس انهيءَ ڪوڙاڻ ۾ مٺاس جو اثر ضرور پيدا ڪندو.“

شام جو گهر جي سهيڙ پوري ٿي چڪي هئي. بدن ٿڪ ۾ چوُر چوُر ٿي رهيو
هوس. کاڌي بعد ڪتاب هٿ ۾ کڻي سمهڻ جي تيارين ۾ ئي هو، جو سامهون
گهر مان پرش ۽ استريءَ جي چڪتاڻ جو آواز اچڻ لڳو. شروعات ڪيئن ٿي
هئي، ان جو پتو لڳائڻ ڏکيو هو، پر جلد ئي ٻئي - پرش ۽ استري بلڪل تکي
ڪڙي نوع ۾ هڪٻئي کي مخاطب ٿي رهيا هئا. مرد کاڌي جي پليٽ زمين تي
اُڇلائي ڇڏي هئي ۽ استري رنڌڻي ۾ باقي کاڌو ڦٽو ڪري دروازو ڏيئي وڃي
سمهي هئي ۽ ٻہ ٻار مائٽن جي اهڙي هلت تي هراسجي روئي رهيا هئا. اهو سڀ
سمجهڻ ڏکيو ڪونہ هو، جو سامهون گهر جو دروازو کليل هو ۽ دريءَ مان سڌير
گهر جو واءُ سواءُ لهي ٿي سگهيو. صبح جو پاڙيسرياڻيءَ جو سندس زندگي ۾ هڪ
عجيب آنند جو احساس پئدا ڪيو هو، سو هينئر سندس مک مان نڪل انتهائي
ڪوڙائڻ جي اثر هيٺ هڪ زهريلي ذائقي ۾ بدلجي رهيو هو. ٻي ڀيٽي ۽

سگھيو. مطلب تہ سندس زلفن ۾ پيل سرهاڻ کي سنگهي ٿي سگهيو. ۽ پوءِ اچانڪ هنن جا رستا الڳ ٿي ويا.... هن اسٽيشن طرف رخ رکيو، ۽ سڌير بس اِسٽاپ طرف. اهو نيم ڪيترا ڏينهن چالو رهيو.

اوچتو هڪ ڏينهن صبح جو سڌير ننڊ مان اُٿي نهاريو تہ سامهون پٽ تان آئينو گم ٿي ويو هو ۽ هن بہ پنهنجو آئينو انهيءَ ڪمري مان لاهي اندرين ڪمري ۾ ڪري ڇڏيو.

هڪ منجهند

سڌير، طبيعت جي ڍلائيءَ سبب گهر ۾ موجود هو. پاڙيسرڻ آفيس رواني ٿي چڪي هئي، جنهن جو سواگت پنهنجي اکين جي پنبڻين سان ڪري چڪو هو. فضا ۾ ڪجهہ ٻوسات هئي. من گائون مائون ٿي رهيو هوس. منجهند جو اُس سرائين ڇت کي ڪُوري جو روپ ڏيئي رهي هئي. ٻاهرين دنيا چپ چپات هئي. رکي، رکي ڪنهن وقت ڪانوَ جي ”ٺان ٺان“جو آواز ٻرڇيءَ وانگر جيءَ ۾ چڀي ٿي ويو. اهڙي ٽاڪ منجهند جو سامهون گهر ۾ ٻن شخصن، پرش ۽ استريءَ جو جهيڻو آواز ڪن تي پيس. ايترو جلد پاڙيسرڻ موٽي آئي هوندي، اهڙي اُميد تہ ڪانہ هيس، تڏهن بہ دل ڪان رهيو نہ ٿيس، دريءَ ڪان ليئو پائي سامهون گهر طرف نهاريائين تہ عجب تهائين وڌي ويس. اوچتو سامهون گهر جي درين ۽ دروازي تي پردا لڳي ويا هئا، ڄڻ ڪنهنجي آتما کي پڃري اندر بند ڪيو ٿو ويو!

پر اِسرار ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيس گهر اندر اجنبي نموني ٻن شخصن جي آمد، سس پس، جهڪا ۽ جهيڻا آواز. مهني ٻن جي عرصي ۾ هيءُ اسرار پهريون دفعو ڏٺو هئائين. سامهون گهر جا باشندا، خواهہ انهن جو وهنوار ڪجهہ وچتر هوئي، پر ڏن بدن اهو وڌيڪ وچتر ٿيندو ويو. سڌير جي ڪلپنا اُڏامڻ لڳي -ڇا هيءُ ٻئي اِنسان اُهي آهن، جنکي مان اڳي ڏسي چڪو آهيان؟ اگر ها، تہ هيءَ ناٽڪ جي کهڙي سين شروع ٿي آهي؟ اگر نہ؟ تہ پوءِ هيءُ پرش ۽ استري ڪير آهن ۽ ڪٿان اچي پرگهٽ ٿيا آهن؟ ڀلا جي پرش ساڳيو آهي تہ استري ڪير ٿي ٿي سگهي؟ اگر استري ساڳي پاڙيسرڻ آهي تہ پرش ڪير ٿو ٿي سگهي؟ پوئين ڳالهہ سوچيندي دل ڪجهہ اهڙي نموني ڪڙاهڻ لڳس، ڄڻ ڪجهہ سوادي طعام کائيندي جيڀ کي چڪ پئجي ويو هجي ....

دل جو جلڻ گهڻو وقت چالو رهيس ها، پر نہ، جلد ئي سامهون گهر جو دروازو کليو- پرش ساڳيو، عورت اوپري. باقي شڪ کي دور ڪرڻ لاءِ، سندس

جيئَن زندگيءَ جو ٻيو وهنوار ٻانيم چالو هو. سڌير کي هن جوڙي بابت آهستي آهستي خبر پوڻ لڳي. هر رات، پرش ۽ استريءَ جي وچ ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو هو، سو ''پريم جي کيل'' جو هڪ درشيه هو، جنهن جي انت گهڙيءَ ۾ سڌير کي ٻه پاڳه ادا ڪرڻو هو، تنهن جي ڄاڻ کيس اڳتي هلي پيئي

هڪ صبح

نيم انوسار پاڙيسرڻ آدم-قد آئيني ۾ پنهنجن ڊگهن وارن کي سنواري، هڪ گول ويڻيءَ ۾ بند ڪري چند جهڙي گولائي ۾ ٺاهي، پنهنجي مٿي جي پوئين حصي ۾ ائين لڳائي رهي هئي گويا ڪنهن سوروير حملي کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڍال سنڀالي هجي! سڌير کان بي اختيار نڪري ويو، ''اي ڀڳوان! تلوار ٻه هن جي هٿ ۾، ۽ ڍال ٻه سندس بچاو ۾ ته باقي مون وٽ ڇا رهيو؟

سڌير پنهنجي آرسيءَ اڳيان بيهي ٻاهر وڃڻ جون تياريون شروع ڪيون. پنهنجي پٺ تي آرسي، عين بين سامهون گهر واري آرسي جي سامهون اهڙي ڍنگ تي لڳائي هئائين ۽ اهڙي ڪنڊ ورتي هئائين جو سامهون آرسيءَ جو عڪس سندس آرسيءَ ۾ پوي ۽ سندس آرسيءَ جو عڪس سامهون آرسيءَ ۾ - ۽ ائين هڪ ٻئي پنيان بيشمار عڪسن جو سلسلو جاري رهي.

اڄ ڪنهن ڪم سبب سڌير کي تڪڙو ٻاهر وڃڻو هو. تيار ٿي اڳئين ڪمري ۾ پير رکيائين ته سامهون خوبصورت ساڙهيءَ ۾ ملبوس پاڙيسرڻ کي پنئين ڪمري ۾ بينل ڏٺائين. پنهنجي ڇوڪري کي دير سان اچڻ ۽ ڪاڏي جون هدايتون ڏيئي اڳئين ڪمري طرف رک رکيو. سڌير پنهنجي گهر واريءَ سوڙهي گهٽيءَ جي موڙ وٽان نگر کان ٻاهر نڪتو. پاڙيسرڻ پنهنجي نوڪر کي هدايتون ڏيئي اڳئين ڪمري طرف رخ رکيو. سڌير پنهنجي گهر واريءَ سوڙهيءَ گهٽيءَ جي موڙ وٽان نگر کان ٻاهر ويندڙ رستي تي پهتو. پاڙيسرڻ پنهنجي گهر واري گهٽي پار ڪري، سڌير کان صرف ٥٠ فوٽ اڳيان ساڄئي رستي تي پير ڌريو. هوءَ اڳيان، سڌير پنيان . هڪ دفعو پنيان نهاريائين. سڌير ائين ڀانيو ته هوءَ سندس اچڻ جي تصديق ڪري رهي هئي! سڌير ذرا قدم وڌايو، هن (سندس سمجهه ۾) قدم گهٽايو. ٻن ٽن منٽن بعد سڌير هن جي بلڪل پنيان، ٻن ٽن فوٽن جي مفاصلي تي هلڻ لڳو. ايترو ويجهو جو هو سندس چوٽيءَ جي گول جو قطر انچن ۾ شماري ٿي سگهيو، سندس ڳچيءَ جي گولائيءَ ۽ ان تي لڳل پائوڊر جو تهه ٻه ڏسي ٿي سگهيو، سندس ڳچيءَ ۾ پيل هار جا داڻا ڳڻي ٿي

ڏهن منٽن ۾ رکي جو ڍير ٻڌجي ويئي. ماٺهو چڙوچڙ تي مونڻ لڳا ۽ پنجن منٽن ۾ سارو ميدان اڳئين وانگر بي جان ۽ خاموش بڻجي ويو هو.

اهو سڀ ڪجهه ايتري تيزيءَ سان ٿي گذريو هو، جو سڌير ڪجهه سوچي نه سگهيو هو ۽ هاڻي ڪجهه اهڙي احساس هيٺ ته هو ڪا قيمتي چيز پائي به اُتي جو اُتي وڃائي وينو هو، ڪمري کان ٻاهر نڪري آڳنڌ ۾ ٽهلڻ جي خيال کان ٻاهر نڪتو. بي خيالو آرام ڪرسيءَ وٽ اچي بينو ۽ هلڪو چرڪ نڪري ويس... پاڙيسرڻ آرام ڪرسيءَ تي اڪيون پوري ائين پيئي هئي گويا راوڻ جو درشيه ڏسندي ئي ڪيس ننڊ اچي ويئي هئي.

پلڪ ۾ سڌير جي چهري جو رنگ ۽ من جا ڀاو بدلجي ويا. ”سندس آڳنڌ ۾ سندس ڪرسيءَ تي هڪ پر- استري سمهي پئي هئي،“ هڪ اهڙي حقيقت هئي، جا هن پوري عمر ۾ تصور ۾ نه آندي هئي. پٽ تان آئينو هٽي ويو هو..... درين تي پردا لڳي ويا هئا ۽ هينئر پاڙيسرڻ سندس آڳنڌ ۾ سمهي پيئي هئي..... پريشانيءَ وچان سڌير جو من گهبرائڻ لڳو. سندس سامهون هلندڙ ناٽڪ جا درشيه ائين ٿي بدلجندا رهيا، ۽ انهن ۾ لهاءُ چڙاهه اهڙو ئي آيو، جو سندس تصور کان به مٿي اُڀري ٿي ويو.

ڪمري اندر موٽي، سڌير پنهنجي چوڪري کي، پاڙيسرڻ کي ننڊ مان اُٿارڻ لاءِ چئي رهيو هو، جو ٻاهران آڳنڌ مان ڪنهن پرش جو آواز ڪن تي پيس.

پرش : شايد گهر ۾ سمهڻ لاءِ جڳهه موجود ڪونهي؟

استري : جڳهه ته جهجهي آهي، رڳو اُتي ننڊ موجود ڪونهي.

پرش : تون سمجهي ٿي ته مان جاڻان ئي ڪونه ٿو؟

استري : تون جاڻي اُهو ئي ٿو، جو جاڻين ٿو.

پرش : ههڙين ڳالهين سان تون، ڇا ٿي ڪرڻ گهرين؟

استري : پنهنجي من جي وياڪلتا ۽ بيوسيءَ جو اظهار.

پرش : ڇا هن نموني تون پنهنجي عزت وڌائي رهين آهين؟

استري : مان پنهنجي شڪل آئيني ۾ ڏسڻ کان ڪڏهن ڪين ڊجي آهيان.

۽ انڪانپوءِ جيڪي ڪجهه ٿيو، سڌير کي ٻاهر نڪري ڪجهه چوڻ ته ڇا،

چوکر چانهہ جو پيالو اڳيان رکندي چيو، ”صاحب، هيءُ مرد پنهنجي استر
کي نہ پر ڌاريءَ استريءَ کي چاهيندو آهي. هيءَ استري ٻنهي جي وچ ۾ ڪا
آهي، جنهن جو ڀيانڪ پڙاڏو رات جو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.“ سڌير ٿورو چرڪ ڀر
چا، چوکر سندس دل ڀانپي ويو هو ۽ ساڻس دلي همدرديءَ جو اظهار ڪر
ڪيس انهيءَ ڪڙي ٿيل ڪاهيءَ کي ٻئي طرف کان ڪشادو ڪرڻ لاءِ اتساه
ڪري رهيو هو؟ يا سندس دل تان شڪ جو غبار هٽائي سندس من کي ٿاپر ڏيئ
رهيو هو؟ يا ڪيس ڪنهن ڪڙي حقيقت کان واقف ڪري، آگاهہ ڪري رهيو ه
نہ، هڪئي وقت هو مڙئي ڳالهيون چئي ويو هو.

هڪ شام

نگر جا نويل ۽ اتساهي جوان راوڻ کي ساڙڻ لاءِ ڌوم ڌام سان تيارين
ڪري رهيا هئا. اجگر جيڏو راوڻ جو بوتو سامهون ميدان ۾ بانس جي لڪڙين ت
ڪڙو هو. سڌير ان بوسي مان ٿهيل ”ديو“ تي نظر اچلائي، ڪجهہ سوچڻ چاه
الائي ڇو سندس دل چاهيو تہ ان بوتي مان راوڻ جو ساڪار روپ نڪري اچي؛
اتي خيال آيس تہ پوءِ ان سان لڙندو ڪير؟ هتي تہ ”رام“ سڀ لڪي ويا ه
راوڻ ئي راوڻ نظر ٿي آيا، جن جي قلعن ۾ سيتائون بند هيون.

سڌير جي گهر جو پويون حصو کليل آڳند هو، جنهن تي سيمينٽ جو ٿل
ٺهيل هو ۽ شام جي وقت ڪرسي وجهي ويهڻ سان سامهون کليل شاهي ميدان ۽
جي پنيان جهڪي ويندڙ آسمان جو لطف وارو درشيہ بمبئَي جي ڳاهٽ واري ش
۾ هڪ نعمت هئي. هو راوڻ جو انتم ڪريا ڪرم ڏسڻ لاءِ آرام ڪرسي وجه
اچي آڳنڌ ۾ وينو. تماشبينن جا جهنڊ آهستي آهستي مڙڻ لڳا. جاٽو توڻ
اڻجاڻو شخص سان آڳنڌ ڀرجڻ لڳو. پر جنهن چهري کي ڏسڻ لاءِ دل جي ڪنه
اونهي ڪنڊ مان آرزو اُٿي رهي هئس، اهو ڪٿي بہ نظر نٿي آيس. سڌير ج
اکيون سرچ لائيٽ وانگر ان چهري کي ڳولهڻ لڳيون. بس ڪن پلڪن جو
انتظار هو، جو پاڙيسرڻ آڳنڌ ۾ اچي بيٺي. سمجهيائين سندس دل ڪن سيڪن
لاءِ ”ڌڪ ڌڪ“ بند ڪري، تيرس ۾ بيهي رهي هئي. ايتري قدر جو رواج
مريادا وساري اوستائين ڪرسيءَ تي وينو رهيو، جيستائين هوش ۾ اچي ۽
ڪرسيءَ تان اُٿي ”اوهين هت ڪرسيءَ تي ويهي ڏسو،“ چئي ڪمري ان
هليو ويو.

راوڻ جلي چڪو هو. آهستي آهستي شعلا جهڪا ٿيندا ويا ۽ اجگر جه

پرش رڙ ڪري چيو، ”نيچ اڄ مان تنهنجو ڳلو دٻائي ٿي رهندس.“ سڌير محسوس ڪيو ته پتي انڌ جي گهوڙي تي هو ۽ لاشڪ استريءَ جو ڳلو دٻائي انسانيت جو ڪوس هڪ طرف ته سموري گهر جي تباهيءَ جو ڪارڻ ٿئي طرف ٻڌبو. سڌير پاڻ کي وڌيڪ وقت ترسڻ لاءِ روڪي نه سگهيو. پنڌين دروازي کي زور ڏنائين ته کلي پيو. هو بنا ڪنهن ويچار جي پرائي گهر اندر گهڙي ويو.

سڌير وجوش ۽ غصي ۾، ڦرڪندڙ چپن ۽ ڌرڪندڙ دل سان چوڻ شروع ڪيو، ”بيشرميءَ جي به حد ٿيندي آهي! اوهين استريءَ تي ٿا هٿ هلايو؟ ڪهڙي نه ڪريل قسم جا انسان آهيو! پنهنجي استريءَ جو اپمان ڪري ڪنهن جي عزت مٽيءَ ۾ ملائي رهيا آهيو؟....“ سڌير جو هيءُ ڀاشڻ اڃا الائي گهڻو وقت چالو رهي ها، پر اوچتو هڪ زوردار چماٽ اچي سندس ڪاهي ڳل تي ٺڪاءُ ڪيو، جنهنڪري سندس هوش ٿي اُڏامي ويا. ڀاڙيسرڻ ٿي مٿس اها عنايت ڪئي هئي، جا هاٽي شيرٽيءَ وانگر گجي رهي هئي، ”اوهانکي ڪهڙو حق آهي، پرائي گهر ۾ گهڙي اچڻ جو؟ منهنجي پتيءَ کي گهٽ وڌ چوڻ جو اوهان کي ڪوبه اڌڪار ڪونهي. هيءُ اسانجو شخصي معاملو آهي، اوهين پنهنجي ڀلمانسائي پنهنجي گهر وچي رکو. هتان هڪدم هليا وڃو....“

سڌير جو هوش ٺڪاٽي اچي چڪو هو. پنهنجي غلط قدم جو احساس هاٽي کيس پشيمان ڪري رهيو هو. ڪنڌ هيٺ ڪري، پويان پير ڪري ٻاهر نڪتو. چوڌاري سانت هئي، جو ڪيل جو ڪنهن نموني دڪدائڪ يا سکدائڪ انت تي چڪو هو.

ٻئي ڏينهن سڌير شانتي نگر مان ٽپڙ ٻڌي، پاڻ سان اشانتي کڻي ٻاهر ٿي نڪتو ته پنهنجي دريءَ جي طاق تي هڪ ويڙهيل ڏٺائين. دل چاهيس ته کڻي پڙهي. لکيل هو:

ڀاڙيسري،

معاف ڪجانءِ. مون اهو سڀ پنهنجي موهن کي پرچائڻ لاءِ ئي ڪيو هو. سوچيم ته سندس دل ۾ شڪ پيدا ڪري، غيرت ۽ حسد جي آگ لڳايان، جنهن ۾ سندس پڪندڙ من جو مئل ڌوپي وڃي ۽ هڪوار وري سندس من مون طرف مائل ٿئي. پر مان هن ڪوشش ۾ به ناڪامياب ويس، جو موهن کي پرچائي نه سگهيس. منهنجي طرفان توکي جيڪا پيڙا ملي، تنهن لاءِ مان پشيمان آهيان. ان کي منهنجي بيوسيءَ سمجهي مونکي معاف ڪري ڇڏجانءِ.

-راڌا-

ڏسڻ جو بہ ساهس نہ ٿيو. هنن هنهي جي وچڻ ڪانپوءِ ئي سڌير پهريون دف
محسوس ڪيو تہ راوڻ سيتا کي ڪيئن وٺي ويو هوندو ۽ هت تہ راوڻ، لڇمڻ ج
ليکي ۾ اندر گهڙي ويو هو ۽ ''رام'' حاضر هوندي بہ بيوس هو.

هڪ رات

سڌير تمام دير سان موٽيو هو. پاڙيسرڻ جي گهر ۾ ناٽڪ جو پڙدو م
کڄي چڪو هو. نہ صرف پاترو پر کيل اڄ چرم - سيما (چوٽيءَ) تي پهچ
چڪو هو.

ايتري قدر جو هوندي سڌير اڪيلو تماشبين بڻجي گهٽيءَ ۾ چڪر هڻن
هو پر اڄ سموريءَ گهٽيءَ جي خلق ٻاهر نڪري آئي هئي. پتيءَ ۽ پتنيءَ
آواز تلخ، تکو ۽ زهريلو بڻجي نڪري رهيو هو. ڪنهن وقت گلي ۾ چيخ
روپ وٺي گهٽجي ٿي ويو. پرش جوش ۾ پاڳل بڻجي وهلور وجي رهيو هو
استري بي حد پيڙا ۾ روئي رهي هئي. سندس گفتگو سڌير جي ڪن تي مترڪ
وانگر واجٽ ڪرڻ لڳي.

پتي : منهنجي زندگي اڄ هڪ زهر جو پيالو بڻجي چڪي آهي

پتني : پر ان زهر جو اثر تنهنجي آتما کي نہ منهنجي آتما ک
کائي رهيو آهي.

پتي : پر زهر اوتيندڙ بہ تہ تون آهين؟

استري : جنهنکي تون پهجي امرت ٿو سمجهين، زهر جو ذائقو اُت
ئي پيدا ٿي رهيو آهي.

پرش : تون حياءَ ۽ لڄ جا ليڪا لتاڙي رهي آهين.

استري : حياءَ ۽ لڄ جا سڀ زيور توئي جو پاتا آهن.

پرش : هاڻي تون اُتي پهتي آهين جو سامهون گهر واري سان پري
جو ناٽڪ کيلي رهي آهين.

استري : اسان جو گهر ناٽڪ گهر ئي تہ آهي.

پرش : اهڙي نر لڄائي کان گلو گهٽي ڇڏيندوسانءِ.

استري : منهنجو ڇوٽڪارو ۽ تنهنجي راه جي صفائي ان ۾ ئي آهي

نهاري اچ جمنا ڪناري ...'' اِهو ڀڄن پورو ٿيو تہ مٿان ٿيون ''اٺ وٽجارا وکر وهاءِ، ڪالهہ وڃائيہ، اچ تہ ڪماءِ ...''

مان سمجهي ويس تہ اهي ڀڄن منهنجي پاڙيسري شري شرما جي ٽيپ رڪارڊر مان اچي رهيا هئا. مان ليٽيوئي رهيس ۽ ڀڄنن جو آنند ماڻيندو رهيس ۽ دل ئي دل ۾ شري شرما جي پسنديءَ کي داد ڏيڻ لڳس تہ هن واقعي ئي سٺا سٺا چونڊ ڀڄن ٽيپ ڪري رکيا آهن. انڪل ڪلاڪ ڪن ڀڄن هليا. تنهن کان پوءِ مان اُٿي سنيرڻ لڳس، جو نوڪريءَ تي پهچڻو هوم.

ٻيءَ رات سمهڻ مهل، پنهنجي کٽ، صفحي واريءَ دريءَ پرسان وڇايم تہ جيئن صبوح جو پرڀاتي راڳہ چٽيءَ ريت ٻڌي سگهان. ٻئي ڏينهن بہ ٽيپ رڪارڊر ساڳيائي ڀڄن دهرايا، جن جو آنند مان پنهنجي گهر ۾ ليٽيندي ماڻي رهيو هوس. هاڻي تہ اهو نيم ٿي ويم. سمهندو ئي روز صفحي واريءَ دريءَ جي پرسان هوس ۽ پرڀاتي راڳن جي پرلاءَ تي اکہ کلندي هئم. ان ريت بہ ٽي مهنا نبري ويا.

هڪ ڀيري آرتوار جو ڏهاڙو هجي، مان بزار ۾ ڪجهہ خريداريءَ تي نڪتس. واٽ تي شري شرما گڏجي ويم. پاڻ ۾ مشڪي ملياسين ۽ هڪ ٻئي کي کلي ڪيڪاريوسين. ڪجهہ هيڏانهن-هوڏانهن جون ڳالهيون پڻ ڪيوسين. ڳالهين ڪندي مون کيس ٻڌايو تہ ڪيئن نہ سندس ٽيپ رڪارڊ ڪيل ڀڄنن جي پرلاءِ تي منهنجي اکہ کلندي آهي ۽ اندر کي آنند ايندو اٿم. کيس سندس پسنديءَ لاءِ داد ڏنم تہ واه جا سٺا سٺا چونڊ ڀڄن رڪارڊ ڪيا اٿس. ٻئي ڏينهن اسر جو ويل اکہ کليم پر ڀڄن جو پرلاءُ نہ ٻڌم. سوچيم شايد شرما جي گهر ۾ ناچاڪائي هوندي انڪري ٽيپ رڪارڊ چالو نہ ڪيو هوندائين. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ مٿان اوچتو شرما ٻاهر هليو ويو هجي. اهڙيءَ ريت ڪئين انومان ڪڍندو رهيس ۽ ڀڄنن نہ ٻڌڻ سبب پاڻ کي ٻي مزي پئي سمجهيم.

صبح جو شرما جو ڪڪو، جو منهنجي ڪڪي سان گڏ پڙهندو هو، سو منهنجي گهر آيو. ٻئي ٻار گڏ اِسڪول ويندا هئا. شرما جي ڪڪي مان پتو پيم تہ نڪو سندس گهر ۾ ڪوئي بيمار هئو ۽ نڪو شري شرما ٻاهر ويل هئو. سوچيم شايد ڪم سبب هنکي ٽيپ رڪارڊر چالو ڪرڻ جو ڌيان نہ رهيو هوندو. وري ٻيو ڏينهن ٿيو! ساڳي ئي ڪار! ٽيپ رڪارڊر بند! ان ريت ڏينهن پنيان ڏينهن، مهنن پنيان مهنا گذرندا ويا پر وري ڪڏهن ٽيپ رڪارڊر جو آواز ڪنن تي ڪين پيم.

هڪ ڏينهن شرما جي پٽ کان پڇيم، ''چو ڀائي اجڪلهہ توهان جو ٽيپ

ٽيپ رڪارڊر

ريلوي جي نوڪريءَ ۾ بيا تہ مڙيئي سک هوندا آهن، پر بدلي سدليءَ جي ڳالھہ بيحد تڪليف ڏيندڙ ٿيندي آهي. بدليءَ سبب، هڪ شهر مان ٻئي ۾ مڏي ڪڻڻ جي تڪليف، ٻارن جي پڙهائيءَ ۾ رخنو، هر وقت پنهنجي برادريءَ کان دور رهڻ وغيره انهن مشڪلاتن کان ڀلا ڪير غير واقف هوندو ؟ پر، اسين ريلوي جا ملازم، لڳ ڀڳ انهن تڪليفن سهڻ تي هري ويا آهيون ۽ برادريءَ جي عيوض پاڙي وارن کي ابو امڙ سمجھندا آهيون. آبو روڊ کان اجمير بدلي ٿئي اڃا ٽي ورهيہ بہ ڪين ٿيا هيم تہ اوچتو وري بدليءَ جو آرڊر آيو، اجمير کان گانڌيڌام جو. هون تہ ڊاڪٽر کي خوش ڪري بدلي روڪائڻ لاءِ ڪانئس سرٽيفڪيٽ لکائي وٺان ها، پنهنجي شريمتيءَ جي ناچاڪائيءَ جو تہ ساموندي هوا سندس تندرستيءَ لاءِ نقصانڪار آهي، پر چاڪاڻ تہ بدليءَ سان گڏوگڏ ترقي بہ هئي ڪلارڪ مان هيڊ ڪلارڪ جي عهدي جي، انڪري هڪدم بسترو گول ڪري، ٻارن ٻچن سوڌو پهچي ويس، گانڌيڌام. جيئن تہ مون کان اڳوڻي هيڊ ڪلارڪ شري ٻانڪ جي بدلي جئپور ٿي هئي، انڪري سندس رهڻ وارو ڪوارٽر پڻ مونکي مليو.

گهر جو سامان ٺانئيڪو ڪرڻ بعد ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪري آيس. پاڙي اوري وارن سان ڏيٺ-ويٺ ٿيم. پر واري ڪوارٽر ۾ هڪ سنڌي شرما صاحب رهندو هو، جو پڻ ساڳئي کاتي ۾ انسپيڪٽر هو. شام جو منهنجي شريمتي، شرما جي گهر واريءَ سان ملڻ ويئي تنهن اچي ٻڌايو تہ شرما جي گهر ۾ سڀ جديد زماني جون شيون موجود آهن، جهڙوڪ : سنمائيڪا جو فرنيچر، ٽيليويزن، فرج، ٽيپ رڪارڊر، اسڪوٽر وغيره. ان تي مون وراڻيومانس تہ پرائي ملڪيت سان اسانجو ڪهڙو پريوجن ! پل تہ ڪٽي ڪيس لکہ هجن، ان ۾ اسانجو ڊول ڪو ڇمتو !!

ان رات ٿڪاوٽ سبب سويل ئي ماني ڪائي سمهي پياسين.

اسر جو پرڀاتي راڳ جو پرلاءُ ڪنن تي پوڻ سبب اک کليم. پريان ڀڳتي گيتن ۽ پرڀاتي سرن ۾ مڌر سنگيت ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. ''رام سمر پرڀات ميري من ... '' صبح جوامرت ويلي رام ڌنيءَ جو پرلاءُ ڪنن تي پوي تہ اندر کي ڪيتري نہ راحت ملندي آهي، سو هر ڪو ڄاڻي سگهي ٿو. اڃا اهو راڳ پورو ٿيو تہ مٺان ٻيو ''ڪرشن مراري گرڌاري، راڌا تي پڪاري تنهنجي وات

جو ڦل مفت ۾ ماڻي پاڙي وارو ... اهي ڳالهه هنڪان سٺي نه ٿي ... هن هڪ انڪل سوچي. پڳوان کي سوال ڪيائين ته هي پڳوان، منهنجي هڪ ٻانهن پڇي ڇڏ ته پاڙيسري جون ٻئي ٻانهون پڇي پئيون ... وري ايشور کي عرض ڪيائين، ته منهنجي هڪ ٽنگ پڇي ڇڏ، سندس هڪ ٽنگ ته پڇي پر پاڙيسريءَ جون ٻئي ٽنگون گم ... وري پرڀوءَ کي پڪاريائين ته منهنجي هڪ اک ڪڍي ڇڏ ... نتيجو اِهو نڪتو جو پاڻ ته ''ڪاڻو ٿيو پر پاڙيسري ٻنهه سورداس.''

مان اِهو درشٽانت اڳ ۾ به ڪئين ڀيرا ٻڌي چڪو هوس پر ان ڏينهن اهو مونکي وڌيڪ دل سان لڳي رهيو هو، ڇاڪاڻ ته چوندا آهن ته ''لڳي هووي ته ڪل پوي.'' منهنجو پاڙيسري جنهن ۱۸ سؤ روپيه سيڙايا هئا، ۱۸ سؤ روپين تي ڪيس وياج هوند ٽيهه پنجتيهه روپيه ملي ها، اهو وڃائي هن شونق خاطر ٽيپ رڪارڊر ورتو، پر جڏهن ڪيس پتو پيو ته سندس ٽيپ رڪارڊر جو لطف ٻيو ڪو مفت ۾ ماڻي رهيو آهي ته اها ڳالهه ڀلا هو ڪيئن ٿي سهن ڪري سگهيو ؟ وري به شڪر آهي جو منهنجي پاڙيسريءَ شري شرما ڪٿا واري دڪاندار جيان ڀولي شنڪر کان وردان وٺي منهنجي ٽنگ، ٻانهن يا اک ته چٽ ڪونه ڪرائي !

ڪجهه عرصي بعد شري پانڪ اڳوڻو هيڊ ڪلارڪ جنهن جي بدليءَ سبب مان هت گانڌيڌام آيل هوس، جيڪو مونکان اول منهنجي ڪوانٽر ۾ ئي رهندو هو، سو ڪنهن ڪم سبب گانڌيڌام ۾ آيو. ائين ٻئي پاڻ ۾ گڏياسين ۽ اوپاريون لهراريون ڪرڻ لڳاسين. شري پانڪ مونکان اوڙي پاڙي وارن جو سماچار پڇيو. مون ڳالهين مٿان ڳالهيون ڪندي شري شرما ۽ سندس ٽيپ رڪارڊر واري ڳالهه ٻڌائي مانس. منهنجي ڳالهه ٻڌي شري پانڪ کان هڪ وڏو ٽهڪ نڪري ويو. مون ڪانئس بي سبب ٽهڪ ڏيڻ جو مطلب پڇيو. هن ٻڌايو ته ''جن ڏينهن ۾ مسٽر شرما ٽيپ رڪارڊر نئون نئون ورتو هو تن ڏينهن ۾ مان بي.اي. پڙهندو هوس. شري شرما روز وڏي آواز سان ٽيپ رڪارڊر وڄائيندو هو، جنهن سبب منهنجي پڙهائيءَ ۾ رخنو پوندو هئو. هڪ ڏينهن شرما کي چيم ته ڪرپا ڪري ڪجهه ڏينهن، جيسين منهنجا امتحان پورا ٿين تيسين ٽيپ رڪارڊر نه هلاءِ يا گهٽ آواز ۾ هلاءِ. ان تي شرما صاحب فرمايو هو، ''منهنجي شيءِ آهي، پنهنجي گهر ۾ ٿو هلايان، اُن ۾ پاڙيسري جو ڇا سڙن ؟'' ٻئي ڏينهن کان وٺي اهو ٽيپ رڪارڊر تهان ئي وڏي آواز ۾ وڄائڻ لڳو !

شري پانڪ جي ڳالهه ٻڌي مون کان به ٽهڪ نڪري ويو.

رڪارڊر بدڻ ۾ ڪين ٿو اچي ؟ خراب ٿي پيو آهي ڇا ؟'' وراڻيائين خراب ٿ
ڪونه ٿيو آهي. تنهن تي ڇيو مانس ته دادنهن کي ڇنڇانء ته جيئن اڳ ۾ پڇ
هلائيندو هئين تئين هاڻي به ڪرپا ڪري هلائيندو ڪر. صبح صبح جو رام ڌني
تن من کي راحت ٿي بخشي.

شرما جي ڇوڪري وچي ۾ پيء کي نياپو ڏنو، تنهن موٽ ۾ پٽ هٿ چوائي
موڪليو، ''ٽيپ رڪارڊر ڏاڍو قيمتي آهي. ١٨ سؤ رپين ۾ ورتو اٿم. اهي ٨
سؤ جي وياج تي ڏيان ها ته در مهيني ٽيهه پنجتيه رپيا وياج مليم ها، پر هت ت
مونکي بيوئي بجليء جو بل به مٿان پرٽو ٿو پوي. انڪانسواءِ روز روز هلائڻ سان
ان شيء جي عمر به ته گهٽجي ٿي، پڇي پوندو ته ڪوئي نهرائي ٿوروئي
ڏيندو ؟

مان سمجهي ويس ته اِشارو اڻ سڌيء طرح، مون ڏانهن هو ته سيڙپ
ڪري شرما صاحب، بجليء جو بل به پري پاڻ ء مفت ۾ پڇنن جو آنند ماڻيان
مان. تنهن هوندي به الائي ڪيئن منهنجي زبان مان نڪري ويو ته ڪڪا ! ٽيپ
رڪارڊر ته دادنهن شونق خاطر ورتو آهي. پوءِ شونق جي اڳيان ملهه جو سوال ئي
ڪٿي ٿو اُٿي ؟ ان ڇوڪري وراڻيو، ''دادا چوي ٿو ته ايترو جي ڪنهن کي
شونق آهي ته پوءِ پنهنجو ٽيپ رڪارڊر ڇو نه ٿو خريد ڪري ؟''

مون من ۾ سوچيو ته، ''بيلي شرما چوي سچ ٿو. وڏن سچ چيو آهي، ''پراني
آس، ڪني جي لاس.''

نيم انوسار مان روز نڪاڻي ۾ مٿو ٽيڪي پوءِ آفيس ويندو آهيان. ان
ڏينهن به سنهري تيار ٿي گهران نڪتس ء آفيس وڃڻ کان اڳ ۾ نڪاڻي ۾ مٿو
ٽيڪڻ ويس. ڪيرتن چالو هو. ڀائو صاحب سُر سان هڪ درشٽانت، ساڌ سنگت
کي ٻڌائي رهيو هو، ''هڪڙو هو دڪاندار ... هو شوَ ڀڳوان جو پڪو ڀڳت هئو...
هن شوَ ڀڳوان جي گهور تپسيا ڪري ڪانئس وردان ورتو ته هو جيڪي ڪجهه
چاهي، سو کيس ملي ... ڀولي شنڪر وردان ڏنس ته ''تون جيڪي به چاهيندين
سو توکي ملندو پر شرط اهيء تي ته تنهنجي پاڙيسريء کي توکان ٻيڻو ملندو.''
شوَ شنڪر اهو وردان ڏيئي انتر ڌيان ٿي ويو ... ڪجهه سمي پڄاڻا اُن دڪاندار
پريوء کي وينتي ڪئي ته هي ڀڳوان ! مون کي هڪ لک روپيه ڏيار ... ڀڳوان
کيس لک روپيه ته ڏياريا پر سندس پاڙيسريء کي به لک مليا ته وري هن ڀڳوان
کان هڪ بنگلي جي گهر ڪئي ... کيس بنگلو ته مليو پر سندس پاڙيسريء کي به
بنگلا مليا ... دڪاندار من ۾ سوچيو ته شوَ شنڪر ڀڳوان جي تپسيا ڪئي مون، ان

جي نڪته چينيءَ ۾ اهي ڳالهيون ڪين آهن.

اهي شروعاتي ويچار مون ان ڪري ظاهر ڪيا جو اُفواهه ڦهلجي رهيا آهن ته ڪويءَ نڪته چيني ايرڪا جي خيال کان ڪئي آهي. ٿوروئي ويچار ڪبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته ان الزام ۾ رتي ماتر به بنياد ڪين آهي. ڪويءَ کي منهنجي باري ۾ ڪهڙو حسد ٿي سگهي ٿو؟ حسد تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ٻن ڄڻن جي وچ ۾ چٽاڀيٽي هوندي آهي. مون ته ڪڏهن به ڪويتا جي هڪ سٽ به لکڻ جي ڪوشش ڪين ڪئي آهي. مون ۾ ڪجهه رتي ماتر به ڪويتاپڻو ڪونه آهي. مان هنجي مرتبي ۽ مان جي اڀلاشا ڪانه ٿو رکان. هو ڪويتا ۾ لاشڪ اوچ پدوي ٿو والاري. سنسار پر ۾ هنجو ثاني ٻيو ڪوبه ڪوي ڪين آهي. منهنجو ”مهاتماپڻو“ ڪويءَ جي اوچ پدويءَ سان ڪوبه تعلق ڪين ٿو رکي. اسان کي اهو احساس ڪرڻ جڳائي ته اسان ٻنهي جا ڪيتر نرالا آهن ۽ ڪڏهن به هڪٻئي سان ٽڪر ۾ ڪين ٿا اچن. ڪوي ته پنهنجي رچنائن، پنهنجي ڪلپنائن جي بي نظير سنسار ۾ گهاري ٿو. مان وري پنهنجي نرماڻ ڪيل وسنوَ چرخي جو داس آهيان. ڪوي پنهنجي بنسريءَ جي تان (سر) تي گوپين کي نچائي سگهيٿو. مان وري پنهنجي پريتما چرخي پنيان ڀٽڪي رهيو آهيان ۽ ڪيس تڏهن سسين واري راڪاس - جپان، مئنچيسٽر، پئرس وغيره کان بچائڻ جو يتن ڪري رهيو آهيان. ڪوي ته ايجاد ڪندڙ آهي، هو اُتپن ڪري ٿو، وناش ڪريٿو ۽ وري اُتپن ڪريٿو. مان ڍونڍيندڙ آهيان. ڪا ڳالهه ڳولهي ڦولهي، اُن کي ڇهٽي پوان ٿو. ڪوي دن بدن سنسار کي نيون ۽ موهيندڙ وستوُ سوغات ڪري ڏئي ٿو. مان ته رڳو جهونين ۽ پراڻين وستن جي سمپاونائن جو ورنن ڪري سگهان ٿو. ڪوي جادوگر جيان نيون ۽ چمتڪار واريون ڳالهيون ڪري ٿو، جن کي سنسار ۾ سولائيءَ سان عزت پري جڳهه پراپت ٿي سگهي ٿي. مونکي ته جهونين ڳالهين لاءِ ڪا ڪنڌ ڳولهڻ لاءِ بيحد جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي. انڪري ڪويءَ ۽ منهنجي وچ ۾ ڪابه چٽاڀيٽي ڪين آهي. نمرتا سان چوندس ته اسين ٻئي هڪ ٻئي جي سرگرمين کي هٿي ٿا ڏيون.

حقيقت اِها آهي ته ڪويءَ جي نڪته چيني شاعراڻو اَڌڪار آهي ۽ جيڪو اُنکي اَڪري ريت عمل ۾ آڻيندو، سو پاڻکي اَڻوٽندڙ حالت ۾ ڏسندو. ڪويءَ شاعراڻو اَڌڪار استعمال ڪري چيو آهي: ”اُن جو سئيءَ جي سنهڙي پاڪڙي مان لنگهي وڃڻ، شاهوڪار لاءِ سرڳ اندر پير رکڻ کان وڌيڪ سولو

تيرٿ سڀاڻي — ”نڪتہ چينيءَ جو آدر“

ڪير اسان تي نڪتہ چيني ڪندو آهي، تيڪا ٽپڻي ڪندو آهي، ڪڙي
آلوچنا ڪندو آهي، تہ اسين ناراض ٿيندا آهيون. وقتي غصو بہ اچي ويند
آتئون ۽ جوش ۾ اچي ويندا آهيون. ساراهہ لاشڪ وڻندڙ آهي، پوءِ اُنجي
يوڳيہ هجون يانہ، پل وڌاءُ ٿيل هجي يا مبالغو. پر نڪتہ چيني ڪٿي صحيح
۽ درست بہ هجي، سٺي ڀاونا سان ٿيل هجي، ڪنهن اُلٽي مراد، ايرکا يا حسد
ڪري نہ بہ هجي تہ بہ ڀاءِ ڪين پوندي؛ پوسڙائيندي ۽ نڪتہ چيني ڪندڙ
خلاف اُلٽا اُبتا ويچار اُتپن ڪندي، خاص ڪري پنهنجي ڪنهن متر جي
ڪيل نڪتہ چيني تہ وڏيڪ چڙ ڏياريندي.

مهاتما گانڌيءَ جڏهن چرخي ڪتڻ جو آندولن شروع ڪيو، اُنجي مهما
۽ ڳڻ ڳائڻ لڳو ۽ چيائين تہ چرخي دواران ديس جي آزادي پراپت ٿيندي،
اهي ست جا گولا انگريز سلطنت کي ڏوڏي چڏيندا ۽ جوڙجڪي ڪم ڪندڙن
تي نيم سان ڪجهہ عرصو چرخو ڪتڻ جو ٻنڌن وڌائين، تڏهن سندس گهاٽي
متر ڪوي رابندرناٿ ٽئگور چرخي ڪتڻ جي باري ۾ اخبارن ۾ ڪليو ڪلايو
سخت نڪتہ چيني ڪئي.

مهاتما گانڌيءَ انکري کو دک جو اِظهار ڪين ڪيو. ڪوي ٽئگور لاءِ
اندر ۾ ڪا اُلٽي ڀاونا اُتپن ڪانہ ٿيس. پنهنجي اِخبار ٥ نومبر ١٩٢٥ جي
”ينگ انڊيا“ ۾ ان باري ۾ هيئَن لکيائين:

”ڪوي ٽئگور جي نڪتہ چيني مون لاءِ هلڪي چينبي آهي، جو چرخي
لاءِ آتينت پريم اَٿم. هن اڳواٽ مونکي لکيو هو تہ چرخي بابت سندس ويچار
جي هن ظاهر ڪرڻ تي چاهيا، سي شايد هنکي ڪين وڻن. انکري مونکي
سڌ هئي تہ ڇا اچي رهيو آهي. ان مونکي ناراض ڪين ڪيو. منهنجي ويچارن
سان ڪنهن جي بہ متڀيد هئڻ ڪري مان ناراض ڇو ٿيان؟ ڪي بہ ٻہ شخص
هر ڪنهن ڳالهہ ۾ سهمت ڪيئن ٿي سگهندا؟ هرهڪ متڀيد جيڪڏهن ناراضپو
پيدا ڪري تہ پوءِ تہ جيون ئي اِٽوٽندڙ ۽ سنسنيخيز ٿي پوندي ۽ ان ڪري
آزار پري. مونکي تہ پاڻ ڪلي ڪلائي نڪتہ چيني وڻندي آهي. ڇاڪاڻ تہ
متڀيدن ڪري مترتا پاڻ وڌيڪ گهري ٿي سگهي ٿي. دوست ٿي رهڻ،
اُن لاءِ هرڪنهن ڳالهہ ۾ سهمت ٿيڻ ضروري ڪين آهي. بي سهمتيءَ يا متڀيد
۾ رکو ڪنورتا نہ هجي، ڪڙائي ڪين هجي، ساڙ يا ڪينو نہ هجي، ڪوئي

رام - اوتار جو ڪارڻ

رڪشسپتي راوڻ ڪئلاش پروت تي وڃي شوجيءَ کي پرسن ڪرڻ لاءِ ۽ انوکا
وردان پائڻ لاءِ گهور تپسيا ڪئي. بيحد سرديءَ، سهڻ کان ٻاهر گرميءَ ۽ ساهه
منجهائيندڙ برسات ۾ ٻهي ڪري تپسيا ڪرڻ جي باوجود به جڏهن شوجيءَ راوڻ کي
درشن نه ڏنو ته راوڻ فيصلو ڪيو ته هو هاڻي پنهنجا ڏهه ئي سر ڪٽي - ڪٽي شولنگ
تي چاڙهيندو ويندو. راوڻ پنهنجي فيصلي جي پئروي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ۽
هڪ - هڪ سر ڪٽي - ڪٽي ويو شولنگ تي چاڙهيندو. ان طرح نو سر ڪٽجي ويا ۽ شو
لنگ تي چڙهي به ويا پر شوجيءَ راوڻ کي درشن نه ڏنو. ڪجهه دير لاءِ راوڻ هٻڪيو.
پر پوءِ گهڻي سوچ کي بيڪار سمجهي ڏهون ۽ آخرين سر به ڪٽي شولنگ تي چاڙهڻ
واروئي هو ته اوچتو وڄ جي چمڪاٽ وانگر شوجي اچي راوڻ جي سامهون پرگهٽ ٿيو
۽ راوڻ جي مٿي ڪڄيل هٿ کي روڪي ڇڏيو. راوڻ ڪجهه سمجهي ئي سمجهي ۽
ڪجهه ڪڇي ئي ڪڇي ان کان اڳهُ ئي شوجيءَ هن جي ڪٽيل نون سرن کي اَڳه
وانگر ئي هن جي ڪلهن جي مٿان لڳائي ڇڏيو. راوڻ ڪجهه ڪڇي ئي ڪڇي اُن
کان اڳه ئي شوجي هن کي چيو - ”هر مند جا پرهار پنهنجي شرير تي سهي ڪري به
سالن کان منهنجي تپيسا ۾ لين رهندڙ منهنجا پرم ڀڳت راوڻ وردان گهر. هر قسم
جي ورردان تي تنهنجو حق ثابت ٿي چڪو آهي.“

راوڻ هٿ جوڙي ڏاڍيءَ نمرتا سان چيو - ”هي ڪئلاش پتي مهاديو، مان
توهان کي پنهنجيءَ لنڪا ۾ وٺي وڃڻ چاهيان ٿو.“

جيتوڻيڪ شوجي کي اِها ڳالهه ڪونه وڻي ته به پنهنجي پرم ڀڳت راوڻ
کي هن نراش نه ئي ڪرڻ چاهيو. راوڻ جي خواهش کي قبول ڪندي شوجي
هن کيس چيو - ”نيڪ آهي. ڀڳتراج راوڻ، مان تنهنجي منوڪامنا پوري ڪندس.
هاڻي هئين ڪر جو حال في الحال منهنجي لنگ کي ڀڳتي ڀاوَ سان پنهنجي گهر
کڻي وڃ. مان ان لنگ ۾ ئي سمايل آهيان. پر هڪ شرط آهي.“

راوڻ اُٻهرائي مان پڇيو - ”ڪهڙو شرط آهي ڀڳوان ؟“

”منهنجي لنگ کي سڌو ئي سڌو لنڪا تائين کڻي وڃجانءِ، جيڪڏهن
وچ رستي ۾ ڪٽي به، ڪنهن به جڳهه تي منهنجو هي لنگ ڌرتيءَ تي رکندي ته
اُتي ئي استر ٿي ويندو.“

آهي.'' اسانکي اها ڄاڻ آهي ته اُن ڪنهن به صورت ۾ سٺيءَ حي پاڪڙي مان لنگهي ڪين سگهندو ۽ اسانکي اها به سڌ آهي ته جنڪ جهڙا ڏنوان سرگهه اندر گهڙي سگهيا آهن. يا هيءَ تشبيهه وٺو، اِنساني ڏندن جي آنار جي داڻن سان پيٽ. ڪي بيوقوف زالون شاعراڻه مبالغ کي سچ سمجهي، پنهنجي ڏندن کي بدزيبو ڪن ٿيون. جيڪي ڪويءَ جي چرخي خلاف ملامت کي اکري ريت وٺندا، سي ڪويءَ سان بي اِنصافي ڪندا ۽ پاڻکي هاڃي رسائيندا.

ڪوي ''ينگ اِنڊيا'' ڪونه پڙهندو آهي. پڙهڻ جي ضرورت به ڪانه آٿس. هن چرخي بابت ماڻهن سان ڳالهين جي دوران ۾ ڪجهه ٻڌو آهي. اِنڪري هن پنهنجي ڪلپنا موجب چرخي خلاف ڏوڙيو وسايو آهي.

هن شايد سمجهو ته مان چاهيان ٿو ته هرڪو ٻيا سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي، سمورو وقت چرخو ويهي ڪتي يعني مان چاهيان ٿو ته ڪوي پنهنجي ڪويتا وساري، هاري پنهنجو هر، وڪيل پنهنجي وڪالت ۽ ڊاڪٽر پنهنجي ڊاڪٽري. اهو ته حقيقت جي ورڌ آهي. مان ته چاهيان ٿو ته پنهنجي ڪم ڪاج کان فارغ ٿي، پنهنجي ماترڀوميءَ کي ڀگيه ڏيڻ لاءِ ٽيهه منٽ روز چرخو ڪتيون. حقيقت ته اها آهي ته مون ٻڪ ۾ پاهه ٿيندڙ مرد يا زال کي صلاح ڏني آهي ته جيڪڏهن اوهانکي ٻيو ڪم ڪين ٿو ملي ته گذران لاءِ ويهي چرخو ڪتيو ۽ نيم بڪايل هاري پنهنجي فرصت واري وقت چرخو ڪتي ته ڪويءَ جي ڪويتا ۾ جلوو وڌيڪ ڏسڻ ۾ ايندو. چاڪاڻ ته هو غريبن جي گهرجن ۽ ڏکن جو وڌيڪ زوردار نموني ورنن ڪري سگهندو.

ڇا ڪرڻ گهرجي ؟''
نارد - ''پنهنجيءَ شڪتيءَ جو پردرشن ڪرڻ گهرجي. هاڻي ئي وڃ ۽ وڃي شو کي پنهنجي ٻل جو پرڪاش ڏيکار. شوجيءَ جو ڪو نقصان ڪر ۽ پنهنجو ڪاريه سڌ ڪر.''
راوڻ - ''مان شوجي جو ڪهڙو نقصان ڪري ٿو سگهان ؟''
نارد - ''ڪئلاش پروت کي ئي اُکاڙي ڦٽو ڪر. ائين ڪرڻ سان ئي تنهنجي ڪاريه جي سِڌي ٿيندي.''
وناش اچڻو هوندو آهي ته سڀ کان اڳ انسان جو عقل کسيندو آهي. راوڻ سان به اُهائي ڳالهه ٿي. هو نارد جي صلاح جي اصلي راز کي سمجهي نه سگهيو. بلڪ چوڻ ائين گهرجي ته اهنڪار ۾ اچي راوڻ ان صلاح تي گهرائيءَ سان سوچڻ جي چنتا ئي ڪونه ڪئي ۽ وڃي ڪئلاش پروت کي ئي اُکاڙڻ لڳو.
شوجيءَ جو آسڻ ڏڏيو ته هو ينگ-ڌتوري جي نشيلي اثر کان ٻاهر نڪتو ۽ جڏهن راوڻ جي ڪرتوت کي ڏٺائين ته سندس ٽيون نيتر کلندي رهجي ويو. پوءِ به ڪافي غصي ۾ پرجي هن راوڻ کي شراپ ڏنو.
شوجيءَ جي شراپ جا هي لفظ هئا ''اي اهنڪار جي نشي ۾ مدهوش راوڻ ! تنهنجي ٻانهن جي ٻل جي اهنڪار کي چور چور ڪرڻ لاءِ هڪ شڪتي جلد ئي اوتار ڌارڻ ڪندي.''
شراپ ملڻ کان پوءِ راوڻ کي هوش ته آيو ۽ سمجهه به آئي پر هاڻي ڇا ٿي ٿي سگهيو. راوڻ ان شراپ کي ڊوئيندي ڊوئيندي ڪال کي به مات ڪرڻ جو پڪو نشچيه ڪيو.
نارد ويٺا وڄائيندو ۽ ''نارائڻ، نارائڻ'' ڪندو اچي ديوتائن وٽ پهتو ۽ پنهنجيءَ چالاڪيءَ جي ڳالهه ڪين ٻڌائي هنن جي سر مٿان ڇانيل چنتا جا بادل هٽائي ڇڏيا. هاڻي ديوتائون بيفڪرا ۽ پرسن ٿي ويا ۽ عيش عشرت ۾ لڳي ويا.
راوڻ گهر پهتو ۽ شوجيءَ جي مايا ۾ جڪڙجي هن سڄي سنسار کي پنهنجي هٿ هيٺ ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو.
راوڻ جي اِن اهنڪار کي چور-چور ڪرڻ لاءِ ئي ڀڳوان کي رام-اوتار ڌارڻ ڪرڻو پيو.
ان طرح-رامايڻ جي سڄي ڪٿا به چڻ پرماتما جي هڪ ليلا ئي آهي.
ڇا اڄ به پرماتما جون ليلائون ڪونه ٿي رهيون آهن ؟ ضرور ٿي رهيون آهن. پر، اڄ نه ويد وياس آهي نه والميڪي ۽ نه تلسيداس ! شايد پرماتما جي به اِهائي اِڇا روپي ليلا آهي ته سندس ليلائون لڪيون رهن.

راوڻ لاپرواهيءَ مان چيو ۽ ''ڀڳوان، توهان جو هيءَ لنگ هاڻي سڌو وڃ
لنڪا ۾ اِستاپت ٿيندو.''

اِهي لفظ چئي راوڻ شوجيءَ جي لنگ کي کنيو ۽ لنڪا ڏانهن روانو ٿي
وات تي راوڻ کي پيشاب جو خيال ٿيو. راوڻ ڏٺو ته سامهون هڪ گوالو وڻ ج
ڇايا ۾ ليٽيو پيو آهي. راوڻ گوالي کي اشاري سان پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ چيو ۽
جو لنگ هن جي حوالي ڪري پاڻ پيشاب ڪرڻ لاءِ ڪجهه دور هليو ويو.

گوالو گهڻي دير شوجي لنگ جو بار سهي نه سگهيو ۽ هن ڪٽي لنگ زمي
تي رکيو. شو جو لنگ اُتي ئي استر تي ويو ۽ ان ڪري شوجي جي انيڪ نالن
هڪ ٻيو نالو جڙي ويو - وئديهناٿيشور يا وئديناٿ مهاديو !

دشت ٻڌيءَ واري راڪشسراج راوڻ وٽ شوجي جي مؤجودگي جو سماچ
ٻڌي ديوتائن کي چنتا ويڙاهي وئي. ديوتائن نارد کي ياد ڪيو ۽ نارد به وي
وڄائيندو ۽ ''نارائڻ، نارائڻ'' ڪندو اچي ديوتائن جي سامهون بيٺو.

ديوتائن مان هڪ چيو - ''شوجي، دشت ٻڌي واري راوڻ وٽ وڃي رهي
آهي. راوڻ آهي ته برهمڻ ۽ چئن ويدن جو پرڪانڊ پنڊت پر ٻڌيءَ ۽ سڀاوءَ راڪشس
اٿس. اسان کي ته بيحد خؤف ٿي رهيو آهي. نارد جي، تون ڪجهه ڪر. ويٺا ما
کي اهڙا سُر ڪڍ جئين راوڻ نشٽ ٿئي ۽ اسان چنتائن کان مڪت ٿيون.''

نارد - ''نارائڻ، نارائڻ ! چنتا رهت ٿي آنند يوڳ ڪريو. هن گهڙي ڪا
وٺي ائين سمجهو ڄڻ راوڻ آهي ئي ڪونه.''

ديوتائون نارد جي سڀاوَ کان واقف هئا. هو چوندو سدائين سچ آهي. پر سندس
سچ ۾ به سوين گهماوَ ڦراو هوندا آهن. نارد جو هڪ هڪ واڪيہ پرولي هوندو آهي
پرولي به اهڙي جنهنجا ڪئين حل هوندا آهن يا سمجهه ۾ ايندا آهن.

نارد ديوتائن جا ڊپ ۽ انديشا دور ڪرڻ لاءِ سڌو راوڻ ڏي ويو ۽ راوڻ جي
تپسيا جي بيحد ساراه ڪيائين. ساراه جي رسيءَ سان نارد ويو راوڻ کي مٿي
چاڙهيندو ۽ جڪڙيندو. جڏهن ڏٺائين ته راوڻ پوريءَ طرح هن جي وچن-جار
ڦاسي ويو آهي ته ڌيمي آواز ۾ ڄڻ پنهنجائپ ڏيکاريندي کيس چيائين - ''هي
مهان تپسوي راوڻ ! تو سڀ ڪم سٺا ۽ ساراه جوڳا ڪيا آهن پر هڪ وڏي غلطي
ڪري ويٺو آهين. تون شوجيءَ جي وچنن تي وشواس ڪرڻ جي وڏي ۾ وڏي غلطي
ڪري ويٺو آهين. شو اهڙو آهي ئي ڪونه جنهنجي وچنن تي ڪو وشواس ڪجي
سدائين ڀنگ جي نشي ۾ چور رهندڙ ۽ ڌتورو ورتائيندڙ جو ڪهڙو ڀروسو !''

رواڻ نارد کي پنهنجو شڀچنتڪ سمجهي پڇيو - ''منيور ! هاڻي مون کي

اصل نہ گھبرايو. سيني گھر جي ڀاتين واپاريءَ کي خاطري ڏني تہ اوهان جو حڪم
اکين تي اوهان همٿ ٻڌو. اسان سڀ توهان کي هر ڪاريہ ۾ ساٿ ڏينداسين.
جئين هيءُ ڪشٽ جلد ڪٽجي وڃي.

واپاريءَ وڏي پٽ کي حڪم ڏنو، ”پٽ، تون ٿوريون لڪڙيون ڪٺيون ڪر، ننڍي پٽ کي آگيا ڏني، ”ٻچا، هيءَ گھاگھر کڻي سامهونءَ واري نديءَ مان پاڻي سان ڀري اچ.“ گھرڌياڻيءَ کي چيائين، ”جلدي چلهہ ٺاهہ، باهہ ٻار.“ پوءِ اُن تي پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ رکہ.“ واپاريءَ جي چوڻ جي دير هئي. سڀ ڪم اکہ ڇنڀ ۾ ٿيڻ لڳا. جڏهن پاڻيءَ ٽهڪڻ شروع ڪيو تڏهن واپاريءَ وڻ تي وينل پکيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”هن پکيءَ کي جلد پڪڙيو تہ ڪيس پچائي پيٽ جي باهہ ٻجهايون.“ سندس پٽن نہ ڪئي هم نہ تم اکہ ڇنڀ ۾ پکيءَ کي پڪڙي ورتو. پوءِ اهو پکي اچي پيءَ کي ڏنو.

پکيءَ واپاريءَ کي چيو، ”مان هن جهنگل جو ون ديوتا آهيان، توهان سيني پريوار جي ڀاتين جو پريم ۽ ايڪتا ڏسي بيحد خوش ٿيو آهيان. ان ڪري مونکي آزاد ڪريو تہ مان اوهان سيني کي هڪ راز ڀري ڳالهہ ٻڌايان.“

واپاري ڏاڍو سياڻو هو. هن پکي کي ڇڏي ڏنو. پکي وڃي وڻ تي وينو. پکيءَ سيني کي چيو، ”جنهن ڪٽنب ۾، جاتيءَ ۾ ۽ قوم ۾ ايڪتا آهي. اُها قوم، هميشہ شاد آباد رهي ٿي. اوهان جي پريوار جي ڀڏيءَ منهنجو من جيتي ورتو آهي. اهو گڻ هميشہ گرهڻ ڪريو. هن گڻ جوئي هر هنڌ پرچار ڪريو. پوءِ اوهان سيئي هميشہ وڌندا ويجهندا.

”اوهان جي ايڪتا جي ڪرشمي منهنجو من جيتي وررتو آهي. جنهنجو انعام مان اوهانکي ضرور ڏيندس.“

”هن وڻ جي پاڙ هيٺان هڪ وڏو خزانو پوريل آئو. اهو کوٽي ڪڍو.“ سيني گڏجي کوٽائي ڪئي. برابر وڻ جي پاڙ هيٺان هڪ گھاگھر سونين مهرن سان ڀريل نڪتي. سيني اُها گھاگھر ڪڍي ۽ پکيءَ جا شڪرانا مڃيا.

واپاري پنهنجي ڳوٺ واپس آيو. هن سيني لهڻيدارن جو قرض لاٿو. پوءِ نئين سر واپار شروع ڪيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اڳلا ڪان بہ اڳرا ٿي پيا.

شل اسين سڀ سنڌي پاڻ ۾ يڪ مشت ٿي پنهنجي جاتيءَ کي وڌيڪ مظبوط ڪايون. وير وروڌ وساري ڇڏيون فخر سان چئون منهنجي ماتر ڀاشا سنڌي، منهنجي قوم سنڌي. هر ڪنهن سنڌيءَ جي دل ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ چاهہ ٿوڪيون. سيئي فخر سان ڳاٽ اوچو ڪري چئون - منهنجي ماتر ڀاشا سنڌي منهنجي قوم سنڌي هميشہ امر رهي. پوءِ ڏسو ايڪتا جو ڪرشمو اسان سنڌي ڀائرن کي ڪٿي جو ڪٿي ٿو پهچائي.

ايڪتا جو ڪرشمو

ڳالهه ڪندا آهن. هڪ ڳوٺ ۾ هڪ واپاري رهندو هو. واپار مان جيڪا
تيندي هئس. اُن مان سندس ڪٽنب جو گذر سنو تيندو هوس. باقي بچت مان
دکين جو شيوا پڻ ڪندو هو.
چوندا آهن وقت وڏو بلوان آهي. ڪڏهن ڪهڙو تو رنگ ڏيکاري ته ڪ
ڪهڙو ؟ واپاريءَ جي جيون ۾ به وقت هڪ ڏينهن اهڙو ئي مذاق ڪيو. اُن
عرش تان فرش تي ڪيرائي چڪناچوُر ڪري ڇڏيو.
اِها واپاريءَ جي فولادي دل هئي جو اِهو صدمو سهي ويئي. هن دل ئي د
خيال ڪيو ته جيڪو واپار ۾ اوچتو نقصان پيو آهي، اُن جو پورائو بهادريءَ سان ڪ
جڏهن برا ڏينهن ايندا آهن، تڏهن مت مائٽ، يار دوست به منهن موڙي وي
آهن. سيڪو اچي چوڌاري سوڙهو گهٽيندو آهن. واپاريءَ سان به اِهائي ڳالهه اچي ب
هن جي گهر ۾ جيڪي به قيمتي شيون هيون. هن اُهي وڪڻي لهڻيندا
جو تورو قرض لاٿو. تنهن هوندي به هوُ لهڻيندارن کان جند ڇڏائي نه سگهيو.
آخر هڪ رات هن سيني ڪٽنب جي ڀاتين کي آپ بيتي ٻڌائي. سي
پريوار جي ڀاتين ڪيس هر ڪاريه ۾ سهيوگ ڏيڻ جي خاطري ڏني.
ادا، سياڻن سچ چيو آهي، ”مرض ايندو جلدي آهي پر ويندو جوُڻ وا
ڏيري ڏيري آهي. قرض به چڙهندو جلدي آهي پر لهندو آهستي آهستي آهي
اِهي سڀ ڳالهيون هڪ سمجهو ئي سمجهي سگهي ٿو.
پر هتي ڌيرج ڪتي آهي ؟ هر ڪو لهڻيندار ائين پيو سوچي ته ڪانئس م
پنهنجي رقم ڇڏايان. ڪٿي رقم کي ٻڙي نه ڏيئي ڇڏي. چوڌاري لهڻيندا
واپاريءَ کي اچي سوڙهو گهٽيو.
هڪ رات واپاري سيني ڀاتين سميت تقدير آزمائڻ لاءِ ٻئي ڳوٺ ڏان
روانو ٿيو. سڄي رات مسافري ڪرڻ سبب سيئي گهر جا ڀاتي ٿڪجي پيا هئا. ه
هڪ وڻ جي هيٺان ويهي آرام ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.
تورو آرام ڪرڻ بعد واپاريءَ سيني گهر جي ڀاتين کي پريم سان سمجها
هيءُ وقت اهڙو آيو آهي جو اسان کي ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻو آهي. پاڻ
يڪمشت ٿينداسين ته هر مصيبت جو منهن ڪلندي ڪلندي ڏيئي سگهبو. باق
جوئر جي اٿي وانگر نه ٻڌاسين ته ڇڙو ڇڙ ڳابرا تي پونداسين. سارو جڳ اسان ج
ناداني ءَ تي ڇترون ڪندو. ان ڪري مشڪلات سان منهن ڪلندي ڪلندي ڏيڻو آهي

اصل نہ گهبرايو. سيني گهر جي ڀاتين واپاريءَ کي خاطري ڏني تہ اوهان جو حڪم اکين تي اوهان همٿ ٻڌو. اسان سڀ توهان کي هر ڪاريہ ۾ ساٿ ڏينداسين. جئين هيءُ ڪشٽ جلد ڪٽجي وڃي.

واپاريءَ وڏي پٽ کي حڪم ڏنو، ''پٽ، تون توريون لڪڙيون ڪنيون ڪر، ننڍي پٽ کي آگيا ڏني، ''ٻچا، هيءَ گهاگهر کڻي سامهونءَ واري نديءَ مان پاڻي سان ڀري اچ.'' گهرڌياڻيءَ کي چيائين، ''جلدي چلهہ ٻاهہ ٻار.'' پوءِ اُن تي پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ رکہ.'' واپاريءَ جي چوڻ جي دير هئي. سڀ ڪم اکہ ڇنڀ ۾ ٿيڻ لڳا. جڏهن پاڻيءَ ٽهڪڻ شروع ڪيو تڏهن واپاريءَ وڻ تي ويٺل پکيءَ ڏانهن اِشارو ڪري چيو، ''هن پکيءَ کي جلد پڪڙيو تہ ڪيس پچائي پيٽ جي باهہ ٻجايون.'' سندس پٽن نہ ڪئي هم نہ تم اکہ ڇنڀ ۾ پکيءَ کي پڪڙي ورتو. پوءِ اُهو پکي اچي پيءَ کي ڏنو.

پکيءَ واپاريءَ کي چيو، ''مان هن جهنگل جو ون ديوتا آهيان، توهان سيني پريوار جي ڀاتين جو پريم ۽ ايڪتا ڏسي بيحد خوش ٿيو آهيان. ان ڪري مونکي آزاد ڪريو تہ مان اوهان سيني کي هڪ راز ڀري ڳالهہ ٻڌايان.''

واپاري ڏاڍو سياڻو هو. هن پکي کي ڇڏي ڏنو. پکي وڃي وڻ تي ويٺو. پکيءَ سيني کي چيو، ''جنهن ڪٽنب ۾، جاتيءَ ۾ ۽ قوم ۾ ايڪتا آهي. اُها قوم، هميشهہ شاد آباد رهي ٿي. اوهان جي پريوار جي ٻڌيءَ منهنجو من جيتي ورتو آهي. اهو ڳڻ هميشهہ گرهڻ ڪريو. هن ڳڻ جوئي هر هنڌ پرچار ڪريو. پوءِ اوهان سيئي هميشهہ وڌندا ويجهندا.

''اوهان جي ايڪتا جي ڪرشمي منهنجو من جيتي وررتو آهي. جنهنجو انعام مان اوهانکي ضرور ڏيندس.''

''هن وڻ جي پاڙ هيٺان هڪ وڏو خزانو پوريل اٿو. اهو کوٽي ڪڍو.'' سيني گڏجي کوٽائي ڪئي. برابر وڻ جي پاڙ هيٺان هڪ گهاگهر سونين مهرن سان ڀريل نڪتي. سيني اُها گهاگهر ڪڍي ۽ پکيءَ جا شڪرانا مڃيا.

واپاري پنهنجي ڳوٺ واپس آيو. هن سيني لهڻيندارن جُو قرض لاٿو. پوءِ هن نئين سر واپار شروع ڪيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اڳلا ڪان بہ اڳرا ٿي پيا.

شل اسين سڀ سنڌي پاڻ ۾ يڪ مشت ٿي پنهنجي جاتيءَ کي وڌيڪ مظبوط ڪيون. وير وروڌ وساري ڇڏيون فخر سان چئون منهنجي ماتر ڀاشا سنڌي، منهنجي قوم سنڌي. هر ڪنهن سنڌيءَ جي دل ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ چاهہ ٿيو ڪيون. سيئي فخر سان ڳاٽ اُوچو ڪري چئون - منهنجي ماتر ڀاشا سنڌي منهنجي قوم سنڌي هميشهہ امر رهي. پوءِ ڏسو ايڪتا جو ڪرشمو اسان سنڌي ڀائرن کي ڪٿي جو ڪٿي ٿو پهچائي.

ارجن سڪايل

عوامي شاعر پرسرام ضيا

شاهہ سچل سامي ۽ جي تمورتيءَ کان پوءِ بيدل، بيڪس، دلپت حم
روحل، بمل، قاسم، ڪاظم، نياز، هيرو، ڏرمون جهڙن شاعرن جي وڏي قطار سنڌ
شعر جي تواريخ ۾ ڏسي سگهجي ٿي. پر جيڪا نئين سجاڳيءَ جي تمورت
ويهين صديءَ ۾ چمڪي اُٿي ۽ اڄ بہ تصوير جي پرن تي چڙهي جيڪي نئ
شاعر ذهن خيال ۽ حافظي جي ڦرن برن ميدانن ۽ ايوانن ۾ پنهنجي موجودگ
جتائين ٿا سي آهن بيوس عزيز ۽ ضيا.

بيوس کي سائينءَ جو درجو مليو جو هن پراڻيون پٽيون پيچي سنڌ
شاعريءَ کي نج سنڌي ويس وڳا ڍڪايا زلفن جي ور وڪڙن مان نڪري، بزاري
۽ گهٽين جي موڙن تي پهچي ويو. جبلن ۽ ندين نارن ۽ ٻارن، سورمن ۽ سپاتر
جا سير ڪري ۽ ڪرائي سچيءَ سنڌ کي نازو نوانو ۽ تندرست بڻائي ڇڏيائين
عزيز صاحب زلف ڪمند جون ڳالهيون تہ ڪونہ ڇڏيون پر حسن ۽ عشق جا اهي
پهلو اجاگر ڪيائين جن تي اڳہ ڪڏهن ڪنهن شاعر جي اک ئي نہ پيئي هئي
احساس ۽ جذبن جا اهي ذڪر زبان تي آندائين جو ٻڌندڙن جا ڏند چپن سا
لڳي ويا. تنهن سواءِ، هن سنڌي زبان، لغت حسن اسلوب، اُڏام، لفظن جي
صحت، معنيٰ آفريني صرف نحو ۽ تڪ تور تي ايترو عبور حاصل ڪيو جو چ
بيوس جي جٽيل سهڻي سندر ٻالڪ کي هر قسم جي قوت عطا ڪري بالغ جوا
موهيندڙ ۽ حسين بڻائي مٿس پنهنجي ڇاپ هڻي ويو. ضيا وچان ئي ٽين وا
ورثي. شاعر پرسرام ضيا بيوس جيان نئين سجاڳي ۽ نئين دؤر جا گوناگون موضو
تہ قلمبند ڪيا پر ڪيترن نون موضوعن سان واقفيت ڪرايائين جي هن جي
نندڙن مگر اهم ڪتابڙين ۾ محفوظ آهن. لوهہ جا بوٽ وني ڪي پايون. پٽي
تي پوهوءَ ماڻ، ڪئمپن جا عملدار ۽ مال قبائيندڙ مکي، اهي مڙيئي ماڻهو
نڪي ديوتائون هئا جن لاءِ آرتيون ۽ پوڄن ٿاهيا وڃن، نڪي هوا ۾ لٽڪند
عاشق يا عاج جي پلنگن تي ليٽيل سياهہ زلفن ۽ ڳاڙهن ڳلن وارا معشوق. هي
ماڻهو صبح سانجهيءَ گهٽيءَ ۽ محلي محلي ۾ اسان جي ۽ توهان جي
منهن مقابل ٿيندا آهن ۽ انهن جي لاڪہ لاهيندي مرحوم ضيا اهڙيون مصرعو
جوڙيندو رهيو جي اسانجي چپن تي ناچ ڪنديون رهيون. جوانيءَ ۾ ماسٽ

چندر ۽ بين جا پريل رڪارڊ ٻڌي ڪاليجي جوان ۽ ڇهريل جيءَ وارا پريمي لڙڪ ڳاڙيندي ۽ دل جون سوغاتون سهڻين ۽ سندرين جي خدمت ۾ پيش ڪندي آلاپيندا هئا. دل آهه هٽن ۾ تو خريدار ڪي ڳوليان ڪبوتر چنچ آب اکڙين ۾ آٽي وغيره وغيره ۽ پوءِ پڇا ڪندا هئا تہ ان ڪلام ۽ ان نظم جو جوڙيندڙ ڪير آهي ؟

ضيا صاحب ٽنڊهہ آدم جي عين اعليٰ خاندان مان هو. سچانندا ڻي آکهہ نہ فقط بنيادي خاندان واري هئي پر سندن ڪوٺين ڪارخانن ۽ زميندا ريءَ جي وڏي هاڪ هئي پر زماني جي گردش ڪيس ڪمپازيٽر جي نوڪري ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ۽ هو اسڪولي يا ڪاليجي تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو. نڪا سونهن، نڪا تعليم، نڪا دولت. پر اللهہ ڪيس اها روشني بخشي ڇڏي جو هو روشن منار بڻجي پيو. هن مان سيبئي فيضياب ٿيندا رهيا. اهڙو تہ هو ڏنوان، دولتمند ۽ شاهوڪار بڻجي پيو. درحقيقت، ذات جهڙي ڪا بي دولت ٿي بہ نٿي سگهي.

ٽنڊهہ آدم جي هريجن اسڪول جي مئنيجر طور ڪرسيءَ تي براجمان هوس ۽ ضيا نالي شاعر کي مکيہ مهمان ڪري گهرايو هوسين. سندس سانوري صورت ۽ ماتا جي مهر واري ڪڙ ٻڙ ڇهري کي ڏسي ڏکہ ٿيو هو تہ هن شخص سان ڪهڙي سندري دل جو سودو ڪندي ؟ يلي تہ سچي حياتي دل هٽن ۾ ڪٽي خريدار کي ڳولهيندو رهي، پر بازار - محبت ۾ هن کي ڪو طلبگار ملڻ وارو ڪونهي. گلپوشيءَ بعد هوُ اُٿيو ۽ هن ڪلام پڙهيو. ”پر برابر ڪين آهن پر اُڏڻ ايندو اٿم“ پڇاڙيءَ ۾ چيائين، ”ڪو تو مسجد ڏي وڃي، ڪو ڪليسا ڏي وڃي، ڪو تو ڪعبي ۾ وڃي ۽ ڪو تو ڪاشيءَ ڏي وڃي - مان اگر چاهيان ڏسڻ دل ۾ ڏسڻ ايندو اٿم - پر برابر ڪين آهن پر اُڏڻ ايندو اٿم. مان اُٿي ڪيس پيرين پيم. مون فيصلو ڪيو تہ مندر ۽ مسجدون ڊهن يا نهن، ديوليون ۽ گردوارا رهن يا نہ رهن - شل، اِنسان پنهنجي دل جي مندر کي زيروزبر نہ ڪري ۽ دل سان دغا نہ ڪري.

ڪوي پرسرام ضيا سنہ ١٩٥٣ ۾ گانڌيڌام جي لاءِ ٽرين ۾ ويٺو آهي جو سميلن واري مشاعره جي صدارت ڪرڻي اٿس. چاهي ٿو تہ ڪو نئون شعر لکان ۽ اُتي پڙهي ٻڌايان. قلم ڪنيائين ۽ لکندو ويو. هن جو قلم ٽرين جي رفتار سنئون هلي رهيو هو. هن هڪ شاهڪار نظم تيار ڪري ورتو جنهن ۾ هن سپني ۾ گهوٽ لطيف سان رهاڻيون ڪيون آهن. رهاڻيون ڇا شڪايتون ڪيون آهن ! سرڪار لاءِ چار آنا پر پنهنجي سنڌي سماج لاءِ ٻارهن آنا. هن جي چاليهہ سال اڳہ

ارجن سڪايل

عوامي شاعر پرسرام ضيا

شاهه سچل ساميءَ جي تموريتيءَ کان پوءِ بيدل، بيکس، دلپت حمل روحل، بمل، قاسم، ڪاظم، نياز، هيرو، ڏرمون جهڙن شاعرن جي وڏي قطار سنڌ شعر جي تواريخ ۾ ڏسي سگهجي ٿي. پر جيڪا نئين سجاڳيءَ جي تمورتي ويهين صديءَ ۾ چمڪي اُٿي ۽ اڄ به تصوير جي پرن تي چڙهي جيڪي نئين شاعر ذهن خيال ۽ حافظي جي ٽرن برن ميدانن ۽ ايوانن ۾ پنهنجي موجودگي جتائين ٿا سي آهن بيوس عزيز ۽ ضيا.

بيوس ڪي سائينءَ جو درجو مليو جو هن پراڻيون پتيون پچي سنڌي شاعريءَ کي نج سنڌي ويس وڳا ڍڪايا زلفن جي ور وڪڙن مان نڪري، بزاري ۽ گهٽين جي موڙن تي پهچي ويو. جبلن ۽ ندين نارن ۽ ٻارن، سورمن ۽ سپاتر جا سير ڪري ۽ ڪرائي سچيءَ سنڌ کي تازو توانو ۽ تندرست بڻائي ڇڏيائين عزيز صاحب زلف ڪمند جون ڳالهيون ته ڪونه ڇڏيون پر حسن ۽ عشق جا اهي پهلو اجاگر ڪيائين جن تي اڳ ڪڏهن ڪنهن شاعر جي اک ئي نه پيئي هئي احساس ۽ جذبن جا اهي ذڪر زبان تي آندائين جو ٻڌندڙن جا ڏند چپن سا لڳي ويا. تنهن سواءِ، هن سنڌي زبان، لفت حسن اسلوب، اُڏام، لفظن جي صحت، معنيٰ آفريني صرف نحو ۽ ٽڪ ٽور تي ايترو عبور حاصل ڪيو جو چ بيوس جي جٽيل سهٽي سندر ٻالڪ کي هر قسم جي قوت عطا ڪري بالغ جوا موهيندڙ ۽ حسين بڻائي مٿس پنهنجي ڇاپ هڻي ويو. ضيا وچان ئي ٽين وا ورتي. شاعر پرسرام ضيا بيوس جيان نئين سجاڳي ۽ نئين دؤر جا گوناگون موضو ته قلمند ڪيا پر ڪيترن نون موضوعن سان واقفيت ڪرايائين جي هن جي نئيڙن مگر اهم ڪتابڙين ۾ محفوظ آهن. لوهه جا بوٽ وني کي پايون. پٽي تي پوهوءَ ماڻ، ڪئمپن جا عملدار ۽ مال ڦبائيندڙ مکي، اهي مڙيئي ماڻهو نکي ديوتائون هئا جن لاءِ آرتيون ۽ پوڄن ناهيا وڃن، نکي هوا ۾ لٽڪند عاشق يا عاج جي پلنگن تي ليٽيل سياهه زلفن ۽ ڳاڙهن ڳلن وارا معشوق. هي ماڻهو صبح سانجهيءَ گهٽيءَ ۽ محلي محلي ۾ اسان جي ۽ توهان جي منهن مقابل ٿيندا آهن ۽ انهن جي لاڪر لاهيندي مرحوم ضيا اهڙيون مصرعو جوڙيندو رهيو جي اسانجي چپن تي ناچ ڪنديون رهيون. جوانيءَ ۾ ماست

چندر ۽ بين جا پريل رڪارڊ ٻڌي ڪاليجي جوان ۽ جهريل جيءَ وارا پريمي لڙڪ ڳاڙيندي ۽ دل جون سوغاتون سهٽين ۽ سندرين جي خدمت ۾ پيش ڪندي آلاپيندا هئا. دل آهه هٽ ۾ تو خريدار کي ڳوليان ڪبوتر چئچ آب اکڙين ۾ آٽي وغيره وغيره ۽ پوءِ پڇا ڪندا هئا ته ان ڪلام ۽ ان نظم جو جوڙيندڙ ڪير آهي ؟

ضيا صاحب ٽنڊهه آدم جي عين اعليٰ خاندان مان هو. سچاننداڻي آکهه نه فقط بنيادي خاندان واري هئي پر سندن ڪونين ڪارخانن ۽ زميندار يءَ جي وڏي هاڪ هئي پر زماني جي گردش کيس ڪمپازيٽر جي نوڪري ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ۽ هو اسڪولي يا ڪاليجي تعليم حاصل ڪري نه سگهيو. نڪا سونهن، نڪا تعليم، نڪا دولت. پر الله کيس اها روشني بخشي ڇڏي جو هو روشن منار بڻجي پيو. هن مان سيئي فيضياب ٿيندا رهيا. اهڙو ته هو ڏنوان، دولتمند ۽ شاهوڪار بڻجي پيو. درحقيقت، ذات جهڙي ڪا بي دولت ٿي به نٿي سگهي.

ٽنڊهه آدم جي هريجن اسڪول جي مئنيجر طور ڪرسيءَ تي براجمان هوس ۽ ضيا نالي شاعر کي مکيه مهمان ڪري گهرايو هوسين. سندس سانوري صورت ۽ ماتا جي مهر واري ڪڙ ٻڙ ڇهري کي ڏسي ڏکه ٿيو هو ته هن شخص سان ڪهڙي سندري دل جو سودو ڪندي ؟ پلي ته سچي حياتي دل هٽ ۾ ڪٽي خريدار کي ڳولهيندو رهي، پر بازار - محبت ۾ هن کي ڪو طلبگار ملڻ وارو ڪونهي. گلپوشيءَ بعد هوُ اُٿيو ۽ هن ڪلام پڙهيو. ”پر برابر ڪين آهن پر اُڏڻ ايندو اٿم“ پچاڙيءَ ۾ چيائين، ”ڪو تو مسجد ڏي وڃي، ڪو ڪليسا ڏي وڃي، ڪو تو ڪعبي ۾ وڃي ۽ ڪو تو ڪاشيءَ ڏي وڃي - مان اگر چاهيان ڏسڻ دل ۾ ڏسڻ ايندو اٿم - پر برابر ڪين آهن پر اُڏڻ ايندو اٿم. مان اُٿي کيس پيرين پيم. مون فيصلو ڪيو ته مندر ۽ مسجدون ڊهن يا نهن، ديوليون ۽ گردوارا رهن يا نه رهن - شل، اِنسان پنهنجي دل جي مندر کي زيروزبر نه ڪري ۽ دل سان دغا نه ڪري.

ڪوي پرسرام ضيا سنه ۱۹۵۳ ۾ گانڌيڌام جي لاءِ ٽرين ۾ وينو آهي جو سميلن واري مشاعره جي صدارت ڪرڻي اٿس. چاهي ٿو ته ڪو نئون شعر لکان ۽ اُتي پڙهي ٻڌايان. قلم ڪنيائين ۽ لکندو ويو. هن جو قلم ٽرين جي رفتار سنئون هلي رهيو هو. هن هڪ شاهڪار نظم تيار ڪري ورتو جنهن ۾ هن سپني ۾ گهوٽ لطيف سان رهاڻيون ڪيون آهن. رهاڻيون ڇا شڪايتون ڪيون آهن ! سرڪار لاءِ چار آنا پر پنهنجي سنڌي سماج لاءِ ٻارهن آنا. هن جي چاليهه سال اڳه

واري لکيل قلم ۾ پوشيه واٽي ڪيل آهي. هن چيو آهي ته سرڪار طرفان ٻولي
جي تسليمي ۽ ٻيا سوال به آهن پر سنڌي جاتي پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙ
هڻي پنهنجون پاڙون پٽي رهي آهي ... ۽ اچ ڏسون وينا ته ڪيئن نه اسان
سنڌي پنهنجون پاڙون پنهنجن هٿن سان پٽي پنهنجن ٻچن کي امان ۽ بابا جي
بدران ممي ۽ پاپا چوڻ لاءِ ويهن ننهن جو زور لڳائي رهيا آهيون ۽ سنڌي ٻولي
کي پنهنجن هٿن سان قبر داخل ڪري رهيا آهيون. گانڌيڊام ۾ نئين وطن
يعني نئين سنڌ اڏڻ ۽ وجود قائم رکڻ لاءِ مليل زمين تان هٿ کڻي نئين سنڌ
جي سپني کي سماڌيءَ ۾ ليٽائي فقط سرڪار تي ملامت وجهندي پنجاهه سالن
جو ڪارو اتهاس جوڙي رهيا آهيون ... ۽ اهو سڀ ... ڪن خاص قسم جي
سياستدانن جي پڙڪائڻ، برغلائڻ ۽ انهن جو اُلوُ سڌو ڪرڻ لاءِ هٿيو ٻڌجي رهيا
آهيون. پڙهي ڏسو ته ضيا صاحب ڇا چيو آهي.
هيءَ آهي سنڌي سماج : (آلاپ ضيا تان ورتل)

شاهه سان سپني ۾ ڳالهيون : ڪجهه پيرائون :

- مون چيو : آهيون سياست جا شڪار،
سنڌ کان سنڌي ٿياسين ڌار ڌار،
هڪڙا هت ۽ ٻيا هتي پهچي ويا،
پوُت مذهب جو ٿيو سر تي سوار،
تنهن ڪري اڄ سنڌيت خطري ۾ آهه،
رهڻي ڪهڻي ۽ هلت خطري ۾ آهه

- ماءُ کي هت ٻار ممي ٿا چون،
پيءُ کي بابا بجا ڊيڊي چون،
چاچي کي انڪل ته بردر ڀاءُ کي،
پٽ کي بيبوُ ڌيءَ کي بيبي چون،
مٺڙا مٺڙا شبد مٺبا ٿا وڃن،
لطف وارا لفظ گهٽبا ٿا وڃن.

- بمبئي ۾ اُلٽي گنگا ٿي وهي

هرکو سنڌي ٻوليءَ کان ٿهي،
ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٻارن جي پيڙ
خواب انگريزي پيو هرڪو لهي،
اصل وسريو نقل تي ڪن ناز ٿا،
ڪن پراوا پر ڪٽي پرواز ٿا.

● ڪيترا ڪن ٻار آيائن ٻلي،
ماءُ جي لولي نہ تن کي ٿي ملي،
پيءُ خوش سنڌي نہ پٽ کي ياد آھہ،
ماءُ خوش، ٿھہ ٿھہ ڪري پيئي کلي،
جي قصور آهي تہ پنهنجن جو قصور،
پنهنجي ٻولي کان رهون ٿا دور دور.

● جي بہ ٿا پرلوڪ ۾ سنڌي رهن،
شب اِچائون پنهنجون سي ظاهر ٿا ڪن،
ياوناڻون ۽ دعائون بي شمار،
ڇو نہ پوءِ سنڌيءَ جو ٻيڙو ٿيندو پار،
خواب ۾ جيڪي ٻڌايو شاھہ آھہ،
ٿيندو سچ، اهڙو ضيا ويساھہ آھہ.

انگلنڊ جي مشهور شاعر شيلي چيو آهي تہ منهنجا پيارا گيت اُهي آهن جيڪي دردن جو داستان سڻائين ٿا. ضيا صاحب بہ لذت-غم جو ترجمان آهي. جئين چوي ٿو :

١. ”سوُرن جي کهاڻي آ توکي نہ ٻڌائيندس،
ٻڌندين تہ روئي ڏيندين، توکي نہ رُئاريندس.“

”غم سهندي سهندي غم جا هيراڪ ٿي پياسين،
کهڙي خوشي پهچو ٿا، غمناڪ ٿي پياسين.“

”اکڙيون گهٽيئي اشڪ پکيڙين ٿيون ضيا،
موتين جو ملهہ نٿو ٿئي ڪنهن پر اَلائي ڇو ؟“

واري لکيل قلم ۾ پوشيہ واٽي کيل آهي. هن چيو آهي تہ سرڪار طرفان ٻولي
جي تسليمي ۽ ٻيا سوال بہ آهن پر سنڌي جاتي پنهنجي پير تي پاڻ کها
هٽي پنهنجون پاڙون پٽي رهي آهي ... ۽ اڄ ڏسون ويٺا تہ ڪيئن نہ اسا
سنڌي پنهنجون پاڙون پنهنجن هٿن سان پٽي پنهنجن ٻچن کي امان ۽ بابا جي
بدران ممي ۽ پاپا چوڻ لاءِ ويهن ننهن جو زور لڳائي رهيا آهيون ۽ سنڌي ٻولي
کي پنهنجن هٿن سان قبر داخل ڪري رهيا آهيون. گانڌيڌام ۾ نئين وط
يعني نئين سنڌ اڏڻ ۽ وجود قائم رکڻ لاءِ مليل زمين تان هٿ کڻي نئين سنڌ
جي سپني کي سماڌيءَ ۾ ليٽائي فقط سرڪار تي ملامت وجهندي پنجاهہ سال
جو ڪارو اتهاس جوڙي رهيا آهيون ... ۽ اهو سڀ ... ڪن خاص قسم جي
سياستدانن جي پڙڪائڻ، برغلائڻ ۽ انهن جو اُلو سڌو ڪرڻ لاءِ هتيو ٻڻجي رهيا
آهيون. پڙهي ڏسو تہ ضيا صاحب ڇا چيو آهي.
هيءَ آهي سنڌي سماج : (آلاپ ضيا تان ورتل)

شاهہ سان سپني ۾ ڳالهيون : ڪجهہ پيرائون :

- مون چيو : آهيون سياست جا شڪار،
  سنڌ کان سنڌي ٿياسين ڏار ڏار،
  هڪڙا هت ۽ ٻيا هتي پهچي ويا،
  پوٽ مذهب جو ٿيو سر تي سوار،
  تنهن ڪري اڄ سنڌيت خطري ۾ آهہ،
  رهٽي کهٽي ۽ هلت خطري ۾ آهہ

- ماءُ کي هت ٻار ممي ٿا چون،
  پيءُ کي بابا بجا ڊيڊي چون،
  چاچي کي انڪل تہ بردر ڀاءُ کي،
  پٽ کي بيبوُ ڌيءَ کي بيبي چون،
  ملڙا ملڙا شبد ملٻا ٿا وڃن،
  لطف وارا لفظ گهٽبا ٿا وڃن.

- بمبئي ۾ اُلٽي گنگا تي وَهي

سنہ ۱۹۴۳ ۾ وڏي عالم عمربن محمد دائود پوٽي لکيو : ”ضيا جو شعر هڪ جديد نموني جو جذباتي ۽ وجداني آهي. زير اضافت بڪثرت ڪم آندي ويئي آهي تہ بہ ان ۾ جيڪي خيال سمايل آهن سي بديع ۽ بي نظير آهن ۽ شاعر جي احساس دل جو آئينو آهن. اُنهن مان بي ثابيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اُميد آهي تہ اهڙي قسم جو ڪلام مستقبل جي شعر جو پيش خيمو بڻجي نوخيز شاعرن لاءِ چڱو مثال ثابت ٿيندو. قارئين هي ڪلام پڙهي شاعر جي حوصلا افزائي ڪندا.“ ڪويتا زندگيءَ جو آئينو آهي. ضيا صاحب بيشڪ پنهنجي ”شخص“ جي، ”سماج“ جي، آس پاس جي ”حالتن“ جي،ديش ڌرم ۽ هستيءَ جي بي ثباتيءَ جي تصوير ڪشي ڪندي، دل کي ڇهندڙ شاعري ڪئي ۽ پنهنجو نالو امر ڪري ويو.

ضيا جو شخص

”هڪ طرف رودن ۽ سڏڪن ۾ ٿي پوري رات ٿئي
ٻئي طرف عيش ۽ خوشيءَ جو راڳہ ڳايو ٿو وڃي.“
پنهنجي زماني جي ماحول جي اهڙي چٽرڪاري ڪا وِرلي،
ڏسڻ لاءِ ملندي آهي.

هن پنجاهہ سال بہ ڌرتيءَ تي ڪونہ ماڻيا ۽ اسان جهڙن پنجاهہ سال سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کي ڏنا آهن، مگر دلگير شيام ۽ اياز کان سواءِ ڪوبہ اهڙو بڻجي نہ سگهيو آهي جهڙو ڏات ڏٺي پرسرام ضيا بڻجي سگهيو.

ضيا صاحب ڏهہ ڪتاب لکيا. ڪن ڌرم پريمين کي سندس سکمني صاحب ۽ ڀڳوت گيتا تي گهڻو فخر آهي. ڪي سندس آلاپ ضيا ۽ تصوير احساس تي فدا آهن. پر مونکي سندس چونڊين مان ئي سندس روح جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. پٽي تي پوهوءَ ماءُ- پوهوءَ ماءُ سنڌي عورتن جي عيوضياڻي آهي. هوءَ ڇو نہ پٽيندي ؟ هوءِ اڳوانن کي ڇو نہ ميرن ڪپڙن وانگر سٽيندي ؟

جن سوارٿي اڳوانن پنهنجي ڌرتي ڇڏائي وطن کان ڌار ڪيو. ان عورت جي آهہ شهيد جي رت ۽ پڇتاءُ جي ڳوڙهن کان وڌيڪ اثرائتي آهي جن ٻنهين چيزن جو قدر دانن وٽ وڏو قدر آهي ۽ مهاڪوين اهڙين چيزن تي موتي نڇاور ڪيا آهن مان هڪڙو معمولي شاعر آهيان. پر منهنجي قدر جا موتي ان پرسرام ضيا جي ان آهہ ۽ دانهن تان گهوريا وڃن جنهن ۾ هڪ سنڌي عورت پٽ پاراتو ڪندي اڳوانن کي لوئي ويئي.

۴. ''ساقي اٿم ڪونہ فقط غم ئي آهي،
جنهن سان ٿئي وصل ٿو هر هر منهنجو.''

۵. ''درد جي لذت اٿم ونٺي، نہ گهرجي تي دوا،
شل نہ ڪو ڏيئي دوا، لذت ڪسڻ وارو هجي.''

واهہ، ضيا صاحب! لذت-غم جو اهڙو طلبگار ئي صحي معنيٰ ۾ شاعر
شعور سان نياڻڻ وارو ٿو ٿئي ۽ اعليٰ مقام تي ٿو رسي. ۽ اڃا بہ اڳتي هلي ٿو لڪ

''بي خطا هوندي بہ جي بخشيا نہ ويا،
اي ضيا مان تن گنهگارن مان هوس.''

انسان سماج ۽ ڌرم

''قسمين قسمين ديپ ٻاري گهر ٿا سينگاريا وڃن،
دل جي گهر ۾ جوت حق جي ڪنهن نہ جاڳائي اڃا.''

هڪڙو امر گيت

١. تون سيلاني مان سيلاني،
اڱم ديس ڪان آيا آهيون،
سير ڪرڻ صبحاني.
پنهنجو ۽ نہ پرائو ڪوئي
ڇڱو لڱو يا لائو ڪوئي،
اسين مسافر فرق رکون ڇو،
ڪريون ڇو ناحق ناداني.

٢. قدم قدم تي ڪاڪ محل آ،
مومل مايا جو ڇل ول آ،
راڻي وانگر رمز سان هلندو،
ورلو ڪو جڳ ۾ گياني.

٣. پنهنجي آدي ذات سڃاڻج،
پاڻ کي پيهي پاڻ کي ڄاڻج،
مڙني ڪان پد تنهنجو اوچو،
لال ضيا تون لاثاني.

تنهنجي چرنن ۾ ضيا جي وينتي آهي اِها،
تنهنجو پرشارت ڪپي ۽ تنهنجي گهرجي دعا.''

ڪير ٻڌائي سگهندو ته ڪڏهن ڪنهن ٻئي شاعر ڪنهن سنت مهاتما جي
اهڙي مرحبا ڪئي آهي ؟ عام طرح سڀ شاعر سنتن کي سرٽيفڪيٽ ڏيندي
چوندا آهن : توهان وٽان جهولي ڀري ويندس. توهان نپٽن کي پٽ ڏيندا آهيو.
توهان بيمارن کي چاق ڪندا آهيو. توهان جي آسيس سان اسانجي گود ڀرجي
ويئي، وغيره وغيره. مگر ڪوي پرسرام ضيا جو ڪلام صحيح معنيٰ ۾ فقيراڻو،
رندانو، دروشاڻو ۽ صوفيانو هوندو هو.

ڊاڪٽر روچلداس جي شان ۾ :

مرحبا دستار وارا مرحبا صد مرحبا،
مرحبا درويش دلبر مرحبا صد مرحبا،
ميري ۽ پيريءَ جو آهين روهڙيءَ وارا ڌڻي،
تنهنجي پياسين کي ضرورت قرب جي آهي گهڻي.

سائين ڏرمداس لاڙڪاڻي وارو :

پير تنهنجا فرش تي هٿا عرش تي تنهنجي اُڏام،
تنهنجي واڻي ئي زماني واسطي اِلهام آ،
تون فقير آهين مگر آهين اميرن جو امير،
سنڌ جا درويش توکي دمبدم پرڻام آ.

''ڪو تو مسجد ڏي وڃي ۽ ڪو ڪليسا ڏي وڃي
ڪو تو ڪعبي ۾ وڃي ۽ ڪوتو ڪاشيءَ ڏي وڃي''

پر اهي هن جا آدرش نه آهن،
هن جو هڪ ئي آدرش آهي

''مان اگر چاهيان ڏسڻ، دل ۾ ڏسڻ ايندو اٿم
لطف گهر ويٺي وٽان نه ويٺو وٺڻ ايندو اٿم''

اڄ ضيا هجي ته اسان جا نڪ ڪٽي ها اسان جا ڪن پٽي ها ۽ اسان کي
سچ چوي ها :
مندر لئه ٿا آگ لڳايو ؟ مسجد لئه ٿا ماڻهو ماريو ؟ ڇي ڇي !!

خدا سان جهيڳڙو

بڊايو چمڪندڙ تارا،

غريبن بيڪسن جي آهہ جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو،
بڊايو سرد آهن سان فلڪ زيرو زبر ٿئي ٿو،
سيہ بختن جي اوندهہ پي اوهان ڪڏهين مٽائي آ ؟
اوهان بخشي غريبن کي ڪڏهن ڪا روشنائي آ ؟

ان طرح، هوُ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر ٿي نہ، وڏو آندولن ڪاري بہ بڻجي رهيو. هوُ بمبئيءَ جي سنڌي ساهت منڊل ۾ نت نيم سان حاضري ڀريندو هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي ايترو متاثر ڪيو هئائين جو هن جي سرڳواس ٿيڻ تي منگهارام ملڪاڻيءَ چيو هو تہ افسوس اٿم جو اهڙي شخص کي ڪُلهو ڏيڻ جو شرف حاصل ڪري نہ سگهيس. عزيز صاحب تہ هن کي زنده شاعرن جي محفل ۾ (پاڻ ڪانپوءِ) ٻيو نمبر سمجهندو رهيو. هوُ سنڌونگر ۾ ادبي هلچل، مشاعرن ۽ محفلن جو پچاڙيءَ تائين سرمور ٿي رهيو. جهڙو هوُ شاعر هو، تهڙو ئي مثالي اِنسان هو. وڏو-وڏيرن مان بہ ڪونہ ٽرندو هو ۽ سچن ساٿين کي پنهنجي آغوش جي گرميءَ کان وانجي نہ رکندو هو.

هوُ سنتن مهاتمائن لاءِ وڏي شرڌا رکندو هو ۽ انهن لاءِ ڪلام جوڙيندو هو پر اُتي بہ ڪا انڌ شرڌا ۽ چرنن چُمڻ جي ڳالهہ ڪانہ ڪندو هو. هوُ ڪين فقط گيان گروءَ جي نظرن سان ڏسندو هو. ڪنهن مطلب لاءِ پرساد لاءِ ڪنهن جي ثناخواني ڪانہ ڪندو هو. ضيا صاحب جي اهڙي ڪلام مان بہ رندن ۽ فقيرن ۽ درويشن واري للڪار حاصل ٿيندي هئي. مثال طور ڪجهہ داٽا ڪٽا حاضر آهن :

ساڌو واسواڻي جڏهن سنڌونگر ۾ آيو هو :

(تڏهن سندس مرحبا واري گيت ۾ لکيو هئائين)

”هڪ دفعو سنڌونگر جا گهر گهمي دلدار ڏِسُ،
فاقہ-مستن، بدنصيبن کي هلي هڪوار ڏِسُ،
توکي زنده لاش گهر گهر ۾ گهڻا ايندا نظر،
مُنهن ۾ مايوسي، چپن تي سرد آهُون، چشم تر
اُتِ اُتي ساڌو سچا سرڪار کي شرماءِ تون،
شاهوڪارن جون ٽجوڙيون اُتِ اُتي کولاءِ تون،
قرب رکہ ڪلياڻ وارن سان مٽن احسان ڪر،

اِن وچ مون فلم جا گانا بہ لکي ورتا ها، فلم جي ڏهن گانن مان ستن گانن جي رڪارڊنگ بہ ٿي وَئي.

ڪلائيمئڪس؟ فلم ٺهي نہ سگهي

ان اِسڪرپٽ جو درشيہ ١٨ جنهن ۾ سائين پاروشاه جي پهرين ملاقات ڏيکاريل آهي. پاٺڪن جي آنند لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان. فلم ڀلي نہ ٺهي هجي پرپرماتما چاهيو تہ فلم جي فل اِسڪرپٽ ڪنهن ڏينهن ضرور پرڪاشت ٿي عوام جي اڳيان ايندي.

15-6-99 منوهر بيدي)

درشيہ ١٨

سوترڌار : جنهن وقت پارومل پنهنجيءَ پتنيءَ گنگا کي 'ماتا' ڪري سڏيو ۽ هميشهہ لاءِ 'هري هر' چئي موڪليو ان وقت سندس عمر پنجويهہ سال هئي ۽ گنگا تيرهن سالن جي هئي ان حقيقت مان اِهو ثابت ٿو ٿئي تہ پارومل رشين منين کان بہ هڪ درجو اڳيرو هو. عمر جي لنبائي سوَ سال مڃيندي پارت جي پراچين رشين منين پنجويهن سالن جي عمر ۾ گرهست آشرم ۾ داخل ٿيڻ جو نيم ٺاهيو هو پر پارومل تہ ان عمر ۾ وان - پرهست آشرم ۾ قدم ڌريندي هڪ وڻ تي آسڻ جمائي وڃي تپسيا ڪئي! ان اِسٿان تي هاڻي هڪ جڳهہ ٺهيل آهي جنهن کي عام لوڪ شرڌا وِچان ''پارو شاه جي اُٺري'' ڪري سڏيندا آهن ۽ ورهاڱي کان اڳ هر مهني اُتي رَتِ -جڳو ٿيندو هو ۽ سڄي رات چونڪي لڳندي هئي ۽ ڪيرتن هلندو هو!

(پاروشاه جي اُٺريءَ جو ڪلوز-اپ! ڀڳتي رس سان ڀرپور گيت جون ڪجهہ سِٽون اووَر - لئپ ڪن ٿيون.)

گيت:

من، ڪر نہ گهٽي چِتُرائي!
چترائي ٿي جم جي ڦاسي، ڪَم نہ ڪنهنجي آئي!!
١- ڪال ڪلهن تي وينو آهي،
ڪوئي بہ اُن کان بچڻو ناهي،
بندا، تنهنجو جڳہ ۾ ڇاهي؟
ڏوڙ، مٽي ۽ ڇائي! من ....

منوهر بيدي

پهرين مُلاقات

(فلم اِسڪرپٽ)

(سيپٽمبر ١٩٩٥ جي آخرين هفتي ۾ شري خوشي متائيءَ جي معرف
آسائوتڙ جي موجوده گاديسر شري آتمارام جو سپتر شري گرمکداس مون س
مليو. هو پنهنجي وڏي سائين وسڻ شاهہ ۽ اُن جي گرو سائين پاروشاهہ ت
فيچرفلم ڪڍڻ چاهي پيو. فلم جي ٽائيٽل جي ڪلپنا بہ هن ڪري ڇڏ
هئي - رکُ روهڙيءَ واري تي! فلم جي ڪهاڻي، اسڪرين پلي، ڊائلاگ
سينريو ۽ گيت لکڻ جو سمورو ڪم منهنجي حوالي ڪيو ويو. مان ڌارمڪ جنو
سان ان ڪم کي لڳي ويس. مون ڪيترائي ڪتاب اُٿلايا ۽ اُن نتيجي ت
پهتس تہ انهن ٻن مهاپرشن جي جيون کي چٽڻ لاءِ سڄيءَ صديءَ جو ڪئنواس
گهرجي. مون ١٨٠٠ع کان وٺي سنڌ ۽ هند جي اتهاس جو گهرو اڀياس شرو
ڪري ڇڏيو. وڏي ڳالهہ تہ اِها هئي جو انهن ٻن مهاپرشن جي جيون جي و
۾ ئي ١٨٥٧ واري ڀارت جي آزاديءَ جي پهرين لڙائي بہ لڳي هئي. دما
۾ هر هر کي سوال اُٿي رهيا ها تہ ان ڏينهن ۾ سنڌ جو ڪهڙو ڀاڱو رهيو؟ ڇا سن
جي سنتن ۽ درويشن ديش لاءِ سر قربان ڪندڙن کي اُجهو بہ نہ ڏنو هوندو
جواب ڪٿان بہ ڪونہ پيا ملن پر ڪلپنا جو گهوڙو زمين آسمان هڪ ڪري
رهيو هو.

شري گرمکداس مون کي سائين پاروشاهہ ۽ وسڻ شاهہ جي جيونيءَ ج
هڪ پستڪ ڏنو ڪتاب ۾ موجود حوالن مان سال ۽ سن جي ڪلپنا ڪندو ويس
۽ ان بابت نوٽ لکندو ويس. ان وقت سنڌ ۽ هند ۾ راجنيتڪ، ساماجڪ
ڌارمڪ ۽ ساهتيڪ حالتون ڪهڙيون هيون ان بابت بہ نوٽس تيار ڪندو ويس
ان طرح اهو هڪ وڏو رسرچ جو ڪم ٿي ويو ۽ جڏهن اِسڪرين پلي لکڻ وينس
تہ درشيہ سؤ کان بہ مٿي ٿي ويا!

اسڪرين پلي جو ڪجهہ حصو، جنهن جا مون ڊائلاگ لکيا ها، سائين
آتمارام کي بہ ٻڌايم ۽ هن صاحب جي چهري تي ڇانيل خوشيءَ جي چمڪ
منهنجي اتساهہ جو وڏو وسيلو بڻجي وئي. مون کي تہ ڄڻ وڏو اِنعام ملي ويو

درشيہ ۱۸/ب

(ميديم شات پاروشاه اول وانگر ئي دڪيءَ تي پير رکي بيٺو آهي ۽ آسائوتز ڏانهن نهاري رهيو آهي. پاروشاه هاڪار ۾ سِر لوڏي ٿو. ڪجهہ دير لاءِ اکيون بند ڪري ٿو ۽ پوءِ اکيون کوليٿو. هاڻي سندس چپن تي بہ شرارت ڀري مرڪ آهي.)

درشيہ ۱۸/پ

آسائوتز

حسن : پنهنجي حاڪم کي وڃي اسان جي طرفان چوُ تہ زندگيءَ جو سلسلو ڪافي لنبو آهي - ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ضرور ملنداسين. (اوچتو ٽهڪ ڏئي ٿو.)

قيامت جي وقت، خدا جي روبرو تہ ملاقات ٿيڻي ئي آهي -
غم ڇا جو؟

(هٿ سان وڃڻ جو اِشارو ڪريٿو. درٻاري خدمتگار وڏيڪ وقت وهڻ جي يا حجت هلائڻ جي همت نہ رکي سگهڻ جي ڪري، چپچاپ اُٿي هليو ٿو وڃي! پر، وڃڻ کان اڳ ٻنهي فقيرن جي سامهون درٻاري آداب بجا آڻڻ نہ ٿو ڀلجي - جهڪي ٽي دفعا سجدو ڪريٿو. ٻئي فقير مرڪن ٿا.)

وسڻ : ٽالپر جي ٽالپري - خير پوري!

ويچاري کي ڪل ڪهڙي تہ ڇا هي اگر پوري!

حسن : بيشڪ - بيشڪ!......

(پاروشاه دڪيءَ تان ساڄو پير هيٺ لا هي ٿو ۽ آسائوتز ڏانهن وِکہ وَڌائي ٿو.)

حسن : اچي ويا! موُلا جا ڀلا وٺا اچي ويا!

(پاروشاه ڌيري ڌيري هلندو ٻنهي فقيرن جي سامهون اچي بهي ٿو. وسڻ ۽ حسن هڪدم اُٿي بيهن ٿا. ٽيئي هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهارن ٿا.)

حسن : اَسان توهان جي درجي کان واقف آهيون.

پاروشاهہ : اسان هن تڙ تي مٽ ڀريا آهن- ڀهاريون پاتيون آهن.

حسن : هستيءَ کي پاڪ - صاف ڪيو آهي.... مٽن ۽ دلن ۾ سمايل پاڻيءَ جي هڪ هڪ بوند الاه جي آشيرواد بڻجي توهان جي مٿان وَسي آهي!

سوترڌار : پارومل، پورا ويهہ سالَ دنيا کان دُور جبلن ۽ جهنگلن ۾ ر
گهور تپسيا ڪئي ۽ آڌياتمڪ شڪتين کي بي-انت بلندين تائين پهچاي
هاٿي، سنہ ١٨٦٥ع ۾، پنجيتاليهن سالن جي عمر ۾ ؛ هوُ پارومل نہ
'پاروشاهہ' هو آڌياتمڪ شڪتين ۽ روحاني طاقتن جو شهنشاهہ - پارو شاهہ!

(ڪئميرا پارومل کي ڪمر تائين ڪور ڪري ٿي. سندس شرير جو مٿيون اڌ ن
ڪونہ ٿو اچي. هو اڳتي وڌندو ٿو رهي، وڌندو ٿو رهي - وڌندو ٿو رهي.)

سوترڌار : پاروشاهہ روهڙي شهر ۾ قدم رکيو. سڀ کان اول، سندس قد
ان اِستان طرف وڌيا جيڪو اِستان سندس آڌياتمڪ شڪتين جو مُول - اِستان ه
بنياد هو: يعني، آسائوتڙ!

(پارومل جا قدم وڻن جي پرسان ٿهيل ننڍيءَ ڏڪيءَ وٽ اچي رڪجن ٿا.
شاٽ، پارومل ڏڪيءَ تي ساڄو پير رکي آسائوتڙ جو دور کان درشن ڪريٿو ۽ شر
سان سر جهڪائي پرڻام ڪريٿو، پارومل جي پير ۾ پپل جو وڻ آهي)

<u>درشيہ ١٨/الف/ ڏينهن</u>

آسائوتڙ

(ڪئميرا ڪلوز صوفي حسن فقير تي، هو ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي.)

حسن : اَبا، خيرپور جي ميرعلي مراد خان ٽالپر جي خواهش برابر ل
لهي پر اسان مجبور آهيون...

(ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ هڪ وڏي بڙ جي وڻ جي
هينان سوتليءَ سان واٽيل ٻن منجين تي حسن ۽ وسڻ وينا آهن سندن سامهو
رکيل هڪ ڪاٺ جي سندليءَ تي ڪوئي درٻاري خدمتگار وينو آهي. حسن جي
هٿ ۾ هڪ چٺي آهي.)

حسن : ....اَسان کي اول ئي هڪ تمام وڏي، وڏي ۽ وڏي، پيرن جي
پير، ميرن جي مير ۽ ٽالپرن جي ٽالپر جو نوتو ملي چڪو آهي. اَبا، اُن نوتي کي
نڪارڻ اسان مستن جي مستيءَ کان بہ ٻاهر آهي - اُهو نوتو، نوتو ناهي، حڪ
آهي، اِرشاد آهي.... قاصد پهچي چڪو آهي..........

(ان طرف نهاري ٿو جنهن طرف پپل جي وڻ جي پرسان، ڏڪيءَ تي پير رکي
پاروشاهہ بيٺو آهي - حسن جي منهن تي شرارتي مرڪ آهي)

کندارام : اِئين ئي ٿئٺو هو - اِئين ئي ٿيندو -
اُهو ئي ٿئي، جو سائينءَ کي وڻي !
اسان کي تہ ليلا ڏر ڄي ليلا ڏسڻي آهي -
نہ ڪُڇڻو آهي، نہ پُڇڻو آهي!

(دربار جي اندر هليو وڃي ٿو)

حسن : (پاروشاه جي هٿ ۾ وسڻ جو هٿ ڏيندي) امانت پرتي!

پاروشاه : (المستيءَ ۾ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي) هون !....

وسڻ : (پاروشاه جا پير پڪڙي) سائين، هن داس کي نام ڏيو - داس کي قبول ڪريو ....

پاروشاه : (وسڻ جو ساڄو هٿ پڪڙي ۽ جلا لي نگاهن سان هن جي اکين ۾ نهاري جڻ ڪجهہ اوتيندي) وسڻ! اول ئي پهل تہ وٺي چکو آهين - هاڻي چؤ...

: ايڪونڪار

وسڻ : ايڪونڪار

پاروشاهہ: ست نام

وسڻ : ست نام

پاروشاهہ: ڪرتا پرکہ

وسڻ : ڪرتا پرکہ

پاروشاهہ: نربؤ نروير

وسڻ : نربؤ نروير

پاروشاه : اڪال مورت

وسڻ : اڪال مورت

پاروشاهہ: اجوني سنڀؤ

وسڻ : اجوني سنڀؤ

پاروشاه : جپ! آدِ سچ جگادي سچ

وسڻ : جپ! آدِ سچ جگادي سچ

پاروشاهہ : هئہ ڀي سچ

توهان، توهان ۽ بس توهان آهيو.........
(معنيٰ ڀريل نظرن سان وسڻ ڏانهن نهاريتو)

حسن : آپي هيِ گُروُ، آپي هيِ چيلا !........

پاروشاهہ : (موج ۾) ساوي پلا .....

(حسن وسڻ کي اکين سان اِشارو ڪريتو. وسڻ اُٿي هليو ٿو وڃي.)

حسن : موتي آهي، موتي!

پاروشاهہ : باز ٻڌجٿو اٿس - فقط گهرائي نہ گهرجي، اونچائيءَ جي ضرورت رهي ٿي.....

(اُن وقت وَسڻ ٻنهي هٿن سان هڪ وڏو لوٽو ڪٽي ٿو اچي ۽ ڏاڍي ادب سا
پاروشاهہ کي ڏئي ٿو. ان لوٽي ۾ ساوي - ڀنگہ - ڀريل آهي.)

پاروشاهہ : (لوٽو وٺندي) گهونجي گهوٽُ ٿو ٿجي تہ مڪت تا پونِ.......
ناهي ڪم ڪَچَنِ جو..........

(پاروشاهہ ساجي هٿ ۾ لوٽو ڪٽي، ڏات ڪري، هڪ ئي ساهيءَ ۾، سڄي ڀنگہ پ
ٿو وڃي ۽ لوٽو ڪٽي رکڻ وارو ئي آهي تہ اُن کان اڳہ وسڻ لوٽو وٺي زمين تي هڪ
طرف ڪٽي ٿو رکي. اوچتو سندس نظرن حسن تي پوي ٿي جيڪو سخت نظر
سان هن ڏانهن نهاري رهيو آهي. وسڻ هڪدم غلطي محسوس ڪندي لوٽو ڪٽي
ٿو، عزت سان اکين تي رکي ٿو ۽ چمي ٿو. پوءِ الائي ڇا سوچي لوٽي ۾ ڀنگہ جو
بچيل بوندون ڏات ڪري پي ٿو وڃي. هاڻي هو عجيب قسم جو آنند محسوس
ڪري رهيو آهي. لوٽي کي آدر سان اونچي اِستان تي رکي ٿو.)

وسڻ : (بيخوديءَ ۽ آنند ۾) من - موهن ڪرشڻ مراريءَ جي متوالي
ميران ضرور پريم-رس پيتو هوندو ..... تڏهن تہ
(موج ۾ اچي جهومي ٿو)

پگہ گهنگهرو بانڌ ميران ناچي ري!

(نچي ٿو)

مان بہ پنهنجي پريتم لاءِ وِڪامي،
ٿي ويس در جي داسي ري !
داسي ري، تنهنجي داسي ري !

(دربار صاحب جي در وٽ ڪندارام نظر اچي ٿو. هو سامهون تنهي فقيرن ڏانهن
نهاري رهيو آهي. اوچتو هن جي منهن تي مرڪ اچي ٿي ۽ هوُ سنتوشي-ڀاوَ سان
ڪنڌ لوڏي ٿو.)

ڪري رهيا آهن. ڪمري ۾ فقيرن جي ڏانوَ جو معمولي سامان پيو آهي جيئن ته پراڻا پادر، ڪلين ۾ ٽنگيل ڪجهه پراڻا ڪپڙا، پاڻيءَ جو دلو، ٻه - ٽي گلاس، لوٽي، ڪجهه لوٽا، ڏنڊو - ڪونڊو، ڀنگ ڇاڻڻ جو ڪپڙو، چلم، ڦُل، ڪاٺ جي هڪ پيڙهي وغيره، وغيره)

حسن : وسڻ! ياد رکجانءِ! تيسين الڪ-آلاهه جو ديدار ناممڪن آهي جيسين بندي جي هستي هنن ٽن زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. اُهي زنجيرون آهن: شرم، نفرت ۽ خوف! توڙ اِهي ديوارون ۽ پهچي وڃ جنون ۽ ديوانگيءَ جي حڪومت ۾ .... المستي تنهنجيءَ سڄيءَ هستيءَ کي هلائي هلائي، ڌوڏي ڌوڏي تنهنجيءَ شڪتيءَ جي بنياد کي مظبوط مان مظبوطتر ۽ مظبوطتر مان مظبوطترين بڻائي ڇڏيندي! شڪتي ڪپيئي ته مستيءَ وٽان سفر جي شروعات ڪر.(اوچتو ٻاهران ايندڙ آواز اوورلئپ ڪريٿو)

آواز : سائين وسڻ! سائين وسڻ! مون مسڪين جو عرض اونايو.

(حسن وسڻ کي دروازو کولڻ جو اِشارو ڪريٿو)

آواز : مري ويندي سائين! مري ويندي...

(وسڻ دروازو کولي ٿو. هڪڙو نوجوان هڪدم اندر هليو ٿو اچي هو ڏاڍو دکي لڳي رهيو آهي. سنهرو، سڪل ۽ ڪمزور! بدن تي ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پيل. سيءَ کان بچڻ لاءِ هن ٻن-ٽن ڦاٽل لوئيڙن کي هڪٻئي جي مٿان تهه ڪري ڪٽي بدن تي ويڙهيو آهي. پيرن ۾ ڦاٽل جُوتا! هو هڪدم ڌوٽيءَ جي اڳيان اچي هٿ سيڪي ٿو ۽ گرم گرم هٿ منهن تي مهٽي سرديءَ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريٿو. حسن ۽ وسڻ ڪجهه دير لاءِ چپچاپ هن ڏانهن نهاريندا رهن ٿا.)

وسڻ : آدا، ڪير مري ويندي؟

نوجوان :سائين ، پل - چڪ ٿي هجي ته داس جاڻي معاف ڪجو! مان ڏاڍو دکي آهيان. توهان جي درٻار صاحب جي پنيان ئي ڪجهه پنڌ تي منهنجو گهر آهي.

مان گيهي آهيان - سيڌي وارو گيهي! منهنجي گهرواري سال کان بيمار پئي آهي. حڪيم پيٽيم، وئد پيٽيم، پڇاڻا ڪيم، جهاڙون ڦوڪون وجهايم پر ڪجهه ڪونه ٿيو، ڪوئي فرق نه پيو......

(روئي ٿو) .... هاڻي ته وڃي هڏن جو پڃرو بچيو آهي.

وسڻ : هائو پڪ سچ

پاروشاهه : نانڪ! هوسي پڻ سچ-٢

وسڻ : نانڪ! هوسي پڻ سچ-٢.

(وسڻ پاروشاهه جا پير پڪڙي ٿو، پاروشاه وسڻ کي ڳلي لڳائي ٿو. حسن مرڪي رهيو آهي.)

پاروشاهه : (وڃڻ جي تياري ڪندي) پنجن تتن جي هن پڃري کي پڃري ۾ ئي بند رکڻو آهي، اسان تو وٽ اول به آياسين وسڻ، ايندو ڪڄ، اسان به پيا ايندا ڪنداسين (پاروشاهه وڃي ٿو.)

حسن : وسڻ، هاڻي سمجهه ۾ آيو ته تنهن ڏينهن جڏهن پهريون ملياهئاسين ته ڪوڙو چو نه پڳو ۽ گهوڙو ڪاڻي انڪيو....

(وسڻ حسن ڏانهن نهاري ٿو.)

حسن : پاروشاهه جي شڪتي اپار آهي، اِتاهه آهي ۽ اڪات آهي! هئڙ پهتل پرکر جيترو پاڻ چاهيندا آهن، فقط اوترو ئي بيا ماڻهو ڪين سمجهي سڃاڻي سگهندا آهن، نه ذرو گهٽ، نه ذرو وڌ! وسڻ، هيءُ مولا جو مئدان اٿئي هتي ته فقط خاڪ بڻجي مٽي بڻجي ئي رهي سگهندين!

وسڻ : سائين پاروشاهه سان اُها پهرين ملاقات به ڪهڙي نه عجيب انوکي هئي.... مان اُهو ڪرشمو، اُها ليلا ، زندگيءَ ڀر نه ڀلائي سگهندس....

(ڪئمرا ڪلوز وسڻ جي خوابن ۽ خيالن ۾ گم اکين تي، وسڻ جو چهرو ڌنڌ ٿيندو وڃي ٿو. فلئش بئڪ شروع ٿئي ٿي.)

-فلئش بئڪ شروع-

فلئش بئڪ

درشيه ١٨/پ/رات

آسائوٽڙ: هڪ ڪمرو

(ميڊيم شاٽ، مستطيل ڏوٽيءَ ۾ اگر جلي رهيا آهن. ڪئميرا جي پوئتي هٽ تي اسان ڏسون ٿا ته ڏوٽيءَ جي ٻن پاسن کان، هڪ ٻئي جي آمهون سامهون منجين تي وسڻ ۽ حسن وينا آهن ۽ هٿ سيڪي رهيا آهن. پوه جو مهنو آهي ۽ به چوي - اڄ نه پوان ترڪڏهن پوان. ٻئي دوست ٿلهي چادر ويڙهي ڳالهيو

پاروشاه : مان توهان سان گڏ هلندس - پڳوان سڀ يلي ڪندو!...... هي رستا اُهي نہ آهن، جن کي سڀ لتاڙي وڃن!

(حسن ۽ پاروشاه جون نظرون ملن ٿيون، شعلا اُيرن ٿا. چارئي ڄڻا چپ چاپ اڳتي وڌن ٿا. ڪاري رات ۾ چار ڪارا پاڇا!)

(فلئش بئڪ جاري)

درشيہ ١٨/پ/رات

گيهي جي گهر جو ڪمرو

(ڪئميرا ڪلوز مرٽينگ عوًرت جي شُڪل چهري تي. ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ هڪ تمام ڪمزور عوًرت واڻ جي کٽ تي، ميري بستري تي تقريبا مئل حالت ۾ پئي آهي. هن جي جسم ۾ چرپر بلڪل ڪونہ آهي، کٽ جي اڳيان اُن عورت جي ماءُ يعني گيهيءَ جي سسس بيني آهي ۽ سُڏڪا پري رهي آهي. ڪجهہ پريان گيهي بينو آهي ۽ سندس پاسي ۾ پاروشاه، وسڻ ۽ حسن بينا آهن. سيني جون نظرون بيمار عوًرت تي آهن.)

ماءُ : (اکيون اُگهندي) توهان کي اچڻ ۾ گهڻي دير ٿي وئي سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. منهنجي ڏيئڙي شرير جي ڪشٽن کان مڪت ٿي وئي

(سُڏڪا پري رئي ٿي. گيهي اڳتي وڌي ساڄي هٿ جي تريءَ سان زال جون کليل اکيون بند ڪريٿو. پاروشاه وسڻ کي اِشارو ڪريٿو. وسڻ اڳتي وڌي مئل عورت جو معائنو ڪريٿو. نبض بند دل بند، نڪ وٽ ساه جي اچ - وڃ بند، وسڻ نراشا مان ڪنڌ لوڏي ٿو.)

پاروشاه : (اوچتو ، وسڻ ڏانهن منهن ڪري) ڇا تون سمجهين ٿو تہ هيءَ استري مري چڪي آهي؟

(وسڻ ڪنڌ سان هاڪار ڪريٿو)

پاروشاه : (گيهيءَ کي) ڇا توکي هن سان پيار آهي؟ ہار آتئي؟

(گيهي روئي رهيو آهي)

پاروشاه : (سوال دهرائيندي) ڇا تون، پنهنجيءَ استريءَ کي من-وچن-ڪرم سان پيار ڪرين ٿو؟

(گيهيءَ جو روئڻ بند نہ ٿو ٿئي. هو جواب نہ ٿو ڏيئي سگهي، پر پاروشاه کي جڻ

(روئي ٿو - وسڻ آٿت ڏئيس ٿو.)

نوجوان : نياڳيءَ ڏاڍا ڏکہ پوڳيا آهن! سائين، سڄو سال نسورو نرڳ
ٿبيون هيون اڻائين! سڀ اُميدون ختم ٿي چڪيون آهن، هاڻي هلڻ هاري آه
(هٿ جوڙي) .... سائين، توهان هلي ڪو مٿي تي هٿ رکوس تہ ڪو انت سُه
ٿئيس! نسوري نرڳہ جي ڪشٽ مان مڪتي مليس!

(وسڻ جي جواب ڏيڻ کان اڳہ ئي حسن ڪيس هلڻ جو اِشارو ڪري ٿو.)

حسن : هل، ادا! اسان توسان گڏ هلون ٿا.

گيهي : (هٿ جوڙي - پريل گلي سان) سائين! سائين!

(رئڻ اچي ٿو وڃيس. حسن ۽ وسڻ پيرن ۾ جوتا پائي، بدن جي مٿان ڳوڻ
ڪپهہ مان ٺهيل لبادو ويڙهي، گيهيءَ سان گڏ ڪمري کان ٻاهر نڪرن ٿا.)

(فلئش بئڪ جاري)

درشيہ ۱۸/پ II/ رات

گيهيءَ جي گهر طرف ويندڙ رستو

(سرد رات، رستا سنسان، ڪڏهن ڪو ڪتن ڪتن جي اونائڻ جو آوا
اچي ٿو. هرهنڌ پوائتي خاموشي. حسن، وسڻ ۽ گيهي اڳتي وڌندا وڃن ٿا.
ميڊيم شاٽ، پاروشاه سامهون واري طرف کان اڳتي وڌندو اچي ٿو. هن جي بد
تي گيرو رنگہ جو جوڳين وارو ڪفني - نما لباس اوڍيل آهي.
وسڻ، حسن، گيهي وڌندا وڃن ٿا. پاروشاه هنن جي پاسي کان لنگهي ٿو. بادشاه
شان وارو فقير هنن جي اڳيان لنگهي رهيو آهي.
وسڻ جون نظرون پاٽمرادو پاروشاه ڏانهن کڄي وڃن ٿيون. فقير جي اکين ۾ ب
جا اُلا آهن تيج ۽ جوالا!
ٻئي اڳتي وڌن ٿا. پوءِ اوچتو پاروشاه بہ پوئتي نهاريٿو ۽ وسڻ بہ ڪنڌ ورائي
ڏسيٿو! پاروشاه موٽ کائي هنن ڏانهن اچي ٿو. سڀ بيهي رهن ٿا.)

پاروشاه : مان توهان کي سڃاڻان! تون وسڻ آهين! تون حسن آهين چ
توهان کي هن واٽئي جي جوءِ تي ديا اچي وَئي آهي؟

وسڻ : هائو

(ڳيهي ۽ سندس سِسُ عوَرت جي اڳيان اچن ٿا. پر هوءَ انهن ڏانهن ڌيان نہ ڏيندي پاروشاه جي ڇاتيءَ اڳيان منهن آڏي خاموشيءَ سان رئڻ لڳي ٿي.)

پاروشاه : هڪ ٻيو ڏئو بہ ٻاريو، مٽيءَ جو ڏئوا

(ٻيِي ماڻُ اُٿي ٿي. ڏڏندي ڏڏندي ڪمري ڪان ٻاهر وڃي ٿي. واپس اچي ٿي تہ هن جي هٿ ۾ مٽيءَ جو هڪ وڏو ڏِئو آهي. پاروشاه اُهو ڏِئو اهڙي هنڌ رکي ٿو جو ان جي سڄي روشني بيمار عورَت تي پوي ٿي.)

پاروشاه : ڏسو، چاق ٿيندي ٿي وَڃي!

(ڳيهي ۽ هن جي سَسُ پاروشاه جي قدمن تي ڪري پون ٿا. پاروشاه هنن کي اُٿاري ٿو ۽ تنهي جي مٿي تي آشيرواد جو هٿ رکي ٿو.)

پاروشاه : پرماتما جا ٿورا ڪڏهن بہ نہ ڀلائجو، سدائين ايشور جو ڏيپ دل ۾ رکجو، جڳہ رُسي تہ هوُ پناه ڏئي پر جي هوُ رُٺو تہ تنهي لوڪن ۾ جاءِ نہ ملندي

خشمان ناڪر پياري پريوُ جي،

خشمان ناڪر پياري!

(پاروشاه وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي، ڪجھہ قدم اڳتي وڌي بهي ٿو رهي ۽ حسن جي پرسان اچي بهي ٿو.)

پاروشاه: منهنجي آمانت اٿئي، وٺڻ ايندوسانءِ!

حسن : منهنجو وجود ئي امانت جي حفاظت لاءِ آهي.

(پاروشاه هليو وڃي ٿو، حسن خيالن ۾ گم بينو آهي وسڻ هن ڏانهن نهاري ٿو.)

(فلئش بئڪ ختم)

درشيہ ١٨/ت/رات

آسائوتڙ

(ڪئميرا ڪلوز حسن جي چهري تي ڪئميرا جي پُل بئڪ ڪرڻ تي اسان ڏسون ٿا تہ حسن ۽ وسڻ منجيءَ تي ويهي ڳالهائي رهيا آهن. آسپاس جي ٻنن ۽ ڏالن تي ڪيترا ئي ڏِئا ٻري رهيا آهن.)

حسن : آسائوتڙ جو ڏٽي وسڻ شاه،

بڻيو پاروشاه جو شِشُ! واه!

هن جي جواب جي ضرورت ئي ڪونہ آهي.)

پاروشاہ :جيڪڏهن تنهنجيءَ استريءَ کي وڏي حياتي ملي وڃي
جيڪڏهن تنهنجيءَ استريءَ جي مرده شرير ۾ پراڻ پئجي وڃن، جيڪڏهن
هوءَ هاڻي جو هاڻي اِئين اُٿي وِهي جڻ ڳِهريءَ ننڊ مان جاڳي اُهي تہ ڇاتو
زندگيءَ ڀر من-وچن -ڪرم سان هِنَ کيَ (اِشارو ڪري) پيار ڪندو رهندين
زندگيءَ ڀر پرم -پتا پرماتما جو ٿورائتو رهندين؟

(گيهيءَ کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي. هوُ وائڙن وانگر ڪڏهن پاروشاہ
ڏانهن تہ ڪڏهن وسڻ ۽ حسن ڏانهن نهاري ٿو.

پاروشاہ :چت کي شانت رک. دکي نہ ٿيءُ. جو ٿيڻو آهي سو تہ ٿيندو ئي
آهي پر اڻ-ٿيڻئون بہ ٿي وينديون آهن! آخر اڻ-ٿيڻئون بہ تہ ٿيڻيون ئي
آهن - سڀ پرماتما جي ليلا آهي..... ٻڌا، فقط پنهنجي منهن سان مون کي
جواب ڏي!

گيهي : (ٽُڪ اڳريندي ۽ مٿو لوڏي) هائو! هائو سائين! مان وچن ٿو
ڏيان- مان اِنجام ٿو ڪريان!

(گيهيءَ جا سڏڪا وري شروع ٿي ٿا وڃن. هن جو سڄو بدن ڏڪي رهيو آهي. هو
هيٺ ڪريٽو پوي ٻڍيءَ ماءُ جي ڇيخ نڪري ٿي وڃي ۽ هوءَ ڌيءُ جي بيجان
جسم سان چنبري پوي ٿي.

پاروشاہ آهستگيءَ سان لاش کي کٽ تان کڻي هيٺ زمين تي سمهاري ٿو. لاش
جا ٻئي هٿ پنهنجي ساڄي هٿ سان پڪڙي پاروشاہ عوٗرت کي ڇڪي وِهاري ٿو
۽ تمام ڌيمي ۽ مني آواز ۾ هن جي ڪن جي اڳيان منهن آڻي ڪجهہ چويٿو
پاروشاہ جو آواز ڌيمو هوندي بہ ان حد تائين اونچو آهي جو ڪمري ۾ ويٺل سڀ
شخص اُهي لفظ صاف صاف ٻڌي سگهن ٿا.)

پاروشاہ :او منهنجا ٻار! او منهنجي ڌيءُ! اَچُ! هلي آءُ، واپس اَچُ!
تنهنجو احسان ٿيندو. پڇ جو ڪاريہ ٿيندو، تنهنجي هتي سيني کي ضرورت
آهي، اَچ! هلي آءُ! واپس اِچ!...

(اوچتو عوٗرت اکيون کولي ٿي، ڪَرَ موڙي ٿي، اوٻاسي ڏئي ٿي ۽ ڪمري ۾
چوٗگرد نظر وِجهي ٿي.)

عوٗرت : (وڏو ساہ کڻي) سپنو ڏسي رهي هئس!

پنج غزل

واسديو ’نرمل‘ کي هڪ پختي شاعر طور سالن کان وٺي سڃاڻان. هن جي لکيل غزلن جا ڪيئي شعر ائين تز لکيل هوندا آهن ڄڻ تير نشانو بڻائي هليو ويو هجي. ..... واسديو ’نرمل‘ کي مان نماڻو شاعر سڏيندو آهيان. وڏو عهدو ماڻيندي به هو ڪيترن کي شعر لکڻ ۾ مدد ڪندو پئي رهيو آهي. گهڻن ئي شاعرن ۽ شاعرائن جي لکيل شعرن تي اصلاح ڪندو ڏٺو ٿي مانس.

(ٺاڪر چاولا)

واسديو ’نرمل‘ ڪوي، هدايتڪار، ناٽڪڪار سان گڏ اداڪار به رهي چڪو آهي. اُن سان واسديو ’نرمل‘ جي گوناگون شخصيت جا انيڪ پهلو اجاگر ٿين ٿا.

(وشنو ڀاٽيا)

’نرمل‘ سنڌي ادب جي موجوده ڳاڻ ڳڻين پختن شاعر مان هڪ آهي. پختو شاعر ان کي چوندا آهن جنهن کان وزن جي غلطي نه ٿئي. پر غزل گو شاعر جون پنهنجيون (فن سان وابسته) ڪي مجبوريون ٿين ٿيون. ان لاءِ هو چاهيندي به ڪڏهن ڪڏهن کي حدون پار نه ڪري سگهندو آهي ۽ تڪ ملائڻ تي ئي صبر ڪرڻو پوندو اٿس. اڄڪلهه شاعر اِشاري کان به گهڻو ڪم نه ٿو وٺي سگهي ڇو ته فن شاعريءَ جي سمجهه رکندڙ اڄ آهن ڪٿي. اڄ جي ڪوئي غالب وانگر لکي،

نقشِ فريادي هئه ڪسڪي شوخيءِ تحرير ڪا
ڪاغذي هئه پيرهن هر پئڪري تصوير ڪا

ته ڪير سمجهندو!

گهڻو وستار ۾ نه وڃي مان فقط اِهو چوندس ته ڪنهن زماني ۾ روم ۾ هڪ قانون هو ته مجرم ڪاغذي ڪپڙن ۾ عدالت ۾ آندو ويندو هو. غالب جوان روايت طرف اِشارو آهي ۽ ان جو سهارو وٺي هن پنهنجي ڳالهه چئي آهي.

پيش آهن واسديو ’نرمل‘ جا پنج غزل. خود پنهنجي لاءِ چيو اٿائين: نرمل جيان ڪو ٿي ڏيکاري - جهڙو ٻاهر تهڙو اندر! وري شڪر آهي جو ’غالب‘ وانگر ڪون چيائين.

چند تصوير - بتان، چند حسينون کي خطوط،
بعد مرني کي ميري گهر سي يه سامان نڪلا!

-صاحب! تنهنجي صاحبي

عجب ڏئيسون!

پن ٻوڙين پاتال ۾، پھڻ تارين تون!

(متي آسمان ڏانھن نھاري ٿو)

امانت مالڪن کي سونپيسي،

قرض کان بہ آجا تہ فرض کان بہ آجا!

ھاڻي سياڻي اچي رھيا آھيون تو ڏانھن

ڏسون پنھنجي حضور ۾ ٿو رکين

يا وري طلسم خاني ۾ ٿو پنڪائين!

(وسط ۾ حسن زور سان ھڪ ٻئي کي ڪٽي ٿا پاڪر ۾ پرن - ٻنھي جون ا

آليون آھن) (فئڊ آئو

صحيح معني ۾ فلم جي اِسڪرين پلي اُھو ئي شخص ل

سگھندو، جنھن جي نہ فقط ڪلپنا شڪتي تيز ھوندي بلڪ Projection

ڪلا ۾ بہ بيجوڙ ھوندو. Projection جو سڌن ساون لفظن ۾ مطلب آھي: جي

ڪجھہ پني تي لکجندو وڃي اُن جي ھو- بہ ھو تصوير ليکڪ جي ڏيان

اکين جي سامھون گذرندي وڃي. مان جنھن وقت ڪھاڻيءَ جي اسڪرين پ

(پٽ - ڪٿا) تيار ڪندو آھيان اُن وقت پاتر منھنجيءَ ڪلپنا جي پڙ

ايندا ويندا آھن ۽ مان اُنھن جي چرپر کي انداز کي ۽ شرير جي پاشا

ويندو آھيان ڪاغذ تي اُتاريندو. مان ڪھاڻيءَ جي ڪردارن کي جيون -

ڏيندو آھيان باقي سڀ ڪجھہ تہ ھوُ پاڻ ڪندا آھن. اڪثر ڪردار منھن

مددگار ئي ثابت ٿيندا آھن. مان پرماتما کي نمسڪار ڪري ۽ ڪردارن

ڪاحسا نمندي محيندي ھٿ ۾ قلم کڻندو آھيان ۽ ڪردار مونکي اثرائ

طاقت بخشيندا آھن.

مان جيڪڏھن ھڪ وئشيا تي بہ ڪجھہ لکندس تہ من ئي من ۾

جو احسان محسوس تہ ڪندس. ان وقت اُھا وئشيا شرير نہ ھوندي آھي بلڪ پرما

جو انش ھڪ آتما ھوندي آھي. ھوءَ ڪلا جي ديويءَ ماتا سرسوتيءَ جي طرفان

مون وٽ نايندي آھي. وڏي ڪاريہ لاءِ وڏي جي وڏي ڪرپا گھرجي.

23.6.1999 منوھر بي

ڪريو گناهه اَوهين خود ۽ پوءِ اَبوجهه بڻي،
اَسان تي ڏوهه مڙهايو ٿا، هيءَ ڪريو ڇا ٿا ؟

اَسين خسيس ۽ رواجي، مِٽيءَ مثل نرمل،
اَڪيون اَسان لئه وڇايو ٿا، هيءَ ڪريو ڇا ٿا ؟

غزل - ٣

(وزن : فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن)
(قافيو -- هاري/رديف -- ڏسو)

ڀرين پڇتاءَ جون هنجون هاري ڏسو،
پنهنجو اَندر اِئين ڪجهه اُجاري ڏسو.

ڪٿئن خوشيءَ سان اَوهان ٿا ٿيو هم - ڪنار،
ڪنهنجي ڪشتي لڳائي ڪناري، ڏسو.

ناهه سچي محبت، عبادت کان گهٽ،
پل پرين پنهنجو پل پل پڪاري ڏسو.

پوءِ ڏسو ڪٿئن اَوهان تان ٿا قربان ٿيون،
قرب جي هڪ نظر سان نهاري ڏسو.

ڪين چڙهيندا اسين سر تي، اَوهانجو قسم،
ٿورو پنهنجي اَکين تي وهاري ڏسو.

پوءِ سندس سادگي پيا سدا ڳائيندا،
ڪي گهڙيون يار نرمل سان گهاري ڏسو.

غزل - ٤

(وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
(قافيو -- گهبرائڻ /رديف : لڳي)

در جي ڪڙ ڪي تي به گهبرائڻ لڳي،
ياد تنهنجي دل کي تڙپائڻ لڳي.

غزل - ١

(وزن : فعلن فعلن فعلن فعلن)
(ڇند : چؤپائي : چار چؤڪل -- ١٦ ماترائون)
(انهيءَ چؤپائي ڇند ۾ ئي تلسيداس رام چرت مانس جو گهڻو ۾ گهڻو حصو لکيو آهي)
(هن غزل ۾ قافيو آهي 'مقدر' پر رديف ڪونهِ آهي)

سنڌ جو آهي عجب مُقدر
ڪڏهين دودو، ڪڏهين چينسر !

مُرڪي مُنهن تي گل ته آهين،
پر پٺ پيا ڇپوئن خنجرُ !

جت ڪٿ آهن غم جا ڪنڊا
دل ٻٽجي ويئي ڄڻ تؤهر !

جُڙيل هجان شل تنهنجي دَر سان،
جئن تنهنجيءَ چائنٽ جو پٿر !

نئين زماني جو آ ڪرشمو
اڄڪلهه پيءَ ڪي آ پٽ جو ڊرُ !

نرمل جيان ڪو تي ڏيکاري
جهڙو ٻاهر تهڙو اَندر !

غزل - ٢

(وزن : مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن)
(قافيو -- وهايو ته / رديف -- هيءَ ڪريو ڇا ته ؟)

سدائين لڙڪ وَهايو ته، هيءَ ڪريو ڇا ته ؟
اجايو موتي لُٽايو ته، هيءَ ڪريو ڇا ته ؟

نڪو اُوهين ئي ٻڌو ته، آسان تي ڇا گذريو،
نه حال پنهنجو ٻڌايو ته، هيءَ ڪريو ڇا ته ؟

شروع ڳالهه ڪري، اِنتظار جاڳائي
نه پوُري ڳالهه سُڻايو ته، هيءَ ڪريو ڇا ته ؟

جيون جو ڪاروان

جيون جو ڪاروان هلندو رهيو،
سمو سڄوئي گذرندو رهيو.

١- ٻچپن جون منڙيون منڙيون يادون،
چلو لايون ۽ چنچل ڳالهيون،
اچي ٿي ياد اُنهنجي جڏهن،
وهن ٿا لڙڪ اکرين مان تڏهن.
جيون جو ڪاروان هلندو رهيو،
سمو سڄوئي گذرندو رهيو.

٢- جوانيءَ جو رنگبرنگي هو دؤر،
حسن تي هو ناز ۽ مستيءَ جو زور،
ڪيا ناز نخرا خوب اُڏايون خوشيون،
گهٽا ڇهڇٽا من جون موجون ڪيون.
جيون جو ڪاروان هلندو رهيو،
سمو سڄوئي گذرندو رهيو.

٣- بوجهه کنيو گرهست جو ويو جيون رسُ،
حياتي گذري ڪوڙ ڪپٽ ۾ جنم ٿيو وئرٿ،
ساٿي سڀن سنٻنڌين کي ڪونه آيو ترس،
پنهنجن ٻه منهن موڙيو ٻٽيس بيوس،
جيون جو ڪاروان هلندو رهيو،
سمو سڄوئي گذرندو رهيو.

٤- آيو ٻڍاپو ويو اُڏامي سڀ جوش،
”هي ڇا مان ڇا ٿيو“ آيو آ هوش،
سنتان سمپت محلات ماڙيون،
هڪ ڪن ۾ ڪال آهن اُجاڙيون.
جيون جو ڪاروان هلندو رهيو،
سمو سڄوئي گذرندو رهيو.

جنهن کي ساري عمر سمجهائيم پئي،
اڄ اُها ئي مونکي سمجهائڻ لڳي.

غم جو قابو دل تي شايد ٿيو ڍرو
اڄ خوشي ئي دل کي هرڪائڻ لڳي !

گورو گورو هيءُ بدن تنهنجو ڏسي،
چنڊ جي چانڊاڻ شرمائڻ لڳي.

جنهن چئي منهن تي ڏنو، نرمل، سدا،
اڄ اُها ئي دل ۾ غم ڪائڻ لڳي ؟

غزل - ۵

(وزن : فاعلاتن مفاعلن فعلن)
(قافيو -- لڳايون/رديف -- پيا)

دشمنن کي گلي لڳايون پيا،
دوستن سان اِئين ڦٽايون پيا.

پيار سد ياونا جي پارس سان،
سون ورنيون دليون بڻايون پيا.

ريشمي، مخملي خيال اُٿي،
دل جي دڙڪن سان سُر ملايون پيا.

ياد ۾ ڪنهن جي لڙڪ لاڙيندي،
موتي ماڻڪ اِئين لٽايون پيا.

دل جا هيءَ زخم زخم ناهِن، پر،
چڻ گلابي کي گُل کلايون پيا.

پنهنجي ٻوليءَ جا ٿورا لاهڻ لاءِ،
سنڌي گهر گهر وڃي پڙهايون پيا.

ڪنهن جي اک سان ملائي اک نرمل،
جوت سان جوت جڻ جلايون پيا.

- اگر همراهد عمر دراز، ڪري انداز سان ٿو نيان،
تہ توکي خود خبر پوندي ڳجهوانڪار ٿيندو آ.

- صدين جو آهہ هيءُ دستور، پياسي جي بہ ٿيندو دور
تہ توکي خود خبر پوندي بندو بيڪار ٿيندو آ.

اُداسي

غزل

غافل من کي ڪجهہ سمجهاءِ
سکہ دکہ هر ڪنهن کي آ ملڻو،
تنهنجي وس ۾ ڪجهہ ڀي ناهي،
توکي بس هر حال آ کلڻو.

۱- رنج جا سنج تون رکندين جيڏا،
ٿيندءِ اوڏو ئي سر ڀاري،
لاهي ڦٽا ڪر سنج رنج جا،
هلڪي سر توکي آ هلڻو.

۲- سڀ کي چڏي ڏي، تون خاوندتي،
رودن پتڪي مان چا ورندو،
قسمت الڳہ الڳہ آ سڀ جي،
بين کي ڏسي توکي ڪين آ جلڻو.

۳- حَوَسِ ڪيو حيران آ توکي،
محل ڏسي ٿو من هر ڪائين
حَوَسِ جي ڪُتن کي ڪڍ ٻاهر،
پنهنجو پاڻ توکي آ پلڻو.

۴- مستقبل ماضيءَ کي وساري،
حال سان هل تون هٿڙو ملائي،
حال کي ڪر هٿيار تون پنهنجو،
خالي هٿين ڪجهہ ڪين آ ملڻو

۵- صبر سنڌو شمشير ڪٽي تون،
ڪر پنهنجو ڪينو قتلام،
نوڙت نياز نماڻائيءَ سان،
اُداسي من توکي آ جهلڻو.

گيد

دڪايل

ستنام ستنام ستنام جي
سري واهگرو، واهگرو، واهگرو جي

۱- جپيچ نام پيارا بين ڪي جپاءِ، جپي پريم شرڌا جا ڳڻ گيت ڳاءِ،
رکي پريت ستنام سان لنوَ لڳاءِ، اچي انت ويلي ۾ ٿيندءِ سهاءِ
ڪير ؟ ستنام ...

۲- ستنام سمرن جو پل پل ڪري، تتل هردو پنهنجو ٿو سيتل ڪري،
ڪڍي مئل من ڪي ٿو اوجل ڪري، ڏيئي آتما گيان پر ٻل ڪري
ڪير ؟ ستنام ...

۳- پڳت پاونا سان پڪاري اچي، ڪري دور دک درد ٽاري اچي
اچي لهر لوڏن مان تاري اچي، دڪايل ڪناري لڳائي اچي
ڪير ؟ ستنام ....

تاجل بيوس

ڌوٻي ! اهڙا ڌوءِ، ميرا منهنجا ڪپڙا،
ڪوليان لڳن ڪير جيان، اهڙا اُجرا هوءِ
ڏسُ تہ پرين پوءِ، ڪئين پسن ٿا پاڻ ۾

•

ڪنيي ڏي ڪتي ! ڪلف لڳائي ڪپڙا،
هلان محبوبن سان، وڃي راند رَچي
پون مَنَ پرجي، ڪتي ! تنهنجي ڪيڏ تي.

ڪمل پياسي

مشابهت

لذت ڪي بہ ذلت سان، تون پيتي ڏس وري پيهر،
تہ توکي خود خبر پوندي، اِهو اسرار ٿيندو آ.

- قهر وارن تي ڪهڙي مهر، مهر وارن تي ڪر زوري،
تہ توکي خود خبر پوندي تہ ڇا ستڪار ٿيندو آ.

- جتي نوڳي ٿين لوپي، اگر لوپي ٿين پوڳي،
تہ توکي خود خبر پوندي تہ ڇا اهنڪار ٿيندو آ.

- سکن ۾ ستگر جو ڏيندو، ڏکن ۾ ڪونہ اڳہ ايندو،
تہ توکي خود خبر پوندي تہ ڇا تڪرار ٿيندو آ.

- چاهت ۾ جي راحت ٿئي، صداقت ۾ سناخت ٿئي،
تہ توکي خود خبر پوندي تہ ڇا غدار ٿيندو آ.

باغ ۾ شبنم گلن جو منهن پيو چمي.
اڄ محبوب تہ اسين بہ محبت جي جشن ۾ شريڪ ٿيون.

٢. حسن جي قيمت

گلابي گل !

انهيءَ ڪي جا منهنجو وقت ۽ پنهنجي جواني برباد ڪري رهي آهي، وڃي چئہ، ”مان سندس گلابي رخسارن کي تنهنجي رنگت سان تشبيهہ ٿو ڏيان. تون منهنجي نظرن ۾ ڪيترو نہ حسين آهين !!“

ان ڪي جو جوان آهي، خوبصورت آهي ۽ پنهنجي خوبصورتيءَ کي ظاهر ڪندي شرمائجي ٿو، وڃي چئہ، ”جيڪڏهن مان ڪنهن برپٽ ۾ پيدا ٿيان هان، جتي مونکي ڪو ڏسڻ وارو نہ هجي ها تہ مان سواءِ ڪنهن تعريف ۽ ساراهہ جي مرجهائجي وڃان هان.“

جا سونهن اجا ظاهر ئي نہ ٿي آهي انهيءَ جي قيمت تمام گهٽ ٿي ٿئي. تون انکي چئہ تہ هوءَ دنيا جي سامهون نمودار ٿئي.

ماڻهون سندس حسن جو قدر ڪندا ۽ ساڻس محبت ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪوئي سندس ساراهہ ڪري تہ لڄي نہ ٿئي ۽ شرم کان سندس چهرو ڳاڙهو ٿي نہ وڃي.

ان کان پوءِ تون مرجهائجي وڃہ، جئين تنهنجي زندگيءَ مان هو ڪو سبق پرائين تہ هر حسين شيءَ جي انتها اهڙي نموني ٿئي ٿي، جئين انسان پنهنجي حسن ۽ شباب جي پوري قيمت ڪٿي سگهن.

ڪمل پياسي — شان ضيا جو نيارو

اعليٰ هئو عجائب - شاعر ضيا پيارو،
هر سخن ۾ نيارو - هر نظم داد وارو.
رنجور هو، ’سوٽائي‘، ڪڏهين بٽيو ’سپاهي‘
اکرن ۾ ايڏو قابل هر فن ۾ ناميارو،
شاعر هو فن ۾ موليٰ، هر ڪرم ڪيمخواب،
توکي سلام سائين ! شاعر تون لاجواب.

پئي پراڻو نہ ٿئي

(سنڌو جي ڊسمبر ١٩٤١ واري انڪ جي صفحي ٦٥ تي پرڪاش
نانڪ.ٽي. نچناڻي جي رچنا ”شيلا جي باغ مان - ٻہ گل“ هيٺ ڏني وڃ
ان رچنا کي اسان ادب لطيف جي خاني ۾ آرام سان رکي سگهون ٿا
پرنسيپال موتيلال ٻناڻي جا شڪر گذار آهيون جو هن صاحب آمريڪا م
رچنا جون زيروڪس ڪاپيون موڪلڻ جي تڪليف گوارا ڪئي آهي.

دوستو، اسان کي سات ۽ سهڪار ڏيو جيئن اسان ’ضيا‘ ٽہ-ماهي
جي روپ ۾ سنڌي ساهتيہ، سنسڪرتي، سڀيتا ۽ جاتيءَ جي ڪجهہ سيوا
سگهون.

منوهر ٻ

شيلا جي باغ مان: ٻہ گُل

(نانڪ ٽي.نچناڻي)

١. فلسفہ - محبت

چشمن جو درياه سان ۽ نندين جو سمندرن سان ميلاپ ٿي سگهي ٿو
آسماني هوائون پڻ هڪ مني جذبي جو اظهار ڪن ٿيون. هن دن
ڪوئي بہ اَڪيلو نہ آهي، اهو قدرت جو قانون آهي - سڀ شيون هڪ ٻئي
لاڳاپو رکن ٿيون.

پوءِ ڇو نہ، مان بہ پنهنجيءَ هستيءَ کي ڪنهن ٻيءَ هستيءَ ۾ ج
ڪري ڇڏيان.

اوچن پهاڙن جون چوٽيون آسمان کي پيئون منيون ڏين. ساگر مان
لهر آئي ۽ وري موٽي ويئي.

سورج جا سونهري ڪرڻا زمين سان پيا کيلين.

چنڊ جا سفيد ڪرڻا ساگر جي لهرن تي پيا رقص ڪن.

پر انهن جي ڪهڙي قيمت - جڏهن تون مونکي نٿو پيار ڪرين محبو
سڄ اُيري ٿو، درخت جي ٽارين ۽ اوچين عمارتن سان پيو راند رمي.

انهن ٻنهي ڪتابن جا مهاڳ (عزيز جي حوالي ۾ 'گذارش' ۽ شيوڪاڻيءَ
جي حوالي ۾ ڪتاب جي اهميت ۽ ليکڪ جو مقام) به ڏاڍا زوردار ۽ مزيدار
آهن. انهن مهاڳن جي زور جو احساس ته گهڻن کي ئي ٿي ويندو پر مزو شايد ئي
مون جهڙن کن ڳاڻ-ڳڻين کي حاصل ٿئي. مزو حاصل ڪرڻ لاءِ لڳاءُ جي نه بلڪ
لهدگي واري من-استٿيءَ جي ضرورت رهندي آهي.

'گل و خار' جي ''گذارش'' عزيز پاڻ لکي آهي. ذرا سندس هي گفتا
ڀان سان پڙهو:

''ڏٺو ويو آهي ته اسانجا گهڻا علم دوست يا نام نهاد اديب فني غلطين
ادبي لغزشن کي هيچ ڪري سمجهن ٿا. اِها ڳالهه پڌري پٽ ڪين جاهل مان
ڀهوُل ٻڌائي ٿي.''

هاڻي پيش آهي هيري شيوڪاڻي جي ڪتاب 'جدت جو مفهوم ۽ سنڌي
ڪهاڻي' لاءِ لکيل موهن ڪلپنا جو مهاڳ جنهن کي سرو ڏنو اٿائين 'ڪتاب جي
اهميت ۽ ليکڪ جو مقام' ۽ تاريخ ڏنل آهي: ٣ سيپٽمبر ١٩٧٥.

ڪنهن به ساهتيه جي مالدار هئڻ جو ثبوت تنقيد جو معيار ٿئي ٿو.
سان وٽ قابل نقاد آهن مگر مخزنن جي کوٽ سبب هو پنهنجو تنقيدي جوهر
يڪارڻ کان محروم آهن.

ترقي پسند دؤر ۾ تنقيد جو واهڻ مخزنن گهٽ ادبي ڪلاس وڏيڪ
هيا. اسانجي نقاد مجبور ازباندان ٻڌيا ۽ اها زباندانی هوتلائي ۽ ٽيبلي ٽيڪنڪ
اجا به سنڌي پئمفليٽي ادب ۾ هلندي اچي.

ادبي ڪلاس ۾ سڀن آهوُجا جو نقاد بلندين تي رهيو ۽ مقالن ۾
ي.جي.اُتم اڳرو رهيو. نام نهاد ٻئي دؤر ۾ لعل پشپ جو نقاد سنڌي تنقيد تي
اوي رهيو. نون ۾ هيري شيوڪاڻيءَ کانسواءِ هريش واسواڻي خاص طور ۽ انند
ڀماڻي، پرم ابيچنداڻي، ستيش روهڙا، موتي جوتواڻي، گورڌن تنواڻي، وشنو
ڀيا، شيام جئسنگهاڻي موهن ديپ ۽ نامديو تاراچنداڻيءَ جي دين قابل ذڪر
اٿي.

منهنجيءَ نماڻيءَ راءِ موجب سنڌي جاتيءَ هيري شيوڪاڻيءَ جي معيار
نقاد پئدا ڪرڻ ۾ انڪل ٿي ڏهاڪا لڳايا آهن. اَلبت مان اٿين اصل قبول نه
ندس ته موهن ڪلپنا جو فنڪار هيري شيوڪاڻيءَ جي نقاد جي نظريه-حيات
ادبي پڙهائيءَ سان شامل راءِ آهي. مگر مون کي اِهو قبول ڪرڻ ۾ ذري به
ڪ نه ٿي ٿئي ته سنڌي جاتيءَ کي اهڙي معيار جو ٻيو نقاد پئدا ڪرڻ ۾ ٻيا

منوهر بيدي

منٿن

ساهتيڪار ۽ فنڪار جيترو پيڙجي ٿو، ديش ۽ جاتيءَ
کي اوتريون ئي امرت جون بوندون ملن ٿيون.

پراچين ۽ وچولي زماني کي ڇڏي، جديد زماني ۾ لکيل ڪتا
منهنجي ڪمزوري بہ رهيا آهن تہ شڪتي بہ. جنهن وقت ڪجھ بہ سمجھ ۾
ايندو آهي، ڪجھ بہ ڪرڻ لاءِ نہ من تيار هوندو آهي ۽ نہ تن، ڪتاب اُٿلائ
پٿلائڻ بہ ڪک ڪندڙ ڪم لڳندو آهي ۽ پاڻ تي ئي غصو اچڻ شروع ٿي ويند
آهي تہ هن وقت اهڙو ڪند-ذهن ڇو ٿي ويو آهيان جو سوچ بہ پاسو ڪري وي
آهي، ان وقت بہ ڪتاب مونکي وري اُتساهہ ۽ امنگ جي ليول تي آڻي ڇڏيند
آهن. اُهي بہ ڪتاب آهن.

١- گُل و خار : ليکراج ”عزيز“

٢- جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي : هيرو شيوڪاڻي

جيتوڻيڪ اِهي ڪتاب مکيہ طور شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ کي نظر ۾ رکي
لکيا ويا آهن، ان هوندي بہ ساهتيہ بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ اهي ڪتاب
بيحد مدد ڪن ٿا ۽ پاڻ ذهني طور ايترو طاقتور ٿي وڃي ٿو جو هو چاهي تہ
وڌيڪ ۽ اونهي جانڪاريءِ لاءِ ٻين ڪتابن کي پڙهڻ ۽ انهن کي سمجھڻ جي
لياقت پاڻ ۾ محسوس ڪرڻ لڳي ٿو.

مون کي اِئين بہ لڳندو آهي تہ جيئن تہ عزيز ۽ هيرو ٻئي سنڌيءَ جا
پروفيسر رهي چڪا آهن ان ڪري ڪائي ڳالھہ ڪيئن سمجهائجي جو سامهون
واري جي اندر ۾ ڪپي وڃي ۽ تصوير ڇٽي ٿي ڪري بهي، اِها سوجھہ ٻوجھہ ڪين
پنهنجي پروفيشن مان ئي حاصل ٿي آهي. پر ان جو اهو مطلب نہ سمجھڻ گ
هرجي تہ سيني پروفيسرن ۾ اِها لياقت پاڻ مرادو اچي ويندي آهي. منهنجي
چوڻ جو مطلب فقط ايترو آهي تہ جيڪڏهن هنن ۾ نوي فيصدي (ڳالھہ سمجهائڻ
جي) لياقت اول ئي مؤجود هئي تہ ٿي تو سگهي باقي ڏھہ فيصدي شڪتي ڪين
پروفيشن مان پراپت ٿي هجي - ان کان وڌيڪ نہ.

(منٿن يعني ولورڻ، مانڌاڻي هڻڻ، ڏهيءَ کي ولوريو تہ مکڻ ملندو، من کي ولوريو تہ وچارن جو امرت پراپت ٿيندو. جنهن وقت اسان ڪوئي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪريون ٿا تہ من ۾ ولور شروع ٿي وڃي ٿي. ڪيترن قسمن جا خيال اچ-وڃ ڪن ٿا. اهو سلسلو ڳڏو-ڳڏ هلندو رهي ٿو. ڪتاب پورو ٿي وڃڻ کانپوءِ اسان هڪ مجموعي اثر، هڪ ٽوٽل افيڪٽ محسوس ڪريون ٿا. اهو اثر من جي نرنتر ولور مان ئي پراپت ٿيو آهي. اهو اثر جيڪڏهن ساهتيہ لاءِ، ڪلا لاءِ، ديش لاءِ، جاتيءَ لاءِ، يا فنڪارن ۽ ساهتيڪارن لاءِ ڪنهن بہ نموني ڪارگر آهي تہ ان کي پني تي اُتارڻ هڪ وڏي فرض ادائيءَ ۾ شامل آهي.

توهان ڪوئي اهڙو ڪتاب پڙهيو آهي جنهن توهان جي من کي ڏوڏيو هجي؟ توهان ضرور اهڙا ڪجهہ ڪتاب پڙهيا هوندا ۽ توهان جي من ۾ منٿن ٿيو هوندو اسان کي اهڙو وشواس آهي.

ڪنهن ڪتاب جي باري ۾ توهان پنهنجا تاثرات لکو. اسان ''منٿن'' ۾ اهي پرڪاشت ڪنداسين، جيئن نئينءَ ٿهي ۾ سنڌي ساهتيہ ڏانهن ڪجهہ ڌيان ڏيڻ جو چاهہ پئدا ٿئي. نئين ٿهي سياڻي آهي، سمجهو آهي، عقلمند آهي فقط اُنهن جو ڌيان سنڌي ساهتيہ ڏانهن ڇڪائڻ ۾ اسان ناڪامياب ويا آهيون.)

سندر ڪلواڻي

سچ جي خاطر

دل پريا دوست ياد جڏهن آيا هوندا،
اکين ۾ لڙڪ سچڻ تڏهن آيا هوندا!
ظلم جي تلوار جڏهن ڪنهن تي هلي هوندي،
ڦاسيءَ تي هيمونءَ جهڙا تڏهن لٽڪايا هوندا!
نفرت جي باهہ جڏهن ڀي ڪٿي ٻري هوندي،
سنت ڪنور جهڙا گوليءَ سان تڏهن اُڏايا هوندا!
ڪنهنجو ڀي قدر ڪيو نہ يار ڪنهن سچائيءَ جو،
سُڪل سان ڳڏ آلايي سچڻ تڏهن جلايا هوندا!
سچا سنت ڪوي شاعر وڃايو پنهنجو وجود،
سچ خاطر ڏني جان ڳوڙها تڏهن وهايا هوندا!

پيا به به يا ٽي ڏهاڪا لڳائڻا پوندا. مون کي ائين لڳو آهي ته هن وقت تا
هيري شيوڪاڻيءَ جون تنقيدون هن عظيم ڪتاب لکڻ جون ڄڻ تياريون ه

مون کي هن ڪتاب ۾ مکيه طور چار ڳالهيون نظر آيون آهن.

١- هيرو پنهنجي نقط نظر ۾ صحيح معنيٰ ۾ جديد آهي ۽ هو پنهنجي مفهو
عالمگير سطح تي نهايت صاف ۽ چٽو آهي.

٢- هيري جو نقاد مضموناڻي (ٽيڪسچوئل) آهي (۽ هو اُن ۾ يگانو آهي)، ج
لاءِ نقاد ۾ نه فقط تيز بڌي ۽ ڇيدو ڇيدي من جي ضرورت رهي ٿي مگر و
اَڀياس جي پڻ ۽ هي ڪتاب سندس مضموناڻي نقاد هئڻ جو لاجواب م
آهي.

٣- سنڌي ڪهاڻيءَ تي تفصيلن جي طويل باريڪين ۽ گهراين سان تنقيد ڪن
هيرو شيوڪاڻي ڪافي حد تائين خارجي رهيو آهي ۽ هن پنهنجي نج خان
ادبي دوستن سان نه، پنهنجي نقط نظر سان نباهيو آهي. سنڌي تنقيد
ايڏي خار جيت مون ڪونه ڏٺي آهي ۽ مون سنڌي تنقيد پڙهي آهي.

٤- هيري شيوڪاڻيءَ جي نظرئي ۾ جيتري چٽائي آهي، اوتري هن جي اظه
۾ سخت ۽ ڪٽيندڙ بيباڪي به آهي

مان اِن حقيقت جو به اعتراف ڪريان ٿو ته جدت جي مفهوم تي هند خو
سنڌ جي سنڌي ادب ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جو ڇاپي هيٺ آيل آهي
معياري آهي ۽ ان لحاظ کان سنڌي تنقيد جو هڪ اَمٽ يادگار آهي.

اهو سڀ دهرائڻ ۽ چوڻ جو منهنجو مطلب ۽ مقصد اِهو آهي ته ساهتي
سرجن کي فرصت جي هلڪي راند ڪري نه ڪٽڻ گهرجي ۽ نه سمجه
گهرجي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته ساهتيه ڪنهن جاتيءَ يا ديش لاءِ ايترو ته اه
۽ ضروري آهي جو ڪيترائي ودوان ۽ ڄاڻو، پارکو، تعليم يافته ۽ فنڪار انسا
اِن تي نور نچوئن ٿا ۽ پنهنجيون جملي طاقتون ۽ لياقتون لڳائي ان کي سمجهڻ
سمجهائڻ ۽ ان ۾ ڪجهه اضافو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. مان ته ان حد تائين
جيڪر چوان ته ڪنهن ديش جي راشٽرپتي يا پرڌان منتري ٿيڻ کان ڪاليداس
ٿيڻ، شاهه لطيف ٿيڻ، تلسيداس ٿيڻ، شيڪسپيئر ٿيڻ هومر ٿيڻ، غالب ٿيڻ
ٽئگور ٿيڻ، ٽالسٽاءِ ٿيڻ وڌيڪ اهم، وڌيڪ جوکم ڀريو ۽ وڌيڪ اثردار آهي
ساهتيڪار ۽ فنڪار جيترو پيڙجي ٿو، ديش ۽ جاتيءَ کي اوترين ئي امرت
جون بوندون ملن ٿيون.

ڳوناٽي جي پريشاني

هڪ اسڪول ۾ ماستر صاحب ٻارن کي پڙهائي رهيو هو. ڪنهن ڇوڪري
کي ماستر صاحب چيو، ”گڏهہ آهين ڪو!“ اسڪول کان ٻاهر هڪ ڳوناٽو اٽپڙهيل
لانگهائو ٿيو. اُن ماستر صاحب جا اکر ٻڌي سوچيو ماستر صاحب ڇوڪري کي
گڏهہ تو بڻائي ڇو نہ مانيي پنهنجو گڏهہ ڏيان، مونکي ڇوڪرو بڻائي ڏي !
ڳوناٽو سڌو اسڪول ماستر سان گڏيو. سندس وارا اکر ٻڌايا : توهان ڇوڪري کي
گڏهہ بڻائي سگهو ٿا. منهنجي گڏهہ کي ڇوڪرو بڻائي ڏيو ديا ڪيو. ماستر
صاحب ڳوناٽي جا لفظ ٻڌي اندر ۾ ڪليو. پر پاڻ سنڀالي ڳوناٽي کان گڏهہ وٺي
ڪجهہ پئسا ورتا. آسرو ڏيئي روانو ڪيائين ۽ چيائينس مهنيءَ کان پوءِ اچجانءِ.
ڳوناٽو مهني کان پوءِ آيو ماستر صاحب وٽ ۽ چيائين منهنجو گڏهہ هو، تو چيو
نہ ڇوڪرو بڻائي ڏيندس ۽ منهنجو ڇوڪرو ڪاٿي آهي. ماستر صاحب ڪجهہ
انڪل سوچي چيس تہ توکي ڪاٿي نہ ڪاٿي ملي ويندو. ڪو ماڻهون يا ماستر
صاحب تنهنجي پٽ کي گڏهہ ڪري سڏ ڪري سمجهہ اُهو تنهنجو پٽ آهي ٻہ
ٽي مهنا گذريا. ڳوناٽو ڪنهن اسڪول پرسان لنگهيو. اُتان هن کي ڪنن تي آواز
پيو گڏهہ. گڏهہ جو پٽ ئي رهندو. هيڏا ڀيرا سمجهايو آهي، سبق (ليسن) ياد
ڪري اڄ ياد نٿو ڪري سگهين ؟ ڳوناٽو خوش ٿيو. لنگهي ويو اسڪول ۾ ماستر
صاحب کي رام، رام، نمستي ڪيائين. چيائينس سائين منهنجو پٽ جنهن کي
توهان گڏهہ ڪوٺيو اُهو اصل ۾ منهنجو پٽ گڏهہ هو. اُن ڇوڪر ڏي مونهن
ڪري پڇائيس، سڃاڻين ٿو، مان تنهنجو پيءُ آهيان. تون گڏهہ هئين، مان
ڪنهن ماستر کان ڇوڪرو ڪرايو هو. ڇوڪرو وائڙو ٿي ويو. ماستر وائڙو ٿي ويو.
ڳوناٽو ڇوي ڇا ٿو ؟ ڇوڪري کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر هلڻ لڳو ماستر ڳالهہ سمجهي
ويو. ڏورو مشڪي ڇوڪري کي بچائڻ خاطر ڳوناٽي کي اُلو بڻايو. چيائين سائين
ڇوڪرو پڙهي آفيسر ٿئي ڪاٿي نوڪري تي لڳي پوءِ پلي وٺي وڃجوس. ڳوناٽو
ويچارو سمجهي نہ سگهيو. چپ چاپ هليو ويو. ڪجهہ سالن کانپوءِ ماستر صاحب
وٽ آيو چيائينس ڪر خبر منهنجو گڏهہ پٽ ڪاٿي آهي. ماستر سوچ ۾ پئجي
ويو. هن مصيبت کان بچڻ لاءِ ڪجهہ انڪل ڪڍي، سائين توهان جو گڏهہ پٽ
انجنيئر ڪنهن اوڇ پدوي تي آفيسر يا بئنڪ مئنيجر آهي پر توهان کي ڪونہ

ناري ’ناچيز‘ (ابو ڌابي)

سنڌي شاعريءَ جو مرزا غالب شري پرسرام ضيا

سنڌين جو دلبر دل عزيز شاعر ضيا صاحب کي سنڌي شاعري جي هن صديءَ جو مهان شاعر چئجي تہ ان ۾ ڪجھ وڌاءُ نہ ٿيندو. جھڙي طرح مرزا غالب اُردوءَ ٻوليءَ کي بي شمار لاجواب شاعريءَ جو خزانو بخشيو ۽ اُن خزاني ديوان غالب گرنٿ جو روپ اختيار ڪيو جو اُردوءَ شاعريءَ جو نہ وسرندڙ ڪتاب ثابت ٿيو اھڙي طرح ضيا صاحب سنڌي ٻوليءَ کي شاعريءَ جو اٿاھ خزانو بخشيو. پر افسوس جو اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي سرمائيدارن اُن جو قدر نہ ڪيو. اڄ اسان اُن مهان شاعر جو جنم دن ملهائي رهيا آهيون. ليڪن ضيا صاحب جو روح اڄ بہ اِهو ارمان ڪٿي روئيندو هوندو تہ سنڌين جيئري تہ سندس قدر ڪونہ ڪيو پر سندس پرلوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ بہ ضيا صاحب جي جيون جي پونجي سندس بي شمار لکيل شعر گيت غزلون، ڪويتائون، سنڌي ادب جي انيڪ پهلن تي انهن امولہ ماڻڪ موتين جي قدرشناسي ڪونہ ڪئي.

اسان جي سچي شرڌانجلي ضيا صاحب کي تڏهن ملي سگهندي جڏهن اسين سنڌي پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ساهتيہ ادب کي قائم رکڻ لاءِ سندس لکيل خزاني کي سنڌي گرنٿ جو روپ ڏيون ۽ سندس ياد ۾ ديوان غالب وانگر ’ديوان ضيا‘ گرنٿ ڇپائي سنڌي جاتيءَ جي اڳيان رکون جيڪو هرڪو سنڌي پڙهي سگهي. اِهو يادگار ضيا صاحب جي روح کي ضرور راحت پهچائيندو.

اِها خوشيءَ جي ڳالھ آهي جو اِن راھ ۾ ضيا صاحب جي فرزند شري نارائڻ ۽ مشهور ساهتيڪار شري منوهر بيدي گڏجي ’ضيا‘ رسالي جو آرنڀ ڪيو. جنهن ۾ ضيا صاحب جون ڪجھ اڻ ڇپيل رچنائون ۽ اُڀرندڙ نون ليڪن ۽ شاعرن کي همٿائڻ لاءِ سندن لکيل رچنائون هر ٣ مهني جي رسالي ۾ ڇپائڻ چالو ڪيون. اِهو قدم هن وقت پاڻي جي ڦڙي وانگر آهي جيڪو اڳتي هلي ساگر جو روپ اختيار ڪندو ايتري اُميد آهي.

منوهر بيدي

انٽرويو



سُندر ڏنگواڻي

(جنم : ١١ مئيءَ ١٩٤٦ : گمبٽ - سنڌ)

استان : سندر ڏنگواڻيءَ جي فليٽ جو ڊرائنگ روم

تاريخ : ڇنڇر ٢٥ سيپٽمبر ١٩٩٩

وقت : صبح جو ١٠ ۽ ١٢ جي درميان

سندر ڏنگواڻي ليکڪ ڪونہ آهي پر سنڌو پون جو خلقيندڙ آهي

سندر ڏنگواڻيءَ کان انٽرويو وٺي گهر پهتس تہ الائي ڇو عمر خيام جون رباعيون پڙهڻ تي اچي دل ٿي. ڪتابن کي هيڏانهن هوڏانهن ڦٽڪايم تہ عمر خيام جي رباعيات جو انگريزي ترجمو هٿ لڳي ويو.

Rubaiyat of Omar Khayyam
Translated by : Edward Fitzgerald

تمام پراڻو پاڪيٽ بوڪ سائيز جو ڪتاب. الائي ڪهڙي سال ۾ يو.ايس.اي ۾ ڇپيو هو. پنا هيڏانهن هوڏانهن ڪندي بہ ڏپ پئي ٿي وتہ متان ڦاٽي نہ پون. پر ڪتاب مون کي موهي ڇڏيو. گورڊن روس (Gordon Ross) جون تصويرون رباعيات جي معنيٰ کي چٽو ۽ صاف ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪري رهيون هيون . ڪجهہ دير تائين تصويرون ڏسڻ کان پوءِ منهنجي نظر وڃي هڪ رباعيءَ تي پئي. ان رباعيءَ سرشٽيءِ جا الائي گهڻا ڀيد منهنجي اڳيان کولي ڇڏيا.

Another said - "Why, ne'er a peevish Boy
would break the Boal from which he drank in Joy
Shall He that made the vessel in pure Love
And Fansy, in an after Rage destroy !"

ڇا سرشٽي ترڪ شاستر جي اصولن جي مطابق هلي ٿي ؟ ڇا انسان جي

سچاٽيندو، نہ وچو، نہ سنو. توهان ڳوناٽا، هو وڏو آفيسر آهي. نوڪر چاڪر بي
آهن توهان کي ڌڪو ڏيئي ٻاهر ڪڍندا. ڳوناٽي ٻاڙهيون اکيون ڪري چيو م
ئي اُن کي گڏهہ مان ڇوڪرو بڻايو، هيڏي محنت ڪئي. مان ٿو وڃانس، خ
وٺانس. ڪهڙي بئنڪ ۾ آهي، ٻڌاءِ بئنڪ ۾ وڃي ڏنائين هڪ آفيسر مئنيج
جي روپ ۾ ويٺو آهي. ڪجهہ لکي ٿو. ڳوناٽو خوش ٿي چوڻ لڳو، اڙي تو
مونکي نٿو سڃاڻين، مان تنهنجو پيءُ آهيان ؟ تون گڏهہ هئين، مان توک
ماستر وٽ ڇڏي آيو هوس گڏهہ مان ڇوڪرو ٺاهي ڏي، هاڻي تون مونکي نٿ
سڃاڻين ؟ مئنيجر وائڙو ٿي ويو. غصي ۾ اچي ويو. پٽيوالن کي چيائين ڌڪ
ڏيئي ٻاهر ڪڍوس، وري نہ اندر اچي. پٽيوالن خوب مار ڏيئي ڌڪا ڏيئي ٻاه
ڪڍيائونس. ماڻهون جيڪي بيٺا هئا، سي کلڻ لڳا. اوچتو هڪ نظارو ٿي گذري
ڳوناٽو ڪن پڪڙي گهر ڏانهن ويو وري نہ پوئتان نهاريائين، توبهہ ڪيائين.

ايا ز

سهڻي

ڪيئن ڪو ريتي چنڊ کي، چونڊي چانڊو ڪي ؟
آهي اَهڙو ئي، ناٿو ساهہ سَريرَ جو.

سڄڻ اوري آءُ، سُري منهنجي ساهہ ۾ !
رهندو سائِرَ ڪنڌين، سدا تنهنجو ساءُ
ماڻهو ڇاهي ؟ واءُ ! سڀ ڪجهہ آهہ سڱنڌ ۾.

تون بہ تہ تري آءُ، ڪڌهن منهنجي پار ڏي !
سدا مونکي سير جو، ڏنہ ڇو سؤ داءُ !
ميهر! محب ! مِلاءُ، توکي ڇکي ڇو نہ ٿو ؟

اَمرت ويلو، ماڪ ۾ پنا پپل پن،
هي سارو سنسار آ، ڇڻ کي آدي ڪَن،
سانت اندر ساجن، ڪيڏا گهنڊ گُڙن پيا !

جنون آهي ان ڪري خود لکي نالو ڪڍڻ ۽ ڪمائڻ جي بجاءِ ٻين جون رچنائون ڇپي ظاهر ڪرڻ ۾ مون کي اٿاه آنند ايندو آهي. اهو جنون ئي ته آهي جو مان ڪنهن به قسم جي موٽ جي اُميد ڪونه رکندو آهيان. هڪ لڳن آهي، هڪ نشو آهي جيڪو مون کان ساهتيڪ محنتون ڪرائيندو رهندو آهي.

(ڪجهه دير خاموشي)

مان فقط هڪ ڳالهه چاهيندو آهيان ته سنڌي ساهتيه سنڌي ڪلائن، سنڌي سڀيتا، سنڌي سنسڪرتي ۽ سنڌي روايتن جو ڦهلاو ٿئي. پر ان سان گڏو گڏ اهو به چاهيندو آهيان ته ڦهلاو، پرچار-پرسار سڪاراتمڪ هجي، پازيٽو هجي، نڪاراتمڪ يعني نگيٽو نه هجي ...

مون وچ ۾ ئي ڪيس ڪٽيندي چيو :- ’يعني ان طريقي جو نه هجي جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته بدنام گر هونگي تو ڪيا نام نه هوگا ؟‘

سندر ڏنگواڻيءَ هڪدم چيو - ’’نه، بلڪل نه. اسان سنڌين گهڻو ڪجهه سنو آهي. ديش جي لاءِ اسان جيترو ڪجهه يعني لڳ ڀڳ سڀ ڪجهه قربان ڪيو آهي، اوترو ڪهڙيءَ ٻيءَ قوم ڪيو آهي ؟ ڪنهن به نه. اسان پنهنجين قربانين جي قيمت ڪونه ٿا طلبيون پر فقط اِهو ٿا چاهيون ته اسان جي ساهتيه، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي آدر جي نظر سان ڏٺو وڃي ۽ ان ۾ ڪجهه اضافو ڪرڻ لاءِ اسانکي واجب مدد ملندي رهي .... پر جي مدد نه به ملي ته پرواه نه آهي. گهٽ ۾ گهٽ جائز قسم جي همت افزائي ته ٿيندي رهي... (ڪجهه جوشيلي آواز ۾) اسان پنهنجي ساهتيه ۽ پنهنجين ڪلائن کي بيموٽ هرگز مرڻ نه ڏينداسين. اسان سنڌين جو سڄو ملڪ ڪسجي ويو ۽ هڪ ٻئي ملڪ ۾ جذب ٿي ويو. پر اسان اهو هرگز نه چاهينداسين ته اسانجي سنڌيت ڪنهن ٻئي سڌانت ۾ جذب ٿي وڃي ۽ اسان جو ساهتيه ۽ اسانجون ڪلائون ڪن ٻين جاتين جي ساهتيه ۽ ڪلائن ۾ ملي وڃن، جذب ٿي وڃن. اسانجو ساهتيه ۽ اسان جون ڪلائون ئي ته هاڻي اسان جي سڃاڻپ وڃي رهي آهي.

(ڪجهه دير شانتي)

اڄ ڇا حقدار کي حق ملي ٿو ؟ حق طلافي - حق مارڻ جو روڳ نه فقط سياست جي حدن ۾ ڏسندو بلڪ ساهتيه به ان روڳ - ان مرض کان بچيل ڪونه آهي. ڇا ساهتيڪارن کي جيڪي لاڀ يا سهوليتون ملن ٿيون انهن ۾

زندگي کي لاجڪ جي سڌانتن ۾ ٻڌي سگهجي ٿو؟ هن اٿاه ساگر جي وهڪري ۾
هرڪو سڌانت، هرڪو ترڪ، هرڪو نيم ترندو ترندو، لهرن سان گڏ لهرائيند
لهرائيندو الائي ڪٿي جو ڪٿي وڃي ٿو پهچي.

پر، عمر خيام جي رباعيات ۾ منهنجن متين خيالن جو سندر ڊنگوائي
جي انٽرويو سان ڪهڙو سنبند؟ هن وقت نه مون کي به سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي
پر اها پڪ اٿم ته تعلق ضرور هوندو. جيڪڏهن ڪوئي تعلق، ڪوئي واسطو ئي
نه هجي ها ته اهڙا خيال دماغ ۾ اچن ئي ڪونه ها. خيال آيا ته مون پني تي
اُتاريا.

انٽرويو کان اڳ 'جرات' جي هڪ غزل جا ڪجهه شعر پڙهي دل و دماغ
کي ادب جي دائري ۾ داخل ته ڪريو:

ياد آتا هئہ تو کيا ڦرتا هون گهبرايا هوا
چنپئي رنگہ اُسڪا اؤر جوبن وه گهرايا هوا
بات هي اول تووه ڪرتا نهين مجهسي ڪيي
اؤر جو بولي هئہ ڪڇ منهہ سي تو شرمايا هوا
بي سبب جو مجهسي هئہ وه شعلہ خو سرگرم جنگہ
مئن توهون حيران ۽ يہ ڪس کا هئہ پڙڪايا هوا
جائون جائون کيا لگايا هئہ اجي بيٺي رهو
هون مئن اپني زيست کي آگي هي اُڪتايا هوا
حڪم بار-مجلس اب 'جرات' کو هو جائي جي،
۾ بچارا ڪب سي دروازي پي هئہ آيا هوا

(وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن/فاعلات)

١) توهان ساهتيڪار ڪونہ آهيو پر ساهتيہ پريمي آهيو - ادب-نواز آهيو. مان
توهانجو انٽرويو هر حال ۾ وٺڻ چاهيان ٿو پر سمجهه ۾ ڪونہ ٿو اچي ته
توهان کان ڪهڙا سوال پڇان. ان ڪري دوست، سڀ کان اول اهو ڪٿي ٻڌايو
ته ساهتيہ-پريم جي لڳت ڪٿان لڳوَ؟

● بيدي صاحب ان کي لڳت نہ چئو پر جنون چئو، ديوانگي چئو، هڪ قسم جو
نشو چئو. انسان چاهيندو آهي ته کيس هر محنت جو ڦل ملي، هر ڪوشش
جو فائدو ملي ۽ هر جفاڪشي ۽ جو گڻ-گان ٿئي. ساهتيہ-پريم جو مون کي

(ڪجهه دير شانتي)

پر ايترو مان ضرور چوندس ته اڄ جا نوان ساهتيڪار اوتري محنت ڪونه ٿا ڪن. هو چاهن ٿا ته اڄ لکڻ شروع ڪن ۽ سڀاڻي ادب جا علمبردار ٿي وڃن. اهڙو ڪرشمو ته ساهتيه ۾ ممڪن ئي ڪونه آهي. هتي ته ڏينهن-رات وهٽو آهي تڏهن وڃي ڪجهه لهڻو آهي. انڪري اڄ جي ساهتيه ۾ اهو معيار ڪونهي اُها گهرائي ڪونهي. اُها اونچي اُڏام ڪونهي. بس، لفظ آهن، جملا آهن ۽ لائينون آهن - باقي ٺيو پلو. اڄ تقريبا سڄو ساهتيه ڏنوانن جي دان-پڃ تي ڇپجي ٿو. اشتهارن جي آڌار تي ڇپجي ٿو. ان دان-پڃ تي ڇپجندڙ ساهتيه کي پاٺڪ به ڪونه ٿا ملن. اڄ هرڪو هندي ۽ انگريزي چاڙهيتو. انهن ڀاشائن ۾ انيڪ رسالا ۽ ڪتاب نڪرن ٿا. پوءِ سنڌيءَ جي ڪتابن ۽ رسالن ڏانهن ڪوئي ڌيان ئي ڇو ڏيندو ۽ انهن ۾ آخر ڇا نئون آهي ؟

(مون وري ڊنگواڻيءَ جي اکين ۾ نهاريو)

هائو ڊارمڪ پستڪ هلندا ڇو ته اُهي وڏي عمر وارن جي ڏانوَ جا هوندا ۽ ٻيا پيور سيڪسي ڪتاب هلندا ڇو ته اُهي نوجوانن جي دل کي هرڪائيندا. پر ان ۾ به شڪ آهي ڇو ته هنديءَ ۾ ان قسم جا ڏاڍا خطرناڪ ۽ زوردار ڪتاب اڪثر نڪرندا رهن ٿا.

(سيني هڪ وڏو ٺهڪ ڏنوسين)

هڪ ٻي عجيب ڳالهه ٿي آهي. ڪن پرانتن ۾ سنڌي پنهنجي سنڌي ساهتيه کان ايترو ته بدظن ٿي ويا آهن جو هنن هنديءَ ۾ لکڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. هنديءَ ۾ لکندڙ سنڌين کي اُتان جون مڪاني اخبارون به ساٿ ڏين ٿيون ۽ ان طرح ڇڻ ته هندي ساهتيه کي سنڌي ساهتيڪارن جو هڪ نئون ٽولو ملي رهيو آهي. هاڻي خود توهان فيصلو ڪريو ته اهو سنڌي ساهتيه جو واڌارو ۽ پرچار پرسار ٿي رهيو آهي يا هندي ساهتيه جو خزانو وڌيڪ مالامال ٿي رهيو آهي ؟ آهي ڪنهن کي ان ڳالهه جي چنتا ؟ بيدي صاحب، ان ڳالهه جي چنتا ليڪڪ نه ڪندو ڇو ته هن کي پرڪاش ۾ اچڻو آهي. پوءِ سنڌي زبان نه سهي ته هندي ئي سهي. اِها چنتا قوم جي نيتائن ۽ ليڊرن کي ڪرڻي آهي. هنن کي اهڙيون حالتون پئدا ڪرڻيون آهن جيئن ڪوئي ساهتيڪار حدون لتاڙي ٻيءَ ڀاشا جي حدن ۾ داخل نه ٿئي. ڪير ڪندو

حقدار ريتي ڪن پنهنجن کي نوازيو ڪونہ ٿو وڃي ؟ ساهتيہ جي ڪيتر
حقدارن جا حق مارڻ اڄ عام رواجي ڪم ٿي پيو آهي ڇو تہ ان گهات لاءِ
ان ظلم لاءِ، ان ذهني ايذاءَ لاءِ ڪائي سزا ڪونہ آهي.

(ڪجهہ دير خاموشي)

منهنجي دلي تمنا آهي تہ ساهتيہ جي ڪيتر ۾ حقدار کي حق ملي. ڪوئي
لائق حقدار، ڪنهن بہ بهاني سان، يا ڪنهن بہ سبب سان ريتيو نہ وڃي
تنهنڪان سواءِ جيڪي ڪاريہ ڪرنا آهن، مئدان ۾ اچي ڪاريہ ڪن تا
انهن جي قدر شناسي ٿئي. اُنهن جي محنتن کي ساماجڪ ۽ ساهتيڪ مڃ
ملي.

٢) مؤجوده سنڌي ساهتيہ بابت توهان جا ڪهڙا وچار آهن ؟

- ٽي.وي.ءَ جي ڪري ۽ ويڊيو جي ڪري دنيا ڀر جي ادب جي حالت ڪا سُٺي
ڪونہ اهي. اڄ ڪتاب کولي پڙهڻ جي ٻيٽ ۾ صوفي تي ويهي، آرام سان
ٽي.وي. پروگرام ڏسڻ يا ويڊيو تي فلمون ڏسڻ وڌيڪ سهنجو ۽ آرام ڏيندڙ
ٿي پيو آهي. انهن حقيقتن جي باوجود اڄوڪين حالتن جي مطابق ڏسجي
تہ سنڌي ساهتيہ جي حالت ڪا هروڀرو خراب ڪونہ آهي. مان تہ ائين
چوندس تہ بهتر آهي. سنڌين کي ڪائي، پنهنجي پرانت ڪونهي، ڪوئي
پنهنجو جدا ٽڪڙو ڪونهي، ان هوندي بہ ڪنهن بہ طور طريقي سان ڪتاب
ڇپجن ٿا ۽ رسالا بہ نڪرندا رهن ٿا. خود توهان جو 'ضيا' ٽماهي رسالو ان جو
ثبوت آهي. ضيا صاحب شايد سپني ۾ بہ ڪونہ سوچيو هوندو تہ صديءَ جي
آخر ۾ سنڌس نالي سان ڪو رسالو بہ نڪرندو.

(مون ڊنگواٽيءِ جي اکين ۾ اکيون اٽڪائي چڏيون)

هائو. بيدي صاحب ! هائو، مان سمجهان ٿو ان ۾ گهڻو ۾ گهڻو هٿ ضيا
صاحب جي فرزند نارائڻ جو آهي جيڪو مالي ۽ جسماني تڪليفون گوار
ڪري ان ڪاريہ کي منهن ڏيئي رهيو آهي ۽ توهان بہ بنان ڪنهن لوب
لالچ جي، بنان ڪنهن اُجوري جي ۽ بنان ڪنهن قسم جي آئينده جي اُميد
ٽي تقريبا سڄو رسالو لکي رهيا آهيو، رچنائن کي سنواري رهيا آهيو
پڙهندڙن کي گهڻو ڪجهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهيو. توهان پنهنجي
جي اندر ۾ اِها چٽنگ بہ شايد سنڌي ساهتيہ جي مؤجوده حالتن لڳائي آهي

ساهتيڪارن جي ڪنهن انوکي ڳڻ هنن کي موهيو آهي...

مون وچ ۾ ئي چيو مانس : يعني سنڌي ساهتيڪار هڪ ٺڪاڻيدار ڪان بہ جنتا ۾ گهٽ درجو رکي ٿو!

(وڏو ٽهڪ)

يعني هاڻي سنڌي ادب جي آس ۽ اُميد پرفارمنگ آرٽ ۾ وڃي رهي آهي ؟ ان باري ۾ توهان جا ڪهڙا خيال آهن ؟

سنڌيءَ ۾ پرفارمنگ آرٽ تي ڪتاب آهن ئي ڪونہ. پرفارمنگ آرٽ جو مئدان تمام وڏو ۽ دور دور تائين ڦهليل آهي. ڪٺ-پتليءَ جي کيل کان وٺي، رنگمنچ تي ڏيندڙ ناٽڪن تائين اهو سڀ ڪجهہ پرفارمنگ آرٽ ۾ اچي ٿو وڃي. مون کي خود ان باري ۾ وڌيڪ جانڪاري ڪونہ آهي. پاڻ توهان مون کي ڪجهہ ان باري ۾ ٻڌايو.

مون سندر ڏنگواڻيءَ کي ٻڌايو - ’مان خود پرفارمنگ آرٽ تي هڪ ڪتاب لکي رهيو آهيان. ان وشيہ تي لکڻ ۾ مون کي ڪن غير سنڌي مترن وٽان ڪافي مدد ملي آهي. ان باري ۾ مون ڪن ناٽڪ منڊلين سان بہ خيالن جي ڏي-وٺ ڪئي آهي. مون کي عجب لڳو جڏهن اِن وشيہ تي انگريزيءَ ۾ مون انيڪ ڪتاب ڏٺا. پر ڪتاب ڏاڍا مهانگا آهن. هڪ هڪ ڪتاب جي قيمت هزار جي آس-پاس آهي. پر مون بہ پڪو فيصلو ڪيو آهي تہ اهڙا ٻہ-ٽي ڪتاب ضرور خريد ڪندس ۽ ڏسندس تہ انهن ليکڪن پرفارمنگ آرٽ کي ڪهڙي نموني سان ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. دوست، ان ڪتاب جو شري گڻيش تہ ڪري چڪو آهيان. هاڻي انجام خدا جاڻي.

سنڌيءَ جي مؤجوده اديبن جي باري ۾ توهان جا ڪهڙا خيال آهن ؟

سنڌيءَ جي مؤجوده اديبن تي ۽ خاص ڪري نئين ٽهيءَ جي شاعرن تي قياس بہ ايندو آهي ۽ رئڻ بہ ايندو آهي. انهن نون اديبن جو ڪوئي اِسٽينڊرڊ ئي ڪونہ آهي. مشاعرا ڏسو تہ متو پٽڻ تي دل ٿيندي آهي. ڪوئي بہ شاعر ڪائي بہ اهڙي ڳالهہ ڪونہ چوندو آهي جيڪا دل کي ڇهي، من ۾ اُمنگ پئدا ڪري ۽ ماحول کي اُتساهہ ۽ جوش سان ڀري ڇڏي. ان جو ڪارڻ شايد اِهو آهي تہ نوان شاعر نہ ڪو اڀياس ٿا ڪن، نہ ڪو مشق ٿا

اِهڙي مقناطيسي ڪشش پئدا ؟ جيڪڏهن ساهتيڪار کي انصاف بہ نہ ملندو تہ هو بہ سڀ ليکا اورانگهي، پنهنجي من-ماني ڪندو. اهو ڪجهہ ڪندو جنهن مان هن کي نالو بہ ملندو ۽ ناڻو بہ ملندو. ڪن ليکڪن لاءِ ديوناگري ۾ لکڻ بہ هڪ مجبوري ٿي پئي آهي ڇو تہ اُنهن جڳهين تي عربي سنڌيءَ جي پڙهائيءَ جو ڪوئي بندوبست ئي ڪونہ آهي. ڪن وري تعليم انگريزي ماڌيم جي اِسڪولن ۾ ورتي آهي. اُتي راشٽر ڀاشا هئڻ جي ناتي هندي تہ سيکاري وڃي ٿي پر سنڌيءَ جي سکيا جو ڪوئي بندوبست ئي ڪونہ آهي. هنديءَ ۾ سکيا ورتل وديارٿي اڳتي هلي پنهنجي ماتر ڀاشا ديوناگريءَ ۾ نہ لکندو تہ ڇا ۾ لکندو ؟ در اصل اسان سنڌي حالتن جي چڪرويوهہ ۾ اڙجي ويا آهيون.

٣) ١٩٦٣ ۾ برپا ڪيل سنڌو يوٿ سرڪل هن وقت اُلهاسنگر جي سنڌين جي ساهتيڪ ۽ سانسڪرتڪ سرگرمين جو هڪ مکيہ مرڪز آهي. توهان سرڪل جا آنرري سيڪريٽري آهيو. توهان جي سرڪل هرحال 'سنڌو' جي صورت ۾ هڪ لاجواب پرچو پرڪاشت ڪري ٿي. اهي ٿيون حقيقتون. هاڻي مان هڪ سوال ٿو پڇان : جيئن تہ سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي ساهتيڪ وڌائن (صنفن) تي معلوماتي ڪتاب ڇپيل ڪونہ آهن. توهان جي سرڪل ڪن ڄاڻو ساهتيڪارن کان ڪن خاص وشين تي، ڪي خاص ڪتاب لکائي پرڪاشت ڇو نہ ٿي ڪري ؟

● توهان جو چوڻ بلڪل صحيح آهي. ڪن ساهتيڪ وشين تي ڪي خاص ڪتاب لکرائي شايع ڪرڻ اسان جي سرڪل لاءِ ڪو ڏکيو ڪم ڪونہ آهي. پر بيدي صاحب، هن سرڪل ۾ مان هڪڙو ڄڻو ڪونہ آهيان. مان چاهيندي بہ اهڙو ڪم سؤلائي سان ڪونہ ڪري يا ڪرائي سگهندس. توهان خود سوچيو گهڻا ماڻهون ساهتيہ کي گنڀيرتا سان کڻن ٿا ؟ گهڻا ماڻهو آهن جيڪي ساهتيہ جي اهميت کي سمجهن ٿا ؟ سچ پڇو تہ ساليانو پرچو سنڌو ڪڍڻ بہ مون لاءِ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هڪ اِشاري ۾ سمجهي وڃو تہ سنڌي ڏانوير اسپتال لاءِ ڪروڙين ڪٺا ڪري ڏيئي سگهندا پر ساهتيہ جي نالي ۾ هڪ لک تہ ڇا هڪ هزار روپيہ ڪٺا ڪرڻ بہ وڏو مسئلو ٿي پوندو آهي. ساهتيہ جي اهميت کان سنڌي عام جنتا ناواقف آهي شايد ان ڪري جو انهن پنهنجي اکين جي سامهون نہ سنڌي ساهتيہ جي ڪا شڪتي ڏٺي آهي ۽ نہ وري سنڌي

طلب پهريون ٿو ڪري ! اڃان بہ منهنجي منهن مان ڪجهہ چوائڻ چاهيو ٿا ؟

(ان وقت اسان ٻنهجي جي دل ٺهڪ ڏيڻ تي هئي پر ماحول ايترو تہ بوجهل ٿي چڪو هو جو ڪلڻ جڻ پاڻ تي ئي ٺٺولي ڪرڻ جي برابر لڳو ٿي)

٨) سنڌي ساهتيہ جي اهم پستڪن جو انواد هنديءَ ۾ ٿيڻ گهرجي - ان باري ۾ توهان جا ڪهڙا خيال آهن ؟

● ضرور ٿيڻ گهرجي. هر حال ۾ ٿيڻ گهرجي. اسان جو ساهتيہ ئي دنيا کي ٻڌائيندو تہ اسان ڇا آهيون. عام طور ڀارت جي باشندن ۾ سنڌين جي باري ۾ ڪيترين ئي غلط فهميون آهن. انهن غلط فهمين کي فقط اسان جو خاص قسم جو ساهتيہ ئي دور ڪري سگهندو. پر اِهو ڪاريہ نہ اڪيلي سر ڪو اديب ڪري سگهندو ۽ نہ ڏنوانن جي مدد سان ٿي سگهندو. اهو سڄو ڪاريہ ڪرڻ جي ذميواري ۽ جوابداري ساهتيہ-اڪاڊمين جي آهي. اهو ڪاريہ ساهتيہ-اڪاڊمين کي ڪرڻ گهرجي.

مون چيو - ”مسٽر ڍنگواڻي، پوءِ اهو ڪاريہ ٿي چڪو - توهان بہ ڏٺو، مون بہ ڏٺو. ڇا مون کي اهو بہ ڇوڙو پوندو تہ اڪاڊميون ڪڏهن سچي ساهتيڪار تائين پهتيون آهن ؟ منهنجو پنهنجو اِهو وشواس آهي تہ اهم ترين ۽ بهترين ڪاريہ هڪ انسان شخصي طور ئي ڪري سگهندو آهي. سرڪاري اداره تہ قانون جي دائري ۾ رقصان مجبور جسم آهن جن مان فقط غلط قسم جا فائدا ئي وٺي سگهجن ٿا.

(اسان ٻنهي جي ڪجهہ دير تائين اختيار ڪيل خاموشي ڄڻ ان دستاويز تي ادرشيہ مهر هئي)

٩) سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلائن جي حوالي ۾ ڄاڻن ۽ پارکن جي قدرشناسيءَ جي باري ۾ توهان جا ڪهڙا خيال آهن ؟

● گُڻيءَ جو قدر نہ ٿيندو تہ اڳڻ اڇي اُها جاءِ پريندا. مون ڏٺو آهي تہ اڄ سنڌي ساهتيہ ۾ نقادن، پارکن، آلوچڪن ۽ سمالوچڪن جي بلڪل ڪمي ڪونہ رهي آهي. پر اُنهن مان گهڻا ڄڻا آهن جيڪي ڪلا ۽ فئشن ۾ فرق

پڇائن ۽ نه وري ڪنهن ڪان رهنمائي ٿا وٺن. هنن کي شايد اها خبر ئـ
ڪونهي ته ڪلا کي محنت گهرجي. رچنا جي مئدان ۾ ته خون کي پسيـ
وانگر وهائڻو پوندو آهي.

٦) توهان جيڪو چيو اُهو سؤ فيصدي سچ آهي. پر ان باري ۾ توهان ڪوئـ
رستو ڳولهي ڪڍيو آهي ؟

● مان ٽاٽا انسٽيٽوٽ آف فنڊامينٽل ريسرچ، نيوي نگر، ڪولابا ۾ ڪم ڪند
آهيان. ان انسٽيٽيوٽ ۾ بنيادي قسم جي ريسرچ ڪئي ويندي آهيـ
منهنجو خيال آهي ته ادب ۾ به اهڙي قسم جو بندوبست هئڻ گهرجيـ
سائنس هجي چاهي آرٽ، بنيادي اُصولن جي جانڪاري ۽ بنيادي قسم جـ
کوج جو ڪاريه تمام ضروري آهي. ان مان، منهنجي خيال مطابق، ادب کـ
ٻل ملي ٿو. ۽ عام جنتا به ادب جي اهميت ۾ وشواس آڻي ٿي. اڄ ڪافـ
ماڻهون ائين سمجهندا آهن ته ليکڪ واندڪائيءَ جا ڪم ڪندا آهن
اجايون ڪلپنائون ڪري پنهنجو ۽ ٻين جو وقت وڃائيندا آهن. جيڪڏهـ
رچنا-ڪاريه تي به ريسرچ ٿيندي رهندي ۽ عام سان وابست وشين تي بحـ
ٿيندا رهندا ته ادب جي حق ۾ هڪ قسم جو لايڪاري ۽ اُتساه-جنڪ ماحوـ
پئدا ٿي ويندو.

٧) حقيقتون حقيقت ۾ افسانن ڪان وڌيڪ عجيب ۽ افسانوي هونديون آهن
مسٽر ڊنگواڻي، اِها ڪهڙي نه عجيب و غريب ڳالهه آهي ته جڏهن سنڌيـ
ساهتيه کي ڪابه مدد ڪونه ملندي هئي، ان وقت سنڌي ادب خوب ترقيـ
ڪئي. پر جڏهن کان وني اديبن کي سرڪاري، نيم-سرڪاري يا خانگيـ
مددون ملڻ شروع ٿي ويون آهن تڏهن کان ادب ويو آهي پوئتي موٽـ
ڪائيندو !

● بيدي صاحب، توهان ئي چوندا آهيو ته جنون غربت ۾ پئدا ٿيندو آهي
قدر راڄائون ڪندا آهن. جن ۾ جنون پئدا ٿيڻ گهرجي، اُهي ئي جڏهـ
ساوا ستابا ٿي ويا ته پوءِ ترقي ڪهڙي ٿيندي ۽ قدر ڪير ڪندو ! توهان کيـ
خود چڱيءَ طرح خبر آهي ته اڄ ساهتيڪار ساهتيه ڏانهن اوترو وفادار ڪونـ
آهي جيترو پنهنجو آئينده محفوظ ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اڄ جو ليکڪ
بيضي مان اڃا ٻاهر مس ٿو نڪري ته چون چون پوءِ ٿو ڪري انعام جيـ

ضيا جا پنج غزل

پيشڪش : منوهر بيدي

ڪجهہ غزل بابت

اُردوءَ ۾ انيڪ غزل گو شاعر ٿيا آهن ۽ هن وقت بہ مؤجود آهن. سنڌي ادب جي باري ۾ اهڙو بيان نہ ٿو ڪڍي سگهجي. پنهنجي سڀاءَ، طبيعت، مزاج ۽ اندروني قوتن جي لحاظ کان سنڌي ڀاشا ڏوهيڙن، دوهن، بيتن، وائين، ڪافين ۽ گيتن لاءِ ئي موزون آهي. شاهہ، سچل ۽ ساميءَ تہ ويتر سنڌي ڀاشا جي سڀاءَ مٿان پنهنجين ڪلاتمڪ ۽ وهنواري شڪتين دواران اهڙيون تہ مهرون هڻي ڇڏيون آهن جو ڪهڙو بہ زوردار غزل پيش ڪيو وڃي مگر سنڌي ڪلام جي سامهون ست جهلي نہ سگهندو. اياز ۽ تاجل بيوس کي تہ سنڌي غزل کي ڇڪي اچي ڏوهيڙن ۽ بيتن جي پر ۾ بهاريو آهي. اَهڙيءَ حالت ۾ سنڌيءَ ۾ اُردو ۽ پارسي مزاج وارو غزل لکڻ سؤلو بہ آهي تہ ڏکيو بہ آهي. سؤلو ان لحاظ کان جو آڌار ونڻ لاءِ وڏو مئدان سامهون مؤجود آهي ۽ ڏکيو ان لاءِ جو غزل ۾ دل ڪشي يعني پڙهندڙ جي دل کي ڇڪڻ وارو گڻ مشڪل سان پئدا ڪري سگهجي ٿو.

پر ان هوندي بہ سنڌي شاعرن غزل تي قلم آزمايو آهي ۽ هاڻي بہ آزمائي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ مان ٽن چئن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. عزيز ۽ ضيا غزل جي روائتي فارم ۾ پنهنجيءَ ڪلا جا جوهر ڏيکاريا آهن تہ ايم ڪمل هن وقت اردوءَ ۾ لکجندڙ غزل جو اڀياس ڪري سنڌي غزل کي نئون روپ ۽ رنگ ڏنو آهي. جيتوڻيڪ ان ڪري ايم. ڪمل جي غزلن ۾ تغزل جي ڪمي رهجي وئي آهي ۽ غزل جا شعر خشڪ ۽ نئين ڪوتا جي حدن ۾ وڃي ٽپا ڏيندا نظر اچن ٿا. پر خود اوردوءَ ۾ اڄڪلهہ تغزل جي ڪميءَ کي نقص نہ بلڪ گڻ ۾ شامل سمجهيو وڃي ٿو. باقي غزل جي خشڪي دور ڪرڻ تہ ڏانوَ ۽ اڀياس تي دارومدار رکي ٿو.

جهڙيءَ طرح اُردو ۾ مومن کي سندس غزل جي ڪري ئي اُستاد ۽ صاحب طرز مڃيو ويو آهي ٺيڪ ان طرح عزيز ۽ ضيا جي قوتن جو ديدار سندن چيل غزلن ۾ ئي پسجي ٿو. سنڌي ادب ۾ سچيءَ معنيٰ ۾ عزيز ۽ ضيا ئي غزل جا شاعر

ڪري سگهن ٿا ؟ بس، يا تہ ساراہ ٿي ٿئي يا گلا. پر ڪہ بلڪل ڪونہ ٿي ٿئي
توهان ڪهڙو شعر اڪثر گنگنائيندا آهيو ؟

مون ڪجهہ وقت سوچيو ۽ پوءِ سمجهي ويس تہ هن جو ڪهڙي شعر ڏانهن
اِشارو آهي. مون شعر گنگنايو :

گُلون ڪي سجدون سي هي تيرا آنا جان ليتي هئں،

تجهي اي گلبدن، هم دور سي پهچان ليتي هئں !

ڊنگواڻيءَ هڪدم چيو -”هائو، هائو منهنجو اِشارو اِنهيءَ شعر ڏانهن ئي
هو. سنڌي ادب جي پارکن جي حالت اِها آهي جو اڪين جي سامهون واري
شيءِ بہ ڪين ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي ! ائبسٽرئڪٽ اِشارن ڪي هو ڇا سمجهي
سگهندا ! اهڙيءَ حالت ۾ ڪهڙيون اُميدون ٿيون رکي سگهجن ! بس، جيڪو
رڏ جي پيو ٿو سو شڪر شڪر ڪري اکين تي رکڻو ٿو پوي.

هڪ ٻي ڳالهہ. جيڪو ڪارپہ ڪندو ان جي ساراہ بہ ٿيندي تہ گلا بہ ٿيندي.
ممڪن آهي گلا ڪجهہ وڌيڪ ۽ ڪجهہ تڪيءِ نوع ۾ ٿئي پر هر حال ۾ ڪارپہ
ٿيندو رهي. شو مسٽ گو آن !“

١٠)’ضيا‘ ٽماهيءَ لاءِ ڪوئي سنديش ؟

● ’ضيا‘ ٽماهي رسالو هڪ اهڙيءَ مهان شخصيت جي نالي ۾ نڪري ٿو جنهنڪي
پنهنجو هڪ خاص ۽ اهم ادبي درجو آهي ۽ تمام وڏي اهميت آهي.
منهنجي هاردڪ چاهنا آهي تہ ان رسالي کي قائم دائم رکڻ لاءِ ۽ وڏيءَ
اوج تي پهچائڻ لاءِ پوريءَ سنڌي جاتيءَ کي سمپورڻ سهڪار ڏيڻ گهرجي ۽
هر قسم جي مدد ڪرڻ گهرجي.

مون ڊنگواڻيءَ کي چيو - ”ڌنيواد، آخر هڪ شعر ٻڌو :

ڪِس دن تي اُسڪي دل ۾ محبت جو اب نهين،

سچ هئہ ڪِہ تو عدو سي خفابي - سبب هوا !

ڊنگواڻيءَ مون ڏانهن نهاريو، مون سندس مطلب سمجهي چيو - ”مومن“.

● ● ●

ضيا جي هرهڪ غزل جي مثال مون وزن لکيو آهي. غزل - ا جي وزن جي تقطيع بہ ڏيئي رهيو آهيان :

فاعلن	فاعلاتن	فائمن	فاعلاتن
در ملي	جو ئي مونکي	جستجو تنهن	جنهنجي آهي
در ملي	جوءِ مون کي	جستجو تهہ	جهہ جہ آهي
بر ملي	دل-گهريو دل	هي تہ جيئري	آرزو آ
بر ملي	دل-گهرو دل	هي تہ جيئري	آرزو آ

۽ آخر ۾ 'مومِن' جي هڪ شعر جو هڪ فرد :

'حسرتين آتي هئن کيا کيا دل کو تنها ديکہ کر !'

مون فقط 'اس' جي بدران 'دل' لکيو آهي.

'گل وخار' ۾ ليکراج 'عزيز' غزل جي باري ۾ لکيتو :

'غزل جي پهرئين شعر ۾ هم-قافيي مصرعون هونديون آهن ۽ انهيءَ شعر کي مطلع (مکڙو) چئبو آهي. باقي غزل جي بين شعرن جي مصرع ثانيءَ ۾ مقرر ڪيل قافيو آڻبو آهي. هڪ بجاءِ بہ ٻي مطلع لکڻ بہ روا آهي. پڇاڙيءَ واري شعر کي مقطع چئبو آهي، جنهن ۾ شاعر پنهنجو نالو آڻيندو آهي. غزل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج شعر ۽ وڌ ۾ وڌ سترهن شعر هئڻ گهرجن، پر اڄ ڪلهہ پنجويهہ شعر بہ آڻين ٿا. نموني طور غزل جي مطلع، شعر ۽ مقطع لکجن ٿا، جيئن پڙهندڙن کي سمجهڻ ۾ اچي تہ غزل ڇا آهي.

مطلع : جنهنجي قسمت ۾ لکيل تنهنجو سدا در آهي،
هاءِ صدبار سو پٿر مون کان بهتر آهي.

شعر : اهڙي کل کانہ هئي ٿيندو اچڻ توتي بار،
مون ٿي سمجهيو تہ تنهنجو، پنهنجو سڄڻ گهر آهي.

مقطع : کيئن چوان ڪنهنکي 'عزيز' آه سچي دل جي خطا
شوق دلبر جي ئي پردي ۾ ستمگر آهي.

وزن : فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن / فعلات

بحر رمل : مثمن مجنون محذوف مقطوع / مقصور)

آهن. ڇو ته هنن ٻنهي صاحبن جي غزلن ۾ تغزل آهي. تغزل يعني عشق ومح
۽ سوزو گداز جو دل کي ڇهندڙ بيان ۽ دل جي عشقيه معاملن جو ذڪر ! تنهن
سواءِ هو ٻئي غزل جي انداز کي چڱيءَ طرح ڄاڻن سڃاڻن ٿا. غزل کي
پنهنجو انداز ۽ پنهنجو روپ رنگ آهي. مون اڪثر ائين ڏٺو آهي ته ڪي
گو شاعر جن غزل جي روح کي پرکيو ۽ جهٽيو آهي، اُهي جڏهن گيت يا ن
لکندا آهن ته اُن مان به غزل جي خوشبوءِ پئي ايندي آهي. ٺيڪ ان طرح جي
ڪي گيتڪار غزل کي به گيت جو روپ ڏئي ڇڏيندا آهن. اِهي معاملا اينترا
نازڪ ۽ سوکيم آهن جو انهن کي رد ڪرڻ يا انهن جا مطلب ڦيري ڇڏڻ تم
سؤلو ڪم آهي. ٺيڪ پرماتما جي وجود وانگر. جيڪا شيءِ جيتري سوکيم هوند
ان ۾ ڏانڌليءَ جي گنجائش به اوتري ئي وڌيڪ رهندي. شايد ان ڪري ئي ڪ
ڪي پرماتما جي برابر ئي مڃيو ويو آهي ۽ ڪلاڪار کي سرسوتيءَ جو ڀڳت يا پ

ڪنهن فن ۾ مهارت حاصُل ڪرڻ سؤلو ڪم ناهي ان ڪري پنهنجي بار
۾ ڪوئي شاعر اهڙي غلطفهمي نه رکي ڇو ته سڀ ’مومِن‘ جهڙا ڪونه آهن :

اَپني ڊب کي ڪيا پڙهي اڪ اؤر مومن ني غزل
دوهي دن ۾ يه توڪيسا ماهر - فن هوگيا.

جيتوڻيڪ مونکي ان مقطع ۾ ’مومِن‘ طرفان ڪنهن شاعر تي ڪيل ط
ئي نظر ايندي آهي.

’مومن‘ جي ئي هڪڙي غزل جي مطلع ڏسو.

هئه دل ۾ غبار اُسکي گهر اپنا نه ڪرينگي،
هم خاڪ ۾ ملني کي تمنا نه ڪرينگي.

غؤر ڪريو. پهرينءَ سٽ ۾ ’غبار‘ لفظ آيو آهي ته ٻينءَ سٽ ۾ ’خاڪ
مين ملني‘‘ جو ذڪر اچي ٿو. اُستاد ڪهڙي نه هوشياريءَ سان ربط ملايو آهي
پرتا شاعرن جا ته اهي روزانا تماشا آهن. بقول مومن

نئي ڪڇه نهين اپني-جان-بازيان،
يهي کيل همڪو لڙڪپن سي هئه.

۽ آخر ۾ :

ائسي غزل کهي يه ڪ جهڪتا هئه سب ڪا سر،
مومِن ني اس زمين کو مسجد بنا ديا.

چرئو نہ هوس مگر تي پيس چرئو آخر
اجان بہ پاڻ کي پاڳل بنائڻو پوندو
نہ آهي هڪڙي تمنا جو تئي ڪٽي پوري
انهيءَ ڪري ئي مڙن کي مٽائڻو پوندو

غزل - ۳ : (وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

ڪاش شڪوه منهنجو هرڪو پر-اثر بڻجي پوي.
منهنجي هر اُميد جيڪر ڪارگر بڻجي پوي
جهٽ اُڏامي مهہ-لقا جو منهن وٽي جيڪر ڏسان
منهنجي پاسن ڪان جي هڪ اڌ ڪوئي پر بڻجي پوي
ڪوءِ جانان ۾ هوا مستيءَ جي اهڙي تي لڳي
با خبر جي اُت اچي تو بيخبر بڻجي پوي
مضطرب دل منهنجي جنهن تي انتظاريءَ ۾ لڇي
تنهنجي دل تنهن منهنجي خاطر منتظر بڻجي پوي
تو پنهنجي نازو اَدا سان گهر بڻايو دل ۾ آ
تنهنجي سيني ۾ منهنجو ٻي شال گهر بڻجي پوي
مهرباني مان مسيحا جي نہ تو ان لئہ ڪٿان
درد پنهنجو پنهنجي لئہ من چاره-گر بڻجي پوي
غم سان گڏ غم جي سهڻ جي آسمان طاقت بہ ڏي
دل تئي پٿر ۽ فؤلادي جگر بڻجي پوي

•

عشق تنهنجي ۾ صنم اهڙي نظر بڻجي پوي
جي ڏسان ڪعبو نہ بتخاني جو در بڻجي پوي
وقت تنهنجو تو وٽي لنبي بيان سان معاف ڪر
مان گهٽو ئي چاهيان قِصو مختصر بڻجي پوي.
پاڻهي پهچي 'ضيا' پيغام جيڪر يار ڏي
جيڪڏهن دل جي ڪشش هڪ نامبر بڻجي پوي.

تقطيع

فاعلاتن	فعلاتن	فعلاتن	فعلن (مقطيع)
جنهنجي قسمت هاءِ صدبا	۾ لکيل تنهن رسو پٽر	جو سدائر مون کان بهتر	آهي آهي

تقطيع

فاعلاتن	فعلاتن	فعلاتن	فعلات (مقصور
اهڙي ڪل ڪا	نہ هئي تين	دو اچڻ تو	تي بار

غزل - ۱ : (وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

جنهنجي آهي جستجو تنهنجوئي مون کي ڊر ملي
آرزو آهي تہ جيئري دل گهريو دلبر ملي
پرده جي اندر ملي يا پرده جي ٻاهر ملي
جئن ملڻ چاهي ملي پر هوُ بت-ڪافر ملي
جنسِ دل منهنجي وٺي ۽ نقد دل سؤدي ۾ ڏئي
ڪاش اهڙو حوءِ قسمت سان ڪو سؤداگر ملي
اي ازل، هاڻي نهيو جيڪا ڏنئہ سائي چڱي
آئينده جي دل ملي مون کي تہ دل بهتر ملي

غزل - ۲ : (وزن : مفاعلات مفاعيل فاعلن فعلن)

اگر ستم نہ فلڪ کي گهٽائڻو پوندو
تہ پنهنجيءَ آه کي آتش بڻائڻو پوندو
فلڪ تي آه کي آخر رسائڻو پوندو
فلڪ کي ساڙي ۽ ماري مڃائڻو پوندو
اڃان ڇا درد کي دل ۾ دبائڻو پوندو
اڃان غمن ۾ ڇا مون کي نپائڻو پوندو

برهمانڊ شڪتي - ٢

(برهمانڊ شڪتي - ا، ضيا جي پرويش انڪ ۾ پرڪاشت ڪيو ويو هو)

برهمانڊ شڪتي هر وقت ۽ هر هنڌ موجود آهي. برهمانڊ شڪتي هڪ تتو شڪتي آهي ۽ ان کي ڪوبہ روپ يا رنگ ڪونہ آهي. اِها شڪتي هر پراڻي ۽ هر وستوءَ ۾ موجود رهي ٿي.

ڌرم ۽ وگيان اِن تتوَ شڪتيءَ جي کوج ۾ لڳاتار ڪوششون ڪندا رهيا آهن. ڌرم تتو شڪتيءَ کي آتمڪ اُنتي لاءِ ڪم آڻڻ جا اُپديش ڏيندو رهيو آهي، تہ وگيان وري اُن شڪتيءَ کي سانسارڪ پدارٿن جي حوالي ۾ اُپيوگي بڻائڻ لاءِ تجربا ڪندو رهيو آهي.

ڌرم ۽ وگيان جو نظريو ڀلي ئي جدا جدا پئي رهيو آهي پر انهن جو بنياد تتو شڪتيءَ تي ئي آهي. ڌرم وشواس تي زور ڏئي ٿو ۽ وگيان کوج تي زور ڏئي ٿو. ان ڪري ڌرم جا پرچارڪ وشواس کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿا ۽ وري وگيانڪ کوج کي ئي اهميت ڏين ٿا. پر وشواس ۽ کوج جو مول مقصد هڪ آهي ۽ اُهو آهي برهمانڊ شڪتيءَ کي سڃاڻڻ ۽ اُجاگر ڪرڻ. جيڪڏهن ڪوئي شخص صرف ڌرمي ڳالهين تي وشواس رکي ٿو تہ هوُ ڪنهن وقت بہ انڌ وشواس جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف جيڪو شخص صرف کوج تي وشواس رکي ٿو تہ اُن جي آتمڪ اُنتي رڪجي وڃي ٿي. هن يگہ ۾ جيئڻ لاءِ هر انسان کي آتمڪ وگيانڪ ٿيڻ گهرجي. جنهن ڪري هو انڌ وشواس کان پري رهندو ۽ هر وقت پنهنجي ۽ سماج جي آتمڪ اُنتي ڪري سگهندو. اِهو ڏٺو ويو آهي تہ وڏن-وڏن وگيانڪن جو قدرت جي شڪتين ۾ اٽوٽ وشواس رهيو آهي. پر انهي وگيانڪن اهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ قدرت جي شڪتين کان مٿي ۽ جدا ڪا ٻي بہ شڪتي آهي. جيتوڻيڪ هو ان شڪتيءَ کي 'ايشور' جي نالي سان سڏڻ لاءِ بہ تيار آهن پر ان شڪتيءَ کي ڌارمڪ روپ ۾ ڪائي اهميت ڪونہ ٿا ڏين چاهڻ

غزل - ۴ : (وزن : فاعلاتن مفاعلن فعلن)

هو وَفا منهنجي ڪئن يلا سمجهي
هجي جي هن وٽ وفا وفا سمجهي
باوفا کي هوُ بي وفا سمجهي
بي وفا کي هوُ با-وفا سمجهي
جيڪڏهن منهنجي تو خطا سمجهي
يل ڏئي جيڪا هوُ سزا سمجهي
منهنجي سهي پهه نه هئي خطا ڪائي
پر تڏهن ٻي تو هوُ خطا سمجهي
جنهن سان سمجهڻ پنهنجو آهي مشڪل
اهڙي بي-سمجهه سان خدا سمجهي
ڪوُءِ -جانان ۾ جو وڃي ڪوئي
پهرين دل پاڻ کان جدا سمجهي
جيڪو عشق - بتان ۾ قاسي تو
ابتدا ۾ ئي انتها سمجهي
شوخيءَ - چشم تي وڃي هن کي
ناز - بيجا کي تو بجا سمجهي
منهن کي کهڙيءَ طرح ٻٽايان مان
جنهن مان منهنجي هوُ مُدعا سمجهي
درد آهي ۽ پوءِ بہ نہ آه 'ضيا'
مرض اهڙو طبيب ڇا سمجهي.

غزل - ۵ : (وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلات / فاعلن)

اُف، منهنجيءَ بيچارگيءَ تي ڪو رئڻ وارو نہ آه
منهنجي غم ۾ مون سان ڪو شامل ٿئڻ وارو نہ آه
منزل مقصود منهنجي آهي هاٽي الوداع
تيره بختيءَ سان قدم اڳتي کڄڻ وارو نہ آه
ڪجهہ ملڻ جي لاءِ مون ڦهلايا تي دنيا ۾ هٿ
پر خبر هاٽي پئي ڪوئي ڏيڻ وارو نہ آه

ڏهن ٿيندي جڏهن اسان هر پل ۽ هر سميہ اُن برهمانڊ شڪتيءَ جي موجودگيءَ
ي پنهنجي چؤطرف محسوس ڪنداسين.

اسان کي صرف ڌرم تي ڪونہ ڀاڙڻو آهي ۽ نہ ئي صرف وگيان تي ڀاڙڻو
هي. اسان کي ٻنهي جو ميل رکڻو آهي. نہ انڌ وشواسي ٿيڻو آهي ۽ نہ ئي وري
استڪ ٿيڻو آهي. هر انسان کي هڪ آتمڪ وئگيانڪ ٿيڻو آهي. جيئن تہ هر
نسان جو شرير الڳہ-الڳہ ڍنگہ جو آهي انڪري هر انسان جي شڪتيءَ جون
ارائون جنهن کي انگريزيءَ ۾ (آئُرا) چيو ويو آهي اُهي ڌارائون پڻ الڳہ-الڳہ
رجي جون آهن.

برهمانڊ شڪتي انهن ڌارائن جي روپ ۾ هر انسان جي چؤطرف موجود
هي. پر انسان وٽ پنهنجي ٻہ هڪ طاقتور شڪتي آهي ۽ اُها شڪتي آهي
چار-شڪتي. ان وچار شڪتيءَ جي ڪري انسان برهمانڊ شڪتيءَ جي ڌارائن
ي نہ ڪو سڃاڻي سگهي ٿو ۽ نہ وري انهن مان ڪوئي لاڀ وٺي سگهي ٿو. هو جڇڻ
ہ پنهنجي وچار-شڪتيءَ جي ٻنڌن ۾ ڦاٿو رهي ٿو. اِن ڪري مؤل منتر اِهو
هي تہ پنهنجيءَ وچار-شڪتيءَ کان پاڻ کي الڳہ رکڻو آهي تہ پوءِ ئي انسان
ڻ کي برهمانڊ شڪتيءَ سان جوڙي سگهندو.

تبيٽ جي ٻؤڌ-تنتر ۾ برهمانڊ شڪتيءَ سان پنهنجي وجود کي جوڙڻ
ۏ ڪيترائي طريقا ٻڌايا ويا آهن پر انهن مان مکيہ آهي :

تنتر جو بيج - منتر : ॐ मणी पद्रमे हुं

و منتر شرير جي مٽيپد چڪر (سولار پليڪسس) سان واسطو رکي ٿو. هن چڪر
ڪنڊلني) جي ڪلڻ سان انسان برهمانڊ شڪتيءَ سان جڙي وڃي ٿو، هن جي
ستيءَ ۾ مٽيءَ وانگر تيج پئدا ٿئي ٿو ۽ سندس سڀ سنڪلپ پورا ٿين ٿا. هن
تر جي جاپ سان مٽيپد چڪر ۾ ڌوني ۽ لرزش پئدا ٿئي ٿي جنهن جي ڪري
ي چڪر ڪمل جي گل وانگر کلي ٿو ۽ انسان ۾ اَديت شڪتيون پئدا ٿين ٿيون.
ي منتر جي جاپ سان سڀ نفي (نيگيٽو) ويچار ختم ٿي وڃن ٿا ۽ شغي (پازيٽو)
ڪتيون پئدا ٿين ٿيون.

تہ هوُ وشو جي ترقيءَ لاءِ انهن قدرتي يا ايشوري شڪتين جي کوج ڪري ان کي
هر ڪيتر ۾ اُپيوگي بڻائڻ چاهن ٿا. وئگيانڪ جيتوڻيڪ 'ايشور' ۽ ان جي شڪتين
کي مڃن ٿا پر ڌارمڪ ڳالهين ۾ روچي ڪونہ ٿا رکن.

برهمانڊ شڪتي تي بہ وگيان جي جدا-جدا شاکائن، الڳہ-الڳہ نالن
سان سڏيو آهي. منو وگيان ان شڪتيءَ کي مانسڪ شڪتي ڪري چيو آهي تہ
يوگہ ۾ ان کي ئي پراڻ شڪتي چيو ويو آهي تہ تنتر ۾ ان کي ڪنڊلني شڪتي
ڪري سڏيو ويو آهي.

ڀڳتي مارگہ ۾ ان شڪتيءَ کي ايشور الاه ۽ پريو ڪري مڃيو ويو آهي ۽
اُن شڪتيءَ کي ديوين ۽ ديوتائن جو روُپ ڏيئي اُن جو شرڌا سان آدر ستڪار
ڪيو آهي.

هاڻ سوال اِهو ٿو اُٿي تہ آخر ان شڪتيءَ کي ڪهڙي نموني روز مرہ
جي جيون ۾ استعمال ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ سڀ اِنسان وئگيانڪ ڪونہ ٿي
سگهندا ۽ نہ وري سڀ انسان سنسار ڇڏي پوري جيون ڀڳتيءَ ۽ يوگہ-ڪريائن ۾
گذاريندا. اڄ ڪالهہ جي زماني ۾ هر شخص کي سڪي جيون گهرجي. هر شخص
سنسار جو جيون بہ جيئڻ ٿو چاهي تہ ساڻ ساڻ سکہ ۽ شانتي بہ ٿو چاهي.

سنسار جي پدارٿن کي حاصل ڪرڻ سان آتمڪ اُنتي ڪونہ ٿيڻي آهي.
ٻئي طرف روز جي ساڌارڻ جيون گذارڻ ڪان پوءِ بہ انسان جون سڀ اڇائون
پوريون ٿيڻيون ڪونہ آهن.

اڄ هرڪو ڀاڻ کي دکي محسوس ڪري رهيو آهي. امير انسان بہ خوش
ڪونہ آهي، امير وٽ سڀ ساڌن موجود آهي پر من خوش ڪونہ آهي. آتمڪ
اُنتي ڪونہ آهي. روز پوڄا پاٺ سان من کي ٿوري وقت لاءِ شايد مانسڪ شانتي
ملي سگهي ٿي. پر اُها بہ آتمڪ اُنتيءَ ۾ مدد ڪونہ ٿي ڪري.

ڌرمي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ڌيان(سمرن) ڪريو. پر ڌيان ڇا جو ؟
ڪنهن اشٽ ديو جو ؟ ڪنهن گروءَ جو ؟ ڇا اُها آتمڪ اُنتي آهي ؟ اهو تہ هڪ
رستو آهي من کي هڪ ڪاني مان ڪڍي ٻئي ڪاني ۾ وجهڻ جو. آتمڪ اُنتي

نُوري نِماڻي

(وِڊيو ڪئسيٽ تي فلمايل)

(ڊاڪٽر ڪونس جي زال پنهنجن ڪن مائٽن سان ملڻ لاءِ چين مان ممبئيءَ آئي هئي. هن سان خيالن جي ڏي-وٺ ڪرڻ مان ائين لڳو ته چين جا ماڻهو سنيما هال ۾ وقت گذارڻ جي بجاءِ جدا جدا ملڪن جي ساهتيه، ڪلا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. جيئن ته نُوريءَ جي ڪهاڻي ساميواد جي سڌانتن سان ميل کائي ٿي اچي ۽ چين جي ساماجڪ چنتن سان ٺهڪي ٿي اچي ان ڪري ڊاڪٽر ڪونس جي ڌرم پتنيءَ اهو سنگيت روپڪ ڏسڻ جي پاڻ ئي خواهش ظاهر ڪئي ۽ ڪاريه ڪرم جي آخر تائين آنند وٺندي رهي. ان سنگيت روپڪ بابت هن چيو - ’شبدمڪانند هال ۾ سنڌين سان گذاريل هيءَ شام مان هميشه ياد ڪندي رهنديس چو ته اِتي مون هڪ بيحد خوبصورت سنگيت روپڪ ’نوري نماڻي‘ ڏٺو جنهن مان مون کي اسيم آتمڪ آنند پراپت ٿيو.‘

سنڌ مان آيل ڪن ياترين به اهو سنگيت روپڪ ڏٺو ۽ چيائون - ’شاه جو تعلق اسان سان آهي پر توهان ڀارت جي سنڌين اسان جي اُميدن جي حدن کان ٻاهر وڃي شاه صاحب جي هڪ سورمي نوريءَ کي نرتيه ۽ ناٽڪ جي صورت ۾ پيش ڪري اجر امر بڻائي ڇڏيو آهي.‘

پيش آهي ’نوري نماڻي‘ جي اِسڪرپٽ. - سَمپادڪ).

بئنر	:	سنڌو ڪلا درپڻ، اُلهاسنگر
گيت، سنگيت ۽ هدايتڪاري	:	خوشي مٽائي
رچناڪار	:	خوشي مٽائي - منوهر چُگهه
نرتيه	:	ڀيما شنڪر
پاتر	:	ڪُملا ڇگاڻي (نُوري)
		ناري مٽائي (ڄام تماچي) ۽ ٻيا

ان منتر جي روزاني جاپ سان انسان پاڻ کي ڪل ڪائنات (برهم
جو هڪ حصو سمجهڻ لڳي ٿو ۽ کيس ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ته هن جي
رد آنند جون لهرون لهرائي رهيون آهن.

برهمانڊ شڪتي سمنڊ وانگر اٿاه آهي. اها شڪتي هر انسان ۾ م
آهي. جيڪڏهن ڪوئي انسان پاڻ ۾ مؤجود ان شڪتيءَ جو اُپيوگ نه ٿو ڪ
ته به ڪو اِها شڪتي ناس ڪونه ٿي ٿئي. فقط انسان کي جيڪي فائد
شڪتيءَ کي استعمال ڪرڻ سان ملڻ گهرجن، اُهي ڪونه ٿا ملن ۽ پوءِ ا
آتمڪ اُنتي لاءِ در در ڀٽڪندو رهي ٿو.

ميرزا قليچ بيگ / زماني جو حال

وزن : فعولن فعلون فعولن فعول

چڱائيءَ ۽ انصاف جي ڪٽ به يار،
اچوکي زماني ۾ ناهي پچار،
وڏا اچ ننڍن جا ٿيا زيردست،
سخي سڀ بخيلن اڳيان ٿيا خوار
ڪمينن جي درتي رُلن ٿا شريف،
ٿا منجهه بند آزاد ڏسجن هزار
رهن خوش ٿا نادان، ماڻن مزا
۽ دانا ڏکن ۾ رُئن زار زار،
چڙهيءَ لاءِ گڏهن تي پيا سونا سنج
ڦتيا تازي گهوڙا ڪٽي سخت بار
لڪين ٿا ترن ڪکر به پاڻيءَ مٿان،
ٿيا موتي پاتال ۾ شاهوار،
هريل جي سواريءَ جا پيادا سي اچ
هليا جي ٿي پيادا، اُهي اچ سوار
مثال ان سندا ڪيترا ڏئي قليچ
نموني جي مٽ مان پروڙيو ڪرار

زير : اڙي بابا، هن ڳوٺ جو مکي ڪير آهي ؟ حاڪم ڄام تماچي اوهان جي ڳوٺ ۾ آيو آهي. حاڪم جو پورو سٽڪار ڪيو وڃي.

يرو مکي : حضور ! هن خادم کي ميرو چوندا آهن. اسين نصيب وارا آهيون جو اسانجو سوڍو سردار سنڌ جو هاڪارو حاڪم، سمن جو سرمور ڄام تماچي اسان مهاڻن جي بستي مياڻيءَ ۾ پير پري آيو آهي.

ام تماچي : اسان کي خوشي آهي جو اسان جي رعيت خوشحال آهي. ڌڻي ڪري آخر تائين توهانجو پيار مون سان قائم رهي.

يرو : حضور هڪ اِلتجا آهي. اڄ رات اسين مهاڻا اوهان جي حضوريءَ ۾ هڪ جشن ڪرڻ ٿا چاهيون. اوهان اِجازت ڏيو ته اسان جون نينگريون توهان اڳيان هينئر جهمر پيش ڪن.

(مهاڻن جون نينگريون جهمر پائن ٿيون)

يت : ارچڪ مرچڪ ڏاٽا ڏڙچڪ
آڳ پنيئڙو نويو نبو
نانگڻ جوڳڻ ڪارا ڪُتي ٻُتي چُتي !

١. ايسي ڏي موري ڏي لال ڪتوري ڏي
پنيوري پاڄائي ڏي ! ايسي ڏي موري ڏي !

٢. لُڏ لُڏ پينگها، ڪڏ متي ماڙي
وڏي اسان جي واڙي
پائر منهنجا آيا، سيرو پوري ڪائي ويا
چاچل جي ماڙي، بابل جو بنگلو
نوڪي هڻ ناڙي، وڏي اسان جي واڙي !

٣. نائڙا ڪي چڱو آهين ؟
هائو مائي چڱو آهيان.
پت تون ٿي ڪريو آهين ؟
هائو مائي ڪريو آهيان.

فيڊ - اِن

درشيہ - ١

هڪ نهر جي ڀرسان اڏيل ڪجهہ ڪچيون جهوپڙيون

(گيت ۾ ٻن ڇوڪرين جي نرتيہ سان ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿئي ٿي.)

گيت - ١ اُئي ڙي آڙي اُئي

ڳالهہ مزي جي هئي

ناني چوندي هئي

هڪ مهاڻيءَ نياز سان هڪڙي راجا جي دل جيتي هئي!

١. ٻارهينءَ صديءَ جي ڳالهہ چون ٿا،

مغلن ڪاهي سمالوڪن کي راڄ - نيڪالي ڏني هئي

ظلم وڏي ويو سنڌ سڄيءَ ۾ ڏاڍ جي هستي هئي

جڏهن ڄام سماڻيو

لڙيو شير جيان ٽڙيو سمن کي

خوشي ڦهلڻي هئي ! ... اُئي ڙي ....

٢. هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ چون ٿا (ڇا ٿا چون ؟)

ڄام تماچي وير بهادر شڪار تي نڪتو هو

شير کي ماري ڪنجهر ڍنڍ ۾ سئر تي نڪتو هو

(پوءِ ڇا ٿيو ؟)

ٻيڙي هلندي پهتي اُتي جتي نُوري رهندي هئي !

اُئي ڙي ....

(ڳوٺ جون ڇوڪريون ۽ نوري راند ڪري رهيون آهن)

گيت ارچڪ مرچڪ ڏاٽا ڏڙچڪ

آڳہ پٽيئڙو نويو نہو

نانگڻ جوڳڻ ڪارا ڪُني ٻُتي ڇُتي !

ايسي ڏي موري ڏي لال ڪنوري ڏي

ٻنيوري ٻاجائي ڏي ! ايسي ڏي موري ڏي !

(بالا وزير ڳوٺ ۾ اچي ٿو)

(ڄام تماچي تاڙي وڄائي ’واه واه‘ ٿو ڪري.
نوري پاٻوڙو ڪٽي ٿي اڇي حاڪم کي ڏئي)

: جھولڻ سائين، ٿل اسان جي حاڪم کي هن پاٻوڙي جيان هميشھ سر-سبز رکي.

: نينگر، هيءَ پاٻوڙو تہ ٿوري وقت ۾ پيلو پئجي ويندو

: حضور، پاٻوڙو ڀل پيلو پئجي وڃي، ڏوڏا ڀل رنگ مٽائي وڃن، پر هن جو پتو هميشھ لاءِ سائو رهندو. ٿل اسان جي حاڪم جو بنياد بہ هن پتي جيان هميشھ سائو ۽ آباد رهي.

: صبحان اَلاه ! سونهن سان گڏ سياڻپ !
نينگر، تنهنجو نالو ڇا آهي ؟

: منهنجو نالو نورو آهي حضور ! آءُ ميرو مڪيءَ جي ڌيءَ آهيان.

: ميرو، توهان قبيلي جو مکي آهين. توکي ڪولي ٿو ٻڌايان تہ سمن جو سردار تنهنجيءَ نينگر نوريءَ تي موهت ٿي پيو آهي. اسان هن وقت نوريءَ سان شادي ڪرڻ ٿا چاهيون. اوهان کي ڪو اعتراض آهي ؟

: حاڪم ! ڪٿي اوهان ! ڪٿي اسين مهاڻا ! ۽ مهاڻن ۾ بہ هيءَ نادان ڇوڪري !

: مکي ! پارس لوه کي لڳي لوه کي سون ڪندو آهي يا خود لوه بڻجي پوندو آهي ؟

: حضور ! لوه کي سونو ڪندو آهي.

: تنهنجي ڌيءَ هڪ اَمولڪ هيرو آهي. سونهن جي سرتاج آهي. عقل جي اَڪابر آهي. اسان جي راڻي ٿيڻ جي لائق آهي. پوءِ دير ڇو ؟

: حضور ! جا حاڪم جي مرضي سا ئي اسان جي مرضي. اوهان تہ سنڌ جي تواريخ ۾ هڪ نئون ورق ورايو آهي. ٿل ايندڙ نسل پڻ غريبيءَ - اميريءَ ۽ ذات-پات جو ويڇو وساري هڪ-ٻئي سان سڱ گڏن ...
اڙي مياڻيءَ جا واسيو ! واڌايون ڏيو، سهرا ڳايو، شهنايون وڄايو ...
(سنگيت سان درشيہ جو بدلجڻ)

(ڪٽ ٿو)

چولهي ۾ ڏيو آهين ؟
هائو مائي ڏيو آهيان.
هڻ هنبڙيءَ سان
لاڏو لاڏ ونيءَ سان

ارچڪ مرچڪ ڏاٽا ڏڙچڪ
آڳ پنيئڙو ٿويو ٿيو
نانگڻ جوڳڻ ڪارا ڪُتي ٻُتي چُتي !

(نوُري گيت ڳائي ٿي)

کهڙا ٿوڙا مڃان مالڪ جا
مياڻيءَ جي گهر گهر واڌائي آ !
چام تماچيءَ جي سواري
اسان جي ڳوٺ پڌاري آ !!

کهڙو تنهنجو ديس پکيئڙا
کهڙو تنهنجو ديس ؟
بند اکين مان پيهي آئين
پهري سهڻو ويس ! کهڙو ...

١. دل جو غنچو ڦولي ڦولي
جيون جهولو جهولي
من جا ساز وڄن نت نيارا
سُر نکرن ٿا پيارا پيارا ! کهڙو ...

٢ پيار خوشيءَ جون بوندون برسن
گيت پريت جا ڳائي جو ڳن
دلڙي منهنجي ناچ نچي ٿي
نئڙي ڪري آديس ! کهڙو ...

اِهي لفظ چئي ڄام ڏانهن نهاري ٿي)

ڄام : نؤرنگي ! تو ۾ ڀ ڪا گهٽتائي ڪانهي

(نوري فيروز (ٻار) کي گود ۾ کڻي ٿي)

نوري : سلام منهنجا حاڪم ! ڏٽي شل وڏي حياتي ڏيئي.

نؤرنگي : ڪالهہ تائين فيروز راڄ جو وارث هو. تقدير ڦري ويئي آهي. اڄ عرش تان ڪري فرش تي اچي پيو آهي.

نؤري : ادي، فيروز جو حق ڪوئي بہ ڇني نہ ٿو سگهي، مان تہ اوهان جي نندڙي پيڻ تي ڪري رهنديس. خصيص ٻانهي تي ڪري رهنديس ... شل هميشهہ مونکي ياد رهي تہ مان اصُل مهاٽي آهيان. راڄ-ڀاڳہ جو اوُڄ ڏسي شل من ۾ گيرب ۽ گاٽ نہ پئدا ٿئي.

نؤرنگي : اِهو تہ وقت ئي ثابت ڪندو. راڄ-محل ۾ نئين آئي آهين. طاقت جو چشڪو ڪونہ چکيو اٿئي.

(سنگيت سان درشيہ جو بدلجڻ)

(ڪٽ ٿو .....

درشيہ - ٣

محل ۾ نؤرنگيءَ جو ڪمرو

ونترڏار : پيار جي کيل ۾ ناز-نياز جي جنگہ لڳي وئي هئي،
کير جيتي ۽ ڪير هارائي، بس جهولڻ کي خبر هئي،
پيار جي چاهين نياز ڪجانءِ، اِئين ناني چوندي هئي !
اُئي، هئي ڙي هئي !

(ڪمري ۾ نؤرنگي ۽ رتي داسي مؤجود آهن)

نؤرنگي : (رتي داسيءَ کي هڪ بيشقيمتي هار هٿ ۾ ڏيندي) رتي، مان هن سانياٽيءَ کي راڄ-راڻي ٿئڻ نہ ڏينديس. هؤ منهنجي سيني تي مڱ ڏري ۽ مان ڏسندي رهان ؟ ! ڪڏهن نہ. اڄ هڪ-هڪاٽي ڪرٽي آهي. تون هيءَ هار نوُريءَ جي عبادت-گهر ۾ رکيل ڪا پيتي هجي تہ اُن ۾ وجهي اچ. توکي مالا مال ڪري ڇڏينديس. ڪم هوشياريءَ سان ڪجانءِ. وڃ.

سوترڌار : اُئي، هئي زي هئي زي هئي
ٻالهہ مزي جي هئي
اُئي، هئي زي هئي زي هئي
ناني چوندي هئي
هڪ مهاڻيءَ نياز سان هڪڙي
راجا جي دل جيتي هئي !

ا. تن راتين جي هوندي تماچي 'نوريءَ سان شادي ڪئي،
مياڻيءَ ۾ هت خوشي هئي، محلن ۾ اُداسي هئي،
عشق جي آهي ريت نرالي، ناني چوندي هئي،
اُئي، هئي زي هئي زي هئي !
(محل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ راڻي نؤرنگي ويٺي آهي. رتي (داسي) ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي.)

رتي داسي : راڻي صاحبا ! راڻي صاحبا ! حضور پنهنجيءَ نؤ ورٽيءَ سان گڏ محل ۾ پڌاري رهيو آهي ... هن طرف اچي رهيو آهي.
نؤرنگي : ڄام سردار سانياڻيءَ سميت مون وٽ تو اچي ! نہ-نہ، ائين ڪيئن ٿيندو ! نوري مهاڻي ٿيندي راڻي ! ؟ زهر ڏينديسانس. مان هن مهاڻيءَ جو منهن بہ ڏسڻ نہ ٿي چاهيان ! دروازو بند ڪر.
(ڄام تماچي نوريءَ سان گڏ راڻي نؤرنگيءَ جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو)

ڄام : نؤرنگي ! ڪنهنجو منهن نہ ٿي ڏسڻ چاهين ؟
نوري : ادي مون تي ناراض آهين ڇا ؟
نؤرنگي : تون واقعي سهڻي آهين. ڄام تي ڪا ميار ڪانهي. تو جهڙيءَ حور ڪي ڏسي ڪير بہ هرڪہ هاري سگهي ٿو. تون بيحد سهڻي آهين. تنهنجو چهرو چنڊ جهڙو آهي. اکيون مَڌ جون ڪٽوريون اٿئي. ڀرون اَٿئي ڄڻ ڪمان ! ڇا ناز ! ڇا نزاڪت !

(فيڊ ان)

درشيہ - ۴

محل ۾ نُوريءَ جو ڪمرو

(نوري پرارٿنا جي نوع ۾ ڳائي رهي آهي)

گيت : جيڏو تنهنجو نانءُ ، سائين ٻاجهہ ٻہ اوڏيائي مٿانءِ،
ري ٿنبي، ري ٿو ٽٽي، تون ڇپر تون ڇانءِ،
ڪڄارو ڪَهانءِ، معلوم توکي سڀڪيءَ !

تون سمو آءُ گندري مون ۾ عيبن لک.
هن منهنجي حال جي توکي سڀ پرک
ڪارڻ رب الک، سائين مٿان منهنڙو مٽئين !

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نہ موچاريون،
وٺي ويٺيون واٽ تي ڪِکيءَ جون ڪاريون،
اُنهن جون عاريون، سمي ريءَ ڪير سهي !

روازي تي ڪڙڪو ٿئي ٿو، نوري ان طرف نهاري ٿي.
وريءَ جي ڀاءُ جي داخلا)

ءُ : آپا سلام ! ..... دير تہ نہ ٿي وئي ؟

ري : اڇي وئين منهنجا ڀائرا ! ڪيڏو ترسايو اٿئي ! چنڊ جي رات آهي. مون کي پڪ هئي تہ تون ڀيرو ڪونہ ڀڃيندين. اباڻن جي ڀوڳي ۾ ڪيڏو نہ سواد آهي. جڏهن تون ايندو آهين ۽ اباڻن جو موڪليل مڇي ۽ ڀوڳو کائيندي آهيان تڏهن تسلي ٿيندي اٿم تہ اباڻن کي ياد آهيان. من کي سڪون ايندو اٿم تہ مهاڻيءَ جو من نہ ڦريو آهي.

روازي تي دستڪ)

(رتي داسي هار ڪٽي وڃي ٿي. نؤرنگي وارن کي کولي، محل جي ڪمرن ۾ اونده ڪري، پلنگ تي سمهي پوي ٿي. ان وقت جام تماچي نؤرنگي جي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو)

جام : نؤرنگي، محل ۾ هيءَ ماتم ڇا جو آهي ؟ ڪٿي آهن سي داسيون ؟ هيءَ انڌيرو ڇو ڪيو اٿئي ؟

نؤرنگي : هيترن ڏينهن کان پوءِ اوهان کي نؤرنگيءَ جي ياد آئي آهي ! پڪ اٿم ته هن ماڇياڻيءَ اوهان تي ڪو جادو-ٽوڻو ڪيو آهي .... اوهان سانياڻيءَ جي حسن ۽ جمال جي واه واه ڪئي مون ڪجهه نه چيو. اوهان سانياڻيءَ جو محل وسايو ۽ مون ڏانهن منهن موڙي ڇڏيو، مون ڪجهه نه چيو. پر هاڻي حد ٿي چڪي آهي. سانياڻي پنهنجيءَ چال سان اسانجو خزانو لٽي رهي آهي. پنهنجا پيڪا وسائي رهي آهي. هاڻي اُهو ڏينهن پري ڪونه آهي. سڄو خزانو خالي ٿيندو ۽ سانياڻي اوهان کي دوکو ڏيئي پنهنجي مهاڻن سان وڃي ملندي.

جام : نؤرنگي، تون حد کان ٻاهر نڪري وئي آهين. تون اجايا ڪوڙا نڪر ٿي پچين، تنهنجي اندر ۾ نُوريءَ خلاف بغاوت جي باه ٻري رهي آهي.

نؤرنگي : ها ! ها !! بغاوت جي باه ٻري رهي آهي. اوهان جي اکين تي جادوءَ جي پٽي ٻڌي وئي آهي. خبر آهي اوهان کي ته محل ۾ ا ڇا ٿي رهيو آهي ؟ هر چنڊ جي رات نُوري پنهنجين داسين کي موڪل ڏيئي ڇڏي. توهان جي اچڻ تي به پابندي آهي ... عبادت جو بهانو ڪري اڪيلو هڪ ڪمري ۾ رهي. چنڊ جي رات هن جو ياءُ هن سان ملڻ اچي. ۽ قيمتي زر-زيور لڪائي هوءَ ياءُ جي ذريعي پيڪن ڏانهن موڪليندي رهندي آهي ... خبر آهي اوهان کي ؟

جام : اِهو نسورو ڪوڙ آهي . اِهو ممڪن ناهي.

نؤرنگي : اڄ چنڊ جي رات آهي. هلندو مون سان گڏ ؟ ته وڃي سچ ۽ ڪوڙ جي پرک !

(فيڊ آئوٽ)

اشاري تي راڻي نوريءَ سان ڌوه ڪرڻ واري هئس ....

(هڪ هيرن جو هار ڄام کي ڏيکاري ٿي)

رتي : .... راڻي نؤرنگيءَ مون کي هيءُ هيرن جو هار راڻي نُوريءَ جي هن پيٽيءَ ۾ رکڻ لاءِ حڪم ڏنو هو ... حضور، جي منهنجو وويک نه جاڳي ها، اندر مان فرمان نه اچي ها ته هن وقت راڻي نُوري اوهان جي اڳيان گنهگار ثابت ٿئي ها .. جهولڻ اسان جي راڻيءَ نوريءَ نماڻيءَ جو ننگ رکيو آهي، پردو ڍڪيو آهي. حضور، اوهان مون کي ڪا به سزا ڏيو. مان ڀوڳڻ واسطي تيار آهيان.

نوري : هي زنده پير ! تنهنجا لک ٿورا . تو اڄ نماڻيءَ جو ننگ رکيو آهي، ڍڪ ڍڪيو آهي. حضور، مان ته اُهائي سانياڻي غريب ميروءَ جي ڌيءَ آهيان. هيءُ ته اوهان جو ڪرم آهي جو مان راڄ راڻي ٿي آهيان.

(ڪجھه دير لاءِ خاموشي)

نوري : حضور، مان هر چنڊ رات پاڻ کي پنهنجو اصل ياد ڏياريندي آهيان. هن ٿڏيءَ تي سمهندي آهيان جيئن پيڪن ۾ سمهندي هئس. ساڳيو لباس پهريندي آهيان، جيڪو پيڪن ۾ اوڍيندي هئس. هيءَ جوئر جو ڍوڍو کائيندي آهيان جيئن پيڪن ۾ کائيندي هئس. پاڻ کي چوندي آهيان : نوري ! تون آهين اصل ۾ هڪ مسڪين مهاڻي. متان محل ۾ اچڻ کان پوءِ متو ڦري وڃيئي. حاڪم جي پيار ۾ متان پنهنجي اصليت ڀلائي ڇڏين.

(نؤرنگي اهي سڀ گفتا ٻڌي رهي آهي. هوءَ پنهنجو پاڻ کي مجرم ۽ گهنگار محسوس ڪري ٿي ۽ زهر کائي زمين تي ڪري پوي ٿي. ڄام تماچي راڻي نؤرنگي تائين پهچي ٿو پهچي ان کان اڳ نوري هڪدم وڃي ٿي نؤرنگي کي گود ۾ کڻي. نؤرنگي پڇتاءَ جي وهڪري ۾ پڙ پڙ ڪندي پاڻ کي ئي گنهگار ثابت ڪرڻ چاهي ٿي.)

نوري : ڪير آهي ؟

آواز : (ٻاهران) مان آهيان ! ڄام !!

(ان جواب سان گڏ ئي ڄام تماچي ۽ راڻي نؤرنگي ڪمري ۾ داخل ٿين ٿا ؟

ڄام : نُوري، جيڪڏهن هن ڪمري جي تلاشي ورتي وڃي ته ڪو اعتراض آهي؟

نوري : قبلا ! تلاشي ! اي نؤرنگي !

نؤرنگي : اِجهو ٿا اچا ڪارا پڌرا ٿئن. سڀ راز ظاهر ٿي پوندا.

(نؤرنگي پيتيءَ ڏانهن نهاري ٿي ۽ پوءِ اُها کولڻ لاءِ ان طرف قدم وڌائي ٿي)

نوري : پيتي نه کوليو. پيتيءَ ۾ ڪجهه ڪونهي. پيتيءَ ۾ اباڻن جي نشاني آهي.

(پر نؤرنگي پيتي کولڻ کان باز ڪونه ٿي اچي. هوءَ پيتي کولي ٿي ۽ عجب مان هن جون اکيون ڦاٽي وڃن ٿيون.)

نؤرنگي : پراڻا ڪپڙا ! ڪلامن جو ڪتاب ! جادو آهي، طلسم آهي. هيرن جو هار ڪيڏانهن ويو ؟ !

نُوري : اچا ته گمان هجيو ته منهنجي ۽ منهنجي ياءُ جي تلاشي وٺي سگهو ٿا .... غريب آهيون پر ايمان-فروش نه آهيون.

(نوري راڻي نؤرنگيءَ جي ويجهو وڃي ٿي)

نُوري : ادي. جن کي پنهنجو اصل ياد هوندو آهي سي ڪڏهن به ماڻ ڪونه ڪنديون. سمي ٿي سهج ڪري ڪٽي گندريءِ کي پاڻ سان گڏيو آهي. ادي مون کي پنهنجو اصل ياد آهي ۽ هميشه ياد رهندو ته مان ڪير آهيان.

ڄام : محل ۾ آيل نؤ-ورڻيءَ جي آجيان ٿئڻ گهرجي. فيروز اسان جي راڄ جو وارث آهي. هن جي حق کي ڪوئي ڪونه ريٽيندو خئر، اسان هلون ٿا.

(ٺيڪ ان وقت داسي رتي داخل ٿئي ٿي)

رتي : حضور ! حضور !! مون کي جيءَ دان ڏيو. مان نؤرنگي جي

مهان ماتا !

مارچ ١٩٣١ جي هڪ شام جو، لاهور جيل جي حاطي ۾ ڦاسيءَ جي ڦندي
ڳيان، نوجوان سک سردار ڀڳت سنگھ بيٺو هو. سينو تاڻيل، ڳاٽ اونچو !

اُن سورویر پٽ جي ماتا-پتا جي وينتي مڃي، انگريز سرڪار جي بالا عملدار،
ئين پنهنجي لاڏلي جو، ڦاسيءَ کان اڳ، منهن ڏسڻ جي اجازت ڏني هئي.
نڪري اُهي بيٺي - ماتا پرياوتي ۽ پتا ڪشن سنگھ - پڻ ڦاسيءَ جي تختي
ان ٿورو پريان بيٺا هئا.

پنهنجي جيجل کي پنهنجي سامهون بيٺو ڏسي، فولادي جگر ڏاريندڙ سردار
ڳت سنگھ جا نيڻ پر جي آيا. ۽ سندس اکين مان ٻه آنسون ٽپڪيا !

ماتا پرياوتيءَ کان اِهو سٺو نه ويو ۽ هُن ڏکاري سُر ۾ پٽ کي چيو : ”ڀڳت،
ي ڇا ؟ تون روئي رهيو آهين ؟ هن گهڙيءَ آنسون وهائي، تون منهنجي ڪُک
ي نه لڄاءِ !“

ماتا جي اِها ميار ٻڌي وير سپوت ڀڳت سنگھ کيس وراڻيو : ”امڙ، ائين
ڪداچت نه ٿيندو، آءٌ تنهنجي ڪُک کي هرگز ڪين لڄائيندس ! منهنجا هي
ڙڪ موت جي ڀو ڪري نه وهيا آهن. اِهي منهنجي اُن پڇتاءُ جا ڳوڙها آهن ته
ءِ ! هن جيون ۾ تنهنجي گهربل شيوا ڪري نه سگهيس، تنهنجي ڏنل انيڪ
ڪن جي، آءٌ موٽ وَرائي نه سگهيس. هي اُن ارمان جا آنسون آهن !“

پٽ جي ان ورنديءَ سان سردار ڀڳت سنگھ جي ماتا جو هردو ڦولڄي پيو !

ماءُ سُڌريل جو ٻچو سينگار آهي ملڪ جو،
قوم کي ڪم ۾ اچي ٿو وقت اوکيءَ ۾ اُهو،
پنهنجيءَ عزت ۽ شرافت کي سجائي جلد ٿو،
پڻ ”عزيز“ آهي اُهو پنهنجي وطن جو ڪوڏيو،
درس هرپارين پڙهائي دائما ماتا جي گود.

(عزيز)

نؤرنگي : آه ! ادي، مان بيڪار آهيان. نوري پيڻ معاف ڪر. حاڪم تنهنجو آهي. فيروز جو خيال رکجانءِ. ناز هارايو، نياز کٽيو. هٺ هارايو، حق واريءَ جيتيو.

(فريز. سارنگيءَ جو پيس. ننگڙا نماڻي دا -
جي بئڪ گرائونڊ ڏن سان فيڊ آئوٽ)

نئڙت اَتئي بَلُ

- سيئي سهاڳڻيون، سيني ڳِچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڊول تئين جو ڊال، هيٺاهيون هلن جي.

- سيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جَڙاءُ،
سڀ ڪنهن پانيون پاڪي، ايندو مون ڳرِ راءُ،
پينو تن دراءُ، جي پسي پاڻ لڄائيون.

- شاهه عبداللطيف

غزل

ٿهل چنچلاڻي ’چنچل‘ پرسرام ضيا ورسيءَ جي موقعي تي لکيل

گپ ۾ رهندين، گپ کان نيارا، اهڙي رهڻي، رهي وياسين
ماٺ لڳي ماکيءَ کان منڙي، چُپ ۾ سڀ ڪجهه، چئي وياسين
ماياوي هيءُ جيون پنهنجو، سنسارين جان، رهي جي وياسين
سُک ڏُک آهي سچ ٻه پاڇا، ڏک کي سک جان سهي وياسين
رب آ ڪنهن سان ڪنهن تي راضي، سمجهائي سچ چئي وياسين
دنيا آهي مسافر خانو، مهمانن جيان هت رهي وياسين،
ضيا جي مطلب کي سمجهائي، ضيا خود کي، چئي وياسين.

غزل

گوبندرام ريجهواڻي ’آنند‘ (وزن : فعولن فعولن فعولن فعولن)

اٿم عشق توسان، اٿم پيار توسان،
سهانو آ منهنجو هي سنسار توسان.

چمن ۾ ڏٺا مان ته گلڙا اِلاهي،
مگر چو الا ! ٿيون، اکيون چار تو سان.

وئي ننڊ منهنجي، ويو چين منهنجو،
ملي آ جڏهن کان نظر يار توسان

ڪري ياد هردم ٿي دل توکي دلبر !
اچي مل، ڪيان دل جو اظهار توسان.

بنان تنهنجي دلبر ! نه ڀائن نِظارا،
ڪيان اچ، نظارن جو ديدار توسان،

اسان ساٿي جنم و جنم جائي آهيون،
ڪيل ڳڏ، رهڻ جو آ اِقرار توسان

ملي مؤت پل، پر ڪپي نا جُدائي،
وڻان شل، جنم جڳ ۾ هر بار توسان.

شاعر پرسرام ضيا

هڪ ڪل يگہ جو ضيا هڪ غريب شاعر هو،
دل جو دلبر زبان جو معتبر، ڪلام ۾ ماهر هو.
گوناگون خيال پيچيدا سرل سنڌيءَ ۾ سلجهايا،
هر رنگہ جي شعر ذريعي عوام اڳيان پهچايا.
ڪڏهن سو ٽائي تي سامهون آيو تہ ڪڏهن تي سپاهي،
ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪندو هو، هي مدبر يائي.
هن رهي زمين تي، سير آسماني تي ڪيا،
بنا پرن اُڏامي هر هنڌ هوُ پهچي تي ويا.
گهر ويٺي ويٺي لطف وٺڻ هن کي ايندو هو،
جت ملڻ چاهي جنهن سان، ملڻ ان کي ايندو هو.
سڪمني، جپ صاحب ذريعي فقيري ڪلام ڏنائين،
هر دکيءَ کي جيون ۾ سکن جو پڻ پيغام ڏنائين.
پرسرام هيرانند سچاننداڻي سندس نيڪ نالو هو،
ٽنڊي آ دم سنڌ جو جاول عام خاص ۾ پيارو هو.
نرالي طرز سان سرشتيءَ جي سرور جو هو ترجمان،
سياءُ لچارو، محبوب، طبيعت، بوجهہ وارو هو انسان
جو هوس دل ۾، زبان سان چوڻ نہ چاهيو هن،
هزار آرزو هئس پر ڪجهڻ نہ چاهيو هن.
سندس زباندانی، محاوره بندي ۽ سلاست جو آهر ڪو ڪائل
تڏهن تہ ضيا ڏانهن اچ جو هر اديب آرهيو مائل
اهڙي مهان شاعر کي ’’پدم‘‘ ڪريٿو اچ سلام،
ارپڻ ڪري هي پنهنجو ڪچو ڦڪو اچ ڪلام

(٢) احمد آباد

خوش هجو شال، قربدار نارائڻداس،

قرب سِڪ ۽ پيار سان، لڳ ڀڳ ٽيهن سالن کانپوءِ لکيل توهان جو پريم پتر، ١٣ تاريخ جو لکيل ٢٣ سيپٽمبر تي مليو. پڙهي دِل کي سِڪ سندو سُڪون ۽ روحاني راحت سان گڏ، سورت واريون انيڪ يادگيريون تازيون ٿي ويئون. وري بہ شاباس آهي ”رِهاڻ“ رسالي کي.

اِهو قربائتو سلسلو قائم رکڻ ۾ وري دير نہ ٿيندي، اهڙي اسان جي پيار ڀري آشا آهي.

پوڄيہ دادا ”ضيا“ صاحب جن جي ياد ۾ نڪتل ٽماهي رسالي واري ڪاپي، پوسٽ رستي موڪليل، اڄ ڏينهن تائين تہ نہ پهتي آهي. ملي تہ پهچ ڏيڻ ۾ دير نہ ڪبي.

مان پنهنجي نئين ناٽڪن جي ڪتاب ”پنهنجو-پرائو“ جي هڪ ڪاپي پوسٽ رستي ٿورن ڏينهن ۾ توهان ڏانهن موڪليندس، جنهن جي پهچ ڏيندا تہ مهرباني.

توهان اُلهاسنگر جي ساهتيڪ ۽ ادبي مشغولين بابت حال احوال ڏيندا رهندا تہ خوشي ٿيندي.

وڏيڪ سيني مترن، اديبن ۽ دوستن لاءِ پيار.

قربن مان توهانجو،

٢٥ سيپٽمبر، ١٩٩٩ — چمن شرما

---

(٣) نيو دهلي

پيارا ادل،

اپريل-جون ٩٩ وارو رسالو مليو. مان سمجهان ٿو تہ جولاءِ-سيپٽمبر٩٩ وارو پرچو بہ نڪري چڪو هوندو. اهو موڪلجو. جنهن جي رويو ’دل-اي-سنڌ‘ جي ايندڙ پرچي ۾ ڪئي ويندي.

ٻي هڪ ڳالهہ، جي اوهين سدا حيات شاعر پرسرام ضيا جي مختصر جيون ڪٿا سندس لکيل ڪتاب وغيره جي لکي موڪليو تہ سٺو. اسين ’دل-اي-سنڌ‘ ۾ هو ليکہ اوهانجي نالي سان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپيندا اسين. نئون پرچو ۽ جيون ڪٿا ’دل-اي-سنڌ‘ جي ائڊريس تي ڏياري موڪليو تہ سٺو نہ تہ مٿي لکيل ائڊريس تي ڏياري موڪليو تہ ساڳئي ڳالهہ آهي.

قربن مان،

رتن ڏيواڻي

١ سيپٽمبر، ١٩٩٩

نندڪ نئري راڪئي

(١) احمد آباد

پيا، نارائڻ، شال خوش هجو،

ضيا ٽماهي ادبي رسالو پهچندو ٿو رهي، مهرباني.

جون ١٩٩٩ انڪ به پهتو آهي، سمپادڪ صاحب منوهر بيديءَ جو لکيل
ڇٽو وڏو سمپادڪيه ليک پڙهيم، هيءُ خط منوهر بيديءَ کي لکڻ چاهيم ٿي، پر
سندس ائڊريس هن انڪ ۾ ڪٿي نظر نه آئي.

هن انڪ جي پوئين ڪوَر پيج تي ضيا صاحب جو مشهور شعر ڏنو اٿو، پر
ان ۾ وزن جون ڪيترين ئي غلطيون آهن، ڏاڍو عجب لڳو. بيدي صاحب لکي ٿو
ته هن کي وزن جي ڄاڻ آهي ۽ هوُ علم عروض جا وزن ضيا صاحب جي شعرن مٿان
لکي، اڄ جي پاٺڪن کي گهٽو ڪجهه سمجهائڻ ٿو چاهي ۽ گيان ڏيڻ ٿو چاهي، ته
پوءِ سندس ئي سمپادڪيه هيٺ شايع ٿيل هن شعر ۾ ايتريون غلطيون ڇو؟ ڇا اهي
سڀ غلطيون ضيا صاحب ڪيون آهن، اهو ته ممڪن ئي ڪونهي، ته پريس جون
آهن، ان نموني جون غلطيون پريس جون ٿي نٿيون سگهن. سمپادڪ صاحب جي
نظر مان ضرور هيءُ شعر نڪتو هوندو. هن صاحب پروف ڏنو هوندو ۽ پوءِ شعر ڇپ
هوندو. يا ته سمپادڪ صاحب کي وزن جي ڄاڻ ڪانهي يا هن سعيو ڪري غلطيو
رهڻ ڏنيون آهن، جيڪي سمپادڪ پنهنجون نه ٿا ڏسي سگهن نه ٿا سڌاري سگه
اُهي ٻين کي ڇا سيکاريندا. وڏيون وڏيون ڳالهيون ڇو ڪجن. مان صرف عرض
ڪريان ٿو اِهو شعر وري ايندڙ انڪ ۾ ان ساڳئي ڪور پيج تي بنان ڪنهن هڪ
غلطيءَ جي ڇاپيو ته مهرباني.

مونکي لڳي ٿو ته وري به ڪي غلطيون ضرور رهجي وينديون، ڏسو ڪوش
ڪريو شعر صحيح ڇپڻ جي.

باقي سمپادڪ صاحب مور کي جهنگل ۾ ئي نچڻ ڏيو، مور ويچارا شهر ۾
نچي سگهندا آهن. جهنگل ۾ ئي سهڻا لڳندا آهن. هنن جو نچڻ ڪير نه ڏسي اُ
وڌيڪ بهتر آهي. ڇو ٿا ڪنهن مور کي اُگهاڙو ڏسڻ چاهيو.

هيءُ خط توهان پنهنجي ايندڙ انڪ ۾ هوند شايع ڪريو ته احسانمند رهند

٢٧ آگسٽ ١٩٩٩

نيازن مان
ارجن حاسد

وري جيارڻ جي سرئور ڪوشش، داد جي مستحق آهي. اهڙا نسوارتي رچ مڙس اڄ ڪلهه ورلي ڏٺا ليندا. منهنجون شڀ اڇائون هميشهه توهان سان آهن. پنهنجي سنڌيت جي ڪاروان کي هلائيندا هلو.

قربن مان،

٢٦ آگسٽ، ١٩٩٩ ايم. او. تلريجا 'چترڪار'

---

(٦) اجمير

آدرڻيه نارائڻ ضيا صاحب چرن وندنا ٻالڪ ڀڳت ڪمل جي اجمير مان سويڪار ڪندا. اڳيان احوال ته ادبي ٽماهي رسالو انڪ ٢ مليو گهڻي خوشي ٿي اُميد آهي اڳتي پڻ اهڙي ياد کان ڪونه وساريندا. ۽ سنڌيت کي قائم رکڻ واسطي اوهان جو هي؛ قدم جهولڻ سڦل ضرور بڻائيندو. شيوا ڪنهنجي اجائي ڪونه ويئي آهي ۽ نه ئي ويندي. خط لکڻ ۾ ڪا غلطي ٿي هجي ته داس جاڻي معاف ڪندا.

ڀڳت ڪمل

٢٨ آگسٽ، ١٩٩٩ ريڊيو سنگر،

---

(٧) جئپور

پيارا ڀاءُ نارائڻداس سڇانندائي، خوش هجو شال!

عرض ته اوهانجو موڪليل 'ضيا' ٽماهي ادبي رسالو پهتو، مهرباني. ادا، هڪ پاسي سنڌيءَ جا پاٺڪ وڃن پيا گهٽ ٿيندا، ۽ ٻئي پاسي رسالن ۽ اخبارن جو تعداد وڃي پيو وڌندو. اها ڳالهه سچ پچ حيرت ۾ وجهندڙ آهي.

ڀاءُ منوهر بيديءَ پنهنجي لنبي سمپادڪي ليکه ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. بهتر ٿيندو ته ٽماهي 'ضيا' کي 'ادبي رسالي' بدران صرف 'رسالو' ئي رهڻ ڏيو. پوءِ پلي اوهان ان ۾ برک اديبن جي رچنائن سان گڏو گڏ، عام پاٺڪن لاءِ ڌرمي، آڌياتمڪ ۽ ٻين عام/دلچسپ وشين تي به رچنائون شايع ڪريو، جيئن سمپادڪي ليک ۾ به اشارو ڪيو ويو آهي.

وشنو ڀاٽيا جي ايڪانڪي (مان جيڪر ان کي 'گفتگوُ' چوان) 'باز آياسين نيڪيءَ کان' دلچسپ لڳي. واسديو نرمل جو ريڊيو مونولاگ 'هڪ شهيد جي مؤت تي' (جيڪو هن کان اڳه 'سنڌوُ ڌارا' جي ٢٣ آڪٽوبر، ١٩٦٥ واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو) وقتائتو لڳو. بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن اوهان نرمل کان 'ڪارگل' تي ڪا نئين رچنا لکارائي شايع ڪيو ها. برک شاعر ايم.ڪمل ۽ ٻين ڪن شاعرن جو

(۴) ناگپور

پيارا نارائڻ، اميد تہ ڪٽنب پريوار سميت خوش هوندين. تنهنجو خط
هزار روپئي جي رسيد ملي. جواب ڏيڻ ۾ مون وانگر سست ناهين. 'ضيا' ساهت
مالا جو پرچو چوٿون بہ مليو. پر ٽيون انڪ اڃا تائين ڪونہ پهتو آهي. ٿي سگهي ٿ
اها پوسٽ وارن جي گڙ ٻڙ هجي. ساهتڪ پرچي ۾ ڪنهنجي بايوڊيٽا نہ اچڻ
هرجي. ائين لڳو چڻ پنهنجي عزيز کي خوش ڪرڻ ٿو چاهين. سنا اديب انکي
پسند نہ ڪندا آهن. ڪن حدن تائين ڪونج وارو بہ سهايتا ڪندڙن جو احوال
ڏيندو آهي پر انجو ڍنگ پنهنجو آهي. شري هري موٽواڻي جو گذر بہ ڪونج تي
آهي هنجا پٽ بہ ڪمائيندا آهن پر هنجو پنهنجو گذر ۽ خرچ ڪونج تي آهي
ڏاڍي هڻ پٽ ڪندو آهي. جڏهن پنهنجو سڄو وقت انکي ٿو ڏي تہ هنجو گذ
اتان نڪرڻ ئي گهرجي انکي ڪي اشتهار ۽ سهايتا دائما ملندي آهي. توکي ب
اهڙا سهايتا ڪندڙ هٿ ڪرڻا پوندا. نہ تہ ٽڪجي پوندين. تنهنجي پرچي ج
ايڊيٽر ڇٿو ڄاڻو ٿو لڳي. تون ساهتڪار جي لسٽ هٿ ڪر جيستائين آل انڊي
جي ليکڪن کي نئي پهچي تيستائين سئو مٽر ڪونہ ملندو ۽ ڪاپيون گهر
پيون سڙن ان کان بهتر آهي اهي پاڻکن تائين پهچن. اڄ ڪلهہ پاڻڪ خود ليکڪ
آهن. هري پنڪج توکي اديبن جي لسٽ ڏيئي سگهي ٿو. ڇٿو وڌيڪ سڪر.

قربن مان

٢٧ آگسٽ، ١٩٩٩ ايسر ڪلياڻي

---

(۵) چيمبور، ممبئي

پيارا سائين سدا باغ بهار مالڪ جي مهر سيني تي. عرض تہ ضيا ادبي
رسالي جو انڪ-۴ مليو. ڌنيواد. اڄ جي اهڙائين حالتن ۾ ادب جي سيوا پيا ڪريو
سنڌيت جي جوت جلائي ويٺا آهيو، ان لاءِ توهان بيشڪ ڪيرون لهڻيون.

شري منوهر بيدي جو سمپادڪيہ پسند آيو. ساهتيڪارن لاءِ سنا سجها
ڏنا اٿائين. ٽڪاڻن جي مهنتن کي بہ پنهنجي فرض پالڻ لاءِ للڪاريو و
آهي.

پائو هيمن نانواڻي جي فقيرائي روح رهاڻ، پريو چنتن لاءِ هڪ س
مصالحو آهي. بيدي صاحب جو تقدير ۽ تدبير تي لکيل نظماڻو واد وواد
وٽندڙ لڳو.

شري نبوند ڀي واڌواڻي هڪ پرسڌ سماج سيوڪ آهي. سندس اسپتال ڪ

(۹) گانڌينگر

پيارا ڀاءُ نارائڻ،

مون ضيا، جي انڪ ٻئي لاءِ ڪا رچنا موڪلي هئي، جنهن جي جواب ۾ تو
جاڻايو هو تہ رچنا منوهر بيديءَ کي سمپادڪيہ ڪاريہ لاءِ ڏنل آهي پر جيئن تہ
ضيا' جو انڪ ٢-٣ (گڏيل) مون اڄ تائين ڏٺو ڪين، نہ ٿو چئي سگهان تہ اُن رچنا
جو ڪهڙو حشر ٿيو آهي (ممڪن آهي تہ اهو انڪ تو موڪليو ئي نہ هجي يا ٽپال ۾
ڳيڻ متي ٿيو هجي. اِها بہ پڪ ڪانہ آهي تہ اهو انڪ هن وقت توهان وٽ مؤجود
هوندو يا نہ. تنهن هوندي بہ حجت رکي لکي رهيو آهيان)

هن سان گڏ پنهنجي تازي رچنا موڪلي رهيو آهيان. مان سمجهان ٿو تہ
انڪ ۴ ۾ شايد ڪيترين ڪوتائن کان اها ڪا گهٽ معلوم نہ ٿيندي، وري بہ ڇپڻ
جي جاڻ ڏيندين تہ خوشي ٿيندي.

پرچي ۾ نثري رچنائن جي چونڊ سٺي ٿيل آهي. بهتر ٿئي تہ ضيا صاحب
جي اڻڇپيل شعر کي وڌيڪ صفحا ڏيو ۽ ضيا صاحب تي خاص مقالا لکائي شايع
ڪرايو. اڄ ڪلهہ اخبار ڇپائڻ لاءِ اِشتهار ڪٺا ڪرڻ، اخبار جو وڪرو ڪرڻ، ساليانا
گراهڪ هٿ ڪرڻ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي. توهان اهو هٿ ۾ ڪنيو آهي ان لاءِ
مبارڪون.

توهان جو پنهنجو

سيپٽمبر، ١٩٩٩ ڪمل پياسي

---

(١٠) ڀوپال

سدا بهار هجو شال، جناب منوهر بيدي عاجز صاحب

”ضيا“ ٽماهيءَ جو ٢-٣ انڪ مليو پڙهيم بيحد پسند آيو. مواد جي
چونڊ ۽ گيٽ اپ اهڙو تہ سهڻو آهي جو اوهان کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو
سگهان. هن رسالي جون ڪجهہ پنهنجيون خوبيون آهن. جهڙوڪ پرسرام ضيا صاحب
جن جو ڪلام ۽ ماستر چندر جو ڪلام پيش ڪيو ٿا جنهن مان پڙهندڙن کي سنڌي
شاعريءَ جي پراڻي رجهان جو پتو پوي ٿو. ٻيو نئين ٽهيءِ لاءِ ڪوتا جي بازي ۾
لڳڻ ڏيو ٿا ان سان سنڌي ٻوليءَ جا نوان شاعر فيض حاصل ڪندا ۽ ٻولي مالا مال
ٿيندي. ڪشور ڀوڄا 'جيون' جي ايڪانڪي ”ڏوهہ ڪنهن جو ؟“ اوهانجي
ايڪانڪي 'جان وئي تہ بہ وچن پالبو' / ۽ اروڻا بيدي (يا توهانجي ؟) ايڪانڪي

ڪويتائون قابل ذڪر آهن.

سدا حيات پرسرام ’ضيا‘ سنڌي ساهتيہ جا گهڙا پريا آهن، اِهو اوهانکي پنهنجي ٽماهي رسالي ذريعي ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي.

’ضيا‘ رسالي جو سِلسلو قائم رهي، ان لاءِ منهنجيون شُڀ ڪامنائون قبول ڪندا. سدائين گڏ.

قربن مان،

۷ سيپٽمبر، ۱۹۹۹ واشديو ’سنڌو-پارتي

(۸) احمدنگر

پريہ شري منوهر بيدي، ۽ نارائڻ ضيا کي نمستي،

عرض تہ ’ضيا‘ رسالي جو چوٿون انڪ پهتل آهي. مهرباني

ڏسي، خوشي ٿي جو هن صديءَ جي انت ۾ نئين صديءَ جي ساهت لاءِ نئين نموني جي رسالي، جي شروعات ٿي آهي. منهنجي طرفان واڌايون ۽ شڀ ڪامنائون.

بيدي صاحب،

توهان جو لکيل سمپادڪيہ ليکہ ڏاڍو وڻيو. بيباڪيءَ سان لکيل ان ليکہ ۾ توهان منهنجي من جون ڳالهيون لکيون آهن. اوهانجا ويچار وقتائتا ۽ پاٺڪن کي ويچار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندڙ آهن. رسالي ۾ سمپادڪيہ ڪيئن هئڻ گهرجي. ان جو اهو هڪ نمونو آهي.

رچنائن جي گوناگوني ’ضيا‘ رسالي جي هڪ اهم خاصيت آهي. ٻين سنڌي رسالن کان ڪجهہ الڳہ.

رسالي جي بهاني سرڳواسي پرسرام ’ضيا‘ سيني جي دلين ۾ سدا قائم رهندو. ’ضيا‘ صاحب جي پراڻي ڪويتا سان نئين پيڙهي، جُڙندي ۽ ان مهان ڪويءَ کي سٺي نموني سڃاڻي سگهندي. ’ضيا‘ رسالو ’ضيا‘ صاحب جو يادگار آهي.

اوهان ٻنهي کي آفرين !

ڌنيواد

شبوا ۾،

۳ سيپٽمبر، ۱۹۹۹ لڇمڻ هردواڻي

---

(١٣) احمدآباد

پريہ پراتا شري نارائڻ داس

خوش هجو شال. نهايت سِڪ ۽ پيار سان موڪليل پوڄنيہ دادا صاحب
ن جي ڪوٺان ڪوٺ آشريرواد سان پرپور ”ضيا (ٽماهي) ادبي رسالو“ مليو،
نهن لاءِ قرب پري ڏنيواد.

نانڪ، گيت غزل ڪوتا ڪهاڻي ۽ ادب جي لڳ ڀڳ هر شاخ کي ڇُهندي.
ن ساهتيڪ رسالي روپي گهاگهر ۾ جيئڻ ادبي ساگر اوتيو ويو آهي، اُن لاءِ
وهان بيشڪ کيرون لهڻيون.

اِن ڪشالي روپي ڪوشش پٺيان اٽڪ محنت، جفاڪشي، جاکوڙ، جوش
جذبي سان، هڪ ٽوبو ٻڌجي، ٽبيون ڏيئي، ادب جي اونهي عميق مان نوان
راڻا بي بها ادبي موتي هٿ ڪري هن رسالي جي سونهن سوڀيا ۾ تجليدار
ضافو آڻيندڙ، اسانجي دلبر دوست ”منوهر بيدي“ واڌايون لهڻيون. منهنجون
يس پيار پريون شڀ ڪامنائون ڏيندا.

رسالي روپي هيءُ ادبي مشعال، جهلڪا ڏيندي، وِڪ وِڪ تي وڌندي
هي، اهڙي اسانجي پيار پري آشا آهي.

قربن مان،

آڪٽوبر، ١٩٩٩ — چمن شرما

---

(١٤) ڀوپال

پوڄنيہ آدرڻيہ شري نارائڻ داس جي ۽

آدرڻيہ شري بيدي صاحب

توهان جو پرچو پهتو - مهرباني.

توهان ساهتيہ جي شيوا ڪري رهيا آهيون تنهن لاءِ توهانکي واڌايون
جن لک لک. ڀڳوان توهان تي مهربان ٿيندو ڪم اڳتي وڌنو. اسان جون توهان
شڀ ڪامنائون آهن.

پيارا ادل - اڳمان ٻہ اخبارون خريد ڪري پڙهندو آهيان - باقي
برريءَ ۾ اخبارون پڙهندو آهيان. ڪنهن ڪان فري اخبار نہ وٺي پڙهندو آهيان.
ڪو وڏيڪ اخبار خريد ڪرڻ جي گنجائش نڪو هئسيت آهي. تنهن ڪري

”حق پرايا نانڪا...“ پرچي جي سونهن آهن. شيخ اياز جي ايڪانڪي (منظوم ناٽڪ) ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“ سچي ڪوتا ۾ آهي. سنڌي ۾ اهڙي ايڪانڪي اڃا نہ ڏٺي اٿم هوندي ضرور. اوهانجي ليکہ ۾ رنگہ تغزل ۾ چند ۽ ٻحروزن بابت ڏنل چاڻ ڪارائتي آهي. ايم. ڪمل جو مختصر خاڪو وٽيو. ڪمل جي ڪوتا جي ادبي اوکہ ڊوکہ اچا ڪانہ ٿي آهي. ان جي سخت ضرورت آهي. اُميد تہ ”ضيا“ رسالو اهو ڪم هٿ ۾ کڻندو. ”ضيا“ جو ۴-۵ انڪ نڪتو هجي تہ ڪاپي موڪليندا چندو موڪليندس.

بنده

۱۸ آگسٽ، ۱۹۹۹   ڪيمن مؤلاڻي

(۱۱) اُڌيپور

پريہ متر نارائڻ

تنهنجو قربنامو مليو. احوال معلوم ٿيو. هينئر منهنجي شريمتي جي تندرستي اڳي کان بهتر آهي. سنڌي وڪاس سمتي لاءِ مونکي هن دفعي پڻ جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو آهي. مان سمتيءَ معرفت سنڌيءَ جو پرچار چالو ڪيو آهي ۽ سنڌي ڪلاس پڻ کوليو آهي. مان اڪادمي جو ميمبر ڪونہ آهيان پر اڪادمي ڪافي عزت مان ڏيندي آهي.

پارن لاءِ پيار،

قربن مان،

ڪشور ڀوجا

۲ جولاءِ، ۱۹۹۹

(۱۲) آبو ڌابي

پريہ پراتا نارائڻ داس،

سدائين خوشي ۽ آباد هجين. هن کان اڳہ هڪ ليٽر لکي چڪو آهيان. اُميد اٿم مليو هوندو. اُن سان گڏ نئون نظم ”هليا ويندا سين“ ’ضيا‘ جي ايندڙ پرچي لاءِ موڪليو اٿم. وجهڻ جي ڪرپا ڪندا. ضيا صاحب جي جنم ڏن جي موقعي تي سنڌين لاءِ هڪ سنديش بہ هن سان گڏ موڪلي رهيو آهيان. وقت جي ڪميءَ ڪارڻ ڪيترين ڳالهيون اَڻ پوريون رهيون آهن. اُن لاءِ معافي طلبگار آهيان. شري منوهر بيدي ۽ توهان صاحبن کي وري بہ ڌنيواد ڏيان ٿو جيڪي سنڌي ٻوليءِ ساهتيہ جي ڪاريہ ۾ جس جا ڀاڳي ٿيندا.

۱۷ جون، ۱۹۹۹   ناري ’ناچيز‘

توهانجا هي ڪتاب اٿم. گھڻو پسند پيا آهن.

١. گيت برهہ جا

٢. سچو ساٿي - منهنجي گرديو سوامي ٻوڏراج صاحبن جو هنديءَ ۾.

سچو ساٿي -هٿ هرڪو پڙهي پيو. مهرباني- ان گرنٿ جي هميشه گھرج آهي.

٣. آلاپ ضيا : 'ويا آخر وڃڻ وارا' حال روز ٻڌان. ڪنهن ڳايو آهي. منهنجو سڀ کان پيارو گيت آهي.

٤. ضيا : حقيقت - پستڪ جي آرسي آهي ۽ سونهون آهي.

٥. ضيا - انڪ ٢ ۽ ٣ : آرتي راج چندر - آخر ۾ تمام سٺو جو لکيو اٿو.

٦. روحاني راهہ : خيال جون ڪڙڪيون کولي ٿو ۽ اندر ۾ آتمڪ آنند ۽ اُلهاس اُتپن ڪري ٿو.

پيارا نارائڻ : ڌارمڪ ساهتيہ ۽ اتهاسڪ خزانو ڏنو اٿئي - وڏي وڏي مهرباني مان ۽ ٻيا جيڪي اڃان سنڌي پڙهي ڄاڻن ۽ پڙهڻ لاءِ چاهہ اٿن. سي آميريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ پيا پڙهندا.

٢٠٠ روپيا موڪليانءِ ٿو.

سنڌ جي سڪ سان

١٥ آگسٽ، ١٩٩٩ — موتي لعل

---

(١٧) جوُنا ٻُڙهہ

برادرم شري بيدي صاحب !

اُميد تہ باغ بهار هوندا،

جيئن تہ توهان جو ڀاءُ سريچند 'جگري' کي موڪليل ''ضيا'' جو انڪ ٤ مونکي بہ پڙهڻ جو موقو مليو.

''ضيا'' رسالو توهان اهڙي وقت شروع ڪيو آهي جنهن وقت سنڌي ٻولي آخرين پساهہ کڻي رهي آهي. ائين محسوس ٿي رهيو آهي جڻ ريگستان ۾ ڪو نئون گل يا ٻوٽو ڄائو آهي.

پيج نمبر ٤ تي توهان لکيو آهي تہ ''هيءُ رسالو نئين نهيءَ ۾ اُمنگہ ۽ اُتساهہ وڌائڻ لاءِ شروع ڪيو آهي.'' سو ڀاءُ بيدي توهان جي ڀاونا بلڪل شُڌ

اڳتي لاءِ پرچو نہ موڪلڻ فرمائيندا تہ اوهان جو شڪر گذار رهندس. سيني لاءِ نمسڪار،

اوهان جو نيازمند داس

ماستر گيلارام رائچنداڻي — ا سيپٽمبر، ۱۹۹۹

(۱۵) اجمير

پريہ پراتا شري منوهر لعل بيدي،

شال ساڻين ساڻ پريوار سميت خوش ۽ بهار رهين.

ڀاءُ ! توهان جي سمپادڪي هيٺ 'ضيا' ادبي رسالي جو ڇوٿون انڪ جون ۱۹۹۹ جو آڪٽوبر ۹۹ جي پهرئين هفتي ۾ پهتل آهي. عرصي بعد توهان کيئن ياد ڪيو، حيراني سان گڏ گهڻي خوشي ٿي. پراڻيون يادگيريون تازيون ٿي ويون. اجمير ۾ شروعاتي عرصو توهان کي بہ بخوبي ياد هوندو ئي.

جئين تہ ايڊريس وارو ڪور ڦاٽل هو انڪري معلوم ٿي نہ سگهيو تہ رسالو موڪليندڙ ڪير آهي. وري بہ اندازي انوسار پهچ موڪلي رهيو آهيان. باقي رسالو تہ اڃا بعد ۾ آرام سان پڙهندس. جنهن-۲ ياد ڪيو آهي ان لاءِ ڌنيواد.

ضيا صاحب سان ملاقات تہ ڪانہ هئي ليڪن هن اجمير ۾ سندن ڀاءُ ''گل'' کي پورو پورو ساٿ ڏيئي رهايو ۽ وسايو ويو. هر طرح سان ساڻس قرب رهيو. ضيا ساهتيہ مالا ۾ سندس پتر نارائڻ جو سٺو سهيوگہ نظر اچي ٿو. ان لاءِ هن کي شاباس. منهنجو توهان لاءِ ادبي رسالي ني روشن آئينده لاءِ شڀ ڪامنائون سويڪار ڪندا. ياد لاءِ وري بہ ڌنيواد

قربن مان،

ايسر سنگهہ بيدي — ۹ آڪٽوبر، ۱۹۹۹

(۱٦) آمريڪا

پيارا ڀاءُ نارائڻ ضيا

اڄ آزاديءَ جو ڏينهن آهي. سنڌ-۵۲ سال اڳہ ويئي. هاڻ سنڌي ڀاشا وڃي رهي آهي.

اسين جي سنڌ مان رشت پشت ٿي آياسون، تن مان ۹۰ سيڪڙو مئي آهن. هيٺ دنيا ۾ آهيون ۱۰ : (مئي وارا سَڌي رهيا آهن)

ڪافي ڏکي محسوس پيو ڪريان. پنهنجن ٻارن کي سنڌيءَ ۾ پڙهائڻو آهي پوءِ ٻه لاچار آهيان جو اينڊڙ سال منهنجو ٻار ٦ درجي ۾ پهچندو ۽ اِسڪول سنڌي نه هجڻ سبب بند ٿي رهيو آهي.

توهان صاحب اڄان ٻه نصيبدار آهيو جو اُلهاسنگر ۾ سنڌيت ۽ سنڌين جي وچ ۾ آهيو شايد اُلهاسنگر، ڪبيرنگر، بڙودا ۽ شايد ٻيا ٻه ڪي شهر هوندا جي مون نه ڏٺا آهن. اُتي اڃان ڪجهه سال سنڌي اِسڪول وغيره چالو رهن ايشور ڪا سنڌين مٿان مهر ڪري جا تي پاڻ سنڌي ته ”انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي ويٺا آهيون“ ”جنهن ڏار تي ويٺا آهيون اُن کي ئي پيا ڪٽيون“

اهڙي خراب وقت ۾ ”ضيا“ مخزن ڪڍڻ سچ-پچ وڏو ساهس آهي. شري پرسرام ضيا صاحب جي پُٽ هجڻ ناتي شري نارائڻداس اِهو ڏکيو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. اِهو ته اِئين ٿيو جئين چوندا آهن ته ”پُٽ اُهو جو مائٽن جو نالو تاري سچ پچ پتا صاحب جي ساهتيه ساڌنا ۾ وري پُٽ اُن ڪم کي اڳتي وڌائن اهڙن سپوتن کي هزار بار سلام آهن. شال سڀ سنڌي اهڙا سپوت ٿين. منوهر بيدي صاحب کي ٻه صلاح ته هاڻ سامي صاحب وارو مٽڪو کوليو ٢٠٠ ڪتاب لڪيل پيا هجن ۽ اُهي ڇپجن نه - اِهو ته پنهنجو پاڻ سان ظلم ٿا ڪريو.

ٻائي نيوندو واڌواڻيءِ وارو خط ٻه ”ضيا“ ۾ پڙهيو اصل ۾ درسنيءَ ۾ سندس ڏيکاريو اٿئين. دل جي ڳالهه چئي اٿئين. اِهو حال سيني پاسي آهي. تازو مون ٻه شڏ جينت ريلوي راجڪوٽ واري گرجر سنڌو چوڏس اخبار جي چندي لاءِ پيچ ٽڪ سامهون هلي ڪري گهرايو مانس -ڪجهه چندا ورتا ٻه آهن ٣٥ ڪٽي ١٠٠ گراهڪ ڻاهڪ جو اِرادو اٿم - پين ٢٥ اهڙي ٻه نڪتا جو ٣٠-٠٠ چندو وٺي. اچ دان ۾ غزم، دوها، بيت، سورٺا ويخره وزن، الڪان مائلائون، ڪافيرڊينو و جي مڪمل ڄاڻ مريدي ۾ ڏجو، ته بهتر ٿيندو.

بل ٿي سڀ سٺو برابر آهي.
نئين ٿهيءَ کي تيار ڪريو. بس
وڌيڪ سڪ
جذبات جو ڳالهيون آهن ڪيترو لکان ؟
حال في الحال ايترو ئي سڪ

قربن مان،

٢١ سيپٽمبر، ١٩٩٩ شريچند ”جگري“

آهي مگر اڄ ڪلهه جي نئين ٽهيءَ کي ماتر ڀاشا لاءِ پريم آهي ئي ڪاٿي جو توهان اُنهن جو اُمنگ ۽ اُتساهه وڌائيندا. دل ۾ نه ڪندا. مان توهان کي پنهنجو هڪ آزمودو ٿو ٻڌايان.

اسان وٽ هڪ ٻه منڊليون ٺهيل آهن جيڪي گهر گهر ۾ وڃي ستسنگ ڪنديون آهن. تنهن ۾ پهرين ته پنج ست ڄڻا مس هئا مگر هاڻ تعداد وڌيو آهي. اُنهن وٽ پڇڻ جا بڪ ٺهيل آهن جن ۾ اکر گجراتي ۽ ڀاشا سنڌي. پڇڻ تي جواب مليو ته سنڌي اکر اچن نه ٿا پر گجراتي پڙهڻ ۾ سولا ٿا لڳن ۽ مزو ٿو اچي.

هاڻ توهان ئي چئو جن کي سنڌي اچي ٿي سي ٻه پڙهڻ کان ڪترائن ٿا نه جن کي اچي ئي نه ٿي تن تي ڪهڙي ميار.

توهان جو ''ضيا'' رسالو خوب ترقي ڪري اهڙي منهنجي شڀ ڪامنا آهي. ٻيو عرض ته ''ضيا'' صاحب جون رچنائون ''ضيا'' رسالي ۾ خاص ٢-٣ هجڻ گهرجن. جيئن مون جهڙا ساهتيه جا ديوانا لطف وٺي سگهن.

مان سرٻواسي شري اندر ديو ڀوڄواڻي جو شاگرد آهيان. ڪڏهن ڪڏهن قلم هلائيندو آهيان. ٻه رچنائون موڪليان ٿو. جوڳي جاءِ ڏيندا. شڪريا.

قربن مان،

٢ آڪٽوبر، ١٩٩٩ گوبندرام ريجهواڻي ''آنند''

---

(١٨) جوُناڳڙهه

آدرڻيه شري منوهر بيدي صاحب،

آدرڻيه شري نارائڻ پرسرام 'ضيا' صاحب

اُميد ته خوش آهيو !

اوهان صاحبن جي سڪ ڀري سوکڙي ''ضيا'' جو ٽماهي ادبي رسالو مليو آهي (جون ١٩٩٩) اڄ ئي اڌورو پڙهيو اٿم باقي رات جو پڙهندس. پهرين نظر ۾ ۽ اڌ پڙهڻ ۾ ئي ڪافي لطف آيو. ڪافي معياري رچنائون رسالي ۾ شامل ڪيون اٿو.

ادل، سنڌي ساهتيه جي حالت سبب هڪ ساهتيڪار ناتي مان پاڻ ڪافي نراش ۽ پاڻ کي دکي پيو محسوس ڪريان هن ڀاسي ٻه هاڻي گجراتي يا انگريزي ماڌيم ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جو مرض لاڳو ٿيو آهي.

سنڌي اسڪول ٻه ڏڙا ڏڙ بند ٿي رهيا آهن. اِهي حالتون ڏسي پاڻ کي

ايم. رفيق / غزل

١) شاعر سنگيتڪار جي صحبت رهي آ
سنگيت شاعريءَ جي محبت رهي آ

٢) هو چنڊ تارا ۽ گلشن جا پوٽا
شاعر جي دل جي نزاڪت رهي آ

٣) هو ساگر ڪنارو ۽ ڪي مشڪندڙ چهرا
ڪنهن شاعر جي دل جي حسرت رهي آ

٤) جڏهن گيت ڪوئي ڪنهن سر ۾ سجائي
تڏهن ساز سُر جي حڪومت رهي آ

٥) مونکي شعر-بيوس ننڊ مان جاڳايو
سندس بيوسيءَ جي نہ قيمت رهي آ

٦) ڇا مشڪندڙ چهرو، ڇا شاعري ضيا جي
سندس شاعريءَ ۾ شرارت رهي آ

٧) حسن عشق جو آهہ ميلو انوکو
سندس مرڪ دل ۾ امانت رهي آ

٨) نئين روشني آ، نئين زندگي آ
بندگي بندن جي خصمت رهي آ

٩) چندر پي جو عشق مان سنگيت چيڙيو
سندس جادوئي سُر جي عظمت رهي آ

١٠) بيوس ضيا ۽ ماسٽر چندر جي
زماني کي اڄ پي ضرورت رهي آ

١١) سنگيت شاعريءَ جي انوکي سنگم تي
هميشهہ الاهي عنايت رهي آ

١٢) هي سرهاڻ سنڌ جي آ ڦهلي جهان ۾
رفيق رب ڏٽيءَ جي رحمت رهي آ

ٻال ڪهاڻي / بي. رام ''سنڌو''

ناسمجهه ڇيلو

رات جو زبردست برسات پيئي هئي. صبوح جو هوئن ڪان وڌيڪ اس هئي.

ڇيلي ماءُ جو کير پيٽ ڀري پيتو. پوءِ گاهه سنگهندي ٽپا ڏيڻ لڳو. کيس ڏاڍو مزو ٿي آيو. هو تيز ڊڪڻ لڳو. پهريائين ته ماءُ جي سامهون ٽپندو رهيو پر پوءِ جڏهن هوا ڀرجي ويس تڏهن هو ٿورو پريان وڃڻ لاءِ سوچڻ لڳو. ماءُ ته چيس، ''پٽ! پري نه وڃ. جهنگ ۾ گم ٿي ويندين.'' پر ....

هو ٿورو اڳيان پري نڪري ويو. هن پريان ئي رڙ ڪري چيو، ''امان! ٿوري ئي وقت ۾ راند روند ڪري واپس موٽي ايندس. تون منهنجي چنتا نه ڪر. مان رستو ڪين ڀلندس!''

ماءُ منع ڪندي رهي. پر هو ته ڪافي پري وڃي چڪو هو. کيس پنهنجي عقل تي وڏو ڀروسو هو! ماءُ جي منع ڪرڻ تي کيس غصو به آيو.

ڇيلو راند ۾ ايترو مشغول ٿي ويو جو ڊوڙندي ڊوڙندي کيس رستي جي خبر ئي نه رهي. پهريون دفعو جهنگ ڏٺو هئائين ماحول مست لڳي رهيو هوس. دل ٿيس ته اڃان پر ڀرو وڃي جهنگل ڇڱي طرح ڏسي وٺان. هو اڳيان وڌي ويو. سچ پچ ته هو هاڻ جهنگل ۾ رستو ڀلجي ويو هو. حقيقت کيس تڏهن معلوم ٿي جڏهن هو ٿڪجي پيو. جڏهن واپس موٽڻ چاهيائين ته کيس رستي جي خبر ئي ڪين پئي. هو ڪنڊن وارن ٻوٽن جي وچمان رستو ڳولڻ لاءِ ڀٽڪندو رهيو.


''اڙي! تمام سنو ٿيو جو تون اچي وئين! مونکي ته ڏن ڏينهن ڪان کا نه مليو آهي.'' چوندي ڀر واري ٻوٽي پنيان هڪ وڏو بگهڙ نڪري آيو. ٻڪريءَ جي ٻچي کي نه ئي جواب ڏيڻ جو وقت مليو ۽ نه وري روئڻ ج

ٻچارام ايل. ليڏواڻي
ملنڊ، ممبئي ٨١ فون- ١٢٣٢

"راڌاسوامي"

وڇڙيا آهيو پر وسريا نہ آهيو !

پوتر يادگيري ۾ سمرپن



پوڄ پتا صاحب
شري لڇمڻداس
ٽي. ڪلواڻي



پوڄ ماتا صاحب
شريمتي ڪشني ٻائي
لڇمڻداس ڪلواڻي

شيوا ۾

سندرداس - ڀڳوانداس

لالچند - رميش ڪمار - هريش ڪمار (پٽ)

۽ ڪلواڻي ڪٽنب پريوار

With Best Compliments From

RAJNEESH TRADERS

GROUP OF COMPANIES, DUBAI (U.A.E.)

KALWANI BROTHERS

Rajneesh Villa, A-330, Shastri Nagar, Jodhpur (Rajastan)

''جئہ رامجي کي''



سُندر سکيائون

ستگرو سوامي ليلاشاھہ مهاراج

چاھين جي نيڪ منش ٿيان تہ نيڪ ڪاريہ ڪر،
خلق خدا جيءَ سان ڀلائيءَ جا پير ڀر،

(۱) مشهور ملڪ ۾ جي ٿئين شير سر بسر،
خدمت ۾ غريبن جي ڪر تون زندگي بسر؛
پيارو ڪرين جي پاڻ پنهنجو خاص عام ۾،
دفتر جي درج ڪر تون نانءُ نيڪ نام ۾،

(۲) هر وقت حفاظت ڪر هيڻن جي حال جي،
ٻڌ ڳالھہ دل وجان سان پيارا ڪنگال جي؛
ڪر پيروي تون پاڻ، خلقت جي خيال جي،
پوري ڪجانءِ گهرج جا سهڻي سوال جي.

(۳) اهڙو مزو نہ آهي دنيا جي آرام ۾،
جهڙو مزو جهان جي شيوا نشڪام ۾،
ڇا ٿيو ٺاهي باغ بنگلا بہ اڏياسين
مشهور شاھہ سيٺ ۽ شاهوڪار سڏياسين.

(۴) ڪنهنجي نہ ٻڌيسين نہ ڪنهن سان ئي ڳڏياسين،
اڄ نہ سياڻ يار هتان نيٺ لڏياسين،
پوءِ ڇا ڏبو جواب پنهنجي انت ڪال ۾،
جو عمر وهي ويئي سڄي خام خيال ۾.

(۵) جمڻ سنڌي ڏينهن، ڪي آندو نہ ساڻ تو،
مفت لڳي موھہ ۾، ڪيو گهات پاڻ تو،
ويندين بہ سڄو صاف ڇڏيندين وٿاڻ تون،
۽ روئيندين، زارون زار، اهو ڄاڻ تون.

(٦) رهندين تون ڀلا ڪيترو فاني جهان ۾،
رهندو ئي نيڪ نام سڀ ڪنهنجي شان ۾،
وڏيل صلاح سهڻي، سهڻو سبق اهو اٿئي،
مڃي نہ مڃي يار مگر مڃڻ حق اٿئي.